# چنڊ جون ڪلائون

"انور" هالائي



سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
۱۴۱۳ھ/۱۹۹۲ع

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# چنډ جون ڪلائون

# چنڊ جون ڪلائون

•

"انور" هالائي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو / حيدرآباد سنڌ.
١٤١٣ھ / ١٩٩٢ع

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

چاپو پهريون سال ١٣١٣هه/١٩٩٢ع تعداد ٢٠٠٠ ڪاپيون

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: هڪ سو پنجويهه روپيه
[ Price Rs: 125-00 ]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بُڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.
(جي . پي . او باڪس نمبر ١٢)

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچايو يوسف زئي ڇپيو، ۽ امداد حسيني، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# انتساب

نهايت محبّت ۽ عقيدت سان اُنهن احسانن جي شڪريه ۾ جيڪي مونتي قبلہ سائين مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولیٰ جن ڪندا رهيا، سندن نام نامي اسم گرامي جي نالي منسوب ڪريان ٿو، جن جي شفقت ۽ عنايت سان نہ رڳو منهن جي زندگي سڦلي گذري بلڪ منهن جي شاعريءَ کي بہ عروج تي پهچائڻ جو وسيلو ڏنو.

هالا — گر قبول افتد رهي عزّ و شرف

۲۸-٦-۱۹۹۱ع — عقيدت مند

انور هالائي

چنڊ! تون هردم ڪلائن جي سهاري ٿو وڌين
منهنجو دلبر جئن ڪٿي پرده مه ـ ڪامل ٿئي

# چند سطرون

محمّد شفيع اصل مسلم پوءِ انور هالائي ڪهنه مشق شاعر آهي. سندس ڪلام ۾ منهنجي پسند جي خلاف هندي زبان به مستعمل ڪئي وئي آهي. ان جو اهو مطلب ڪونه ورتو ته انور صاحب جو ناڪاره ڪلام آهي. سندس ڪيترائي نهايت عمده شعر ”چند جون ڪلائون“ ۾ موجود آهن - جن جو مثال ٻي ڪنهن شاعر جي ڪلام ۾ ڪونه به ملندو - بلڪ دل چوندي آهي ته اهو شعر جيڪر آءٌ لکان ها ته ڏاڍو چنگو ٿئي ها.

٢٦ - نومبر ١٩٩١ع مخدوم طالب المولىٰ

هالا

# ڇپائيندڙ پاران

"چنڊ جون ڪلائون" انور هالائيءَ جي ڪلام جو مجموعو آهي. انور هالائي، پنهنجي روايتي شاعريءَ ۾ هڪ پڪو پختو شاعر آهي. هن نظم، قطعه، ڪافيءَ جي صنفن تي به طبع آزمائي ڪئي آهي؛ پر بنيادي طور تي هو غزل جو شاعر آهي. هو حمد ۽ نعت به غزل جي زمين ۾ ئي لکي ٿو. توڙي جو "وطن نامه" ۾:

جڏهن قاتل چتين تي ڪين هوندا ڪي ڪلڻ وارا

❁

جڏهن سرمائيداريءَ جو جهان بلڪل فنا ٿيندو

❁

جڏهن ڇهرن جي زردي خون مائل ٿيندي عزت سان

❁

جڏهن تارا لهي ايندا جهان تن جو مڪان ٿيندو.

يا جيئن "سنڌ نامه" ۾:

اوچي ان جي اعليٰ ٻولي
جنهن جي منڙي آهي لولي

جهڙيون سٽون ملن ٿيون؛ پر انور هالائيءَ جي شاعريءَ تي "تغزل" حاوي آهي. جنهن لاءِ پيش لفظ ۾ لکيل آهي ته: شاعريءَ جي ٻي ڏڙڪ ۽ پاڪيزه صنف غزل آهي

ڇا به چيو وڃي، پر بهرحال "غزل" ۽ خاص طور تي روايتي غزل هڪ ڏاري صنف آهي ۽ ان جي سڄي فضا به ڏاري ۽ اُڌاري ئي آهي.

سيد امداد حسيني
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو سنڌ
مورخه ٢٥، آگسٽ ١٩٩٢ع
(١٢ بجه رات)

# پنهنجي پاران

منهن جي شاعريءَ جو هي مجموعو "چنڊ جون ڪلائون" صاحب ـ ذوق حضرات آڏو پيش آهي. هن مجموعي ۾ منهن جي پنجاهه ساله شاعريءَ جو مڪمل انتخاب موجود آهي. ١٩٣٢ع ۾ جڏهن منهنجو پهريون نظم "اديب سنڌ" رسالي ۾ ڇپيو هو تڏهن آئون ڪيڙن ۾ ئي نه پئي ماپيس. اُن وقت جيڪا هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ سياسي ڇڪتاڻ هلي پئي جنهن جي نتيجي ۾ مسلمانن پنهن جي جداگانه ملڪ جي گهر ڪئي هئي اُن حالات کان متاثر ٿي مون پنهنجي لاءِ "مسلم" جو تخلص منتخب ڪيو هو جيڪو ١٩٤٧ع کان پوءِ ڦيرائي "انور" رکيم جيڪو اڳتي هلي انور هالائيءَ جي نالي سان متعارف ٿيو.

منهن جي شاعريءَ جي شروعات پنهن جي رڏي ياءِ سليم هالائي جي شاعريءَ کان متاثر ٿيڻ بعد ٿي. سليم صاحب کان آئون باقاعدي اصلاح وٺندو هوس. ١٩٣٦ع ۾ مسلم اسڪول هالا جي اڱڻ تي مرحوم انجم هالائي هڪ آل سنڌ مشاعرو سڏايو هو جنهن جي صدارت قبله مخدوم محمّد زمان طالب المولیٰ جن ڪرڻ فرمائي هئي اُن مشاعري جي مصرع طرح اُن وقت هالا هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر مرحوم محمد اسماعيل عرسائي "فدا" ڏني هئي ته

"چمن جو جلوه باعث آسندم رنگين نوائي جو"

اِن مشاعري جو سيڪريٽري آئون هوس. هالا ۾ اهو پهريون پبلڪ مشاعرو هو. سليم صاحب جي نوڪري سانگي شهر کان ٻاهر رهڻ ڪري مون مرحوم اختر هالائي وٽ شاگردي اختيار ڪئي جنهن مون کي علم عروض ۽ علم بدايع صنايع جا قاعدا قانون پڙهايا جنهن ڪري آئون شاعريءَ جي اصولن کان واقف ٿيس ۽ منهن جي شاعري استاد اختر جي زير سايه پروان چڙهڻ لڳي. ١٩٥١ع ۾ انجمن اهل ـ

ادب طرفان هڪ ٽن ڏينهن جي ادبي ڪانفرنس سروري اسلاميہ ڪاليج جي بيت الحڪمت هال ۾ منعقد ٿي. انجمن جو جنرل سيڪريٽري آئون هوس. اها ڪانفرنس نهايت ڪامياب ٿي. مرحوم علامہ آءِ آءِ قاضي هن ڪانفرنس جو افتتاح ڪيو هو. اِن ڪانفرنس جي هڪ نشست مشاعرو بہ هو. جنهن جي مصرع طرح هئي.

"مزو آهي مہ نوڪي مہ ڪامل بنائڻ ۾"

ان مشاعري ۾ سنڌ جي جدا جدا حصن مان آيل اٽڪل سٺ پنجهٺ شاعرن پنهنجا شاهڪار پڙهيا.

اهو مشاعرو ۹ بجي رات کان شروع ٿيو ۽ صبح جو پنجين بجي تائين هليو.

۱۹۵۱ع ۾ جڏهين هالا ۾ فردوس رسالو نڪتو تڏهين هالا شهر مشاعرن جو مرڪز هو بزم فردوس طرفان ماهوار مشاعرا ٿيندا هوا جن جو انتخاب هر ماهہ فردوس ۾ شايع ٿيندو هو، سروري اسلاميہ ڪاليج ۾ بزم سروري بہ پنهنجا شاندار مشاعرا منعقد ڪيا جنهن جو روح رواں محبوب سروري هو. ڪاليج جو پرنسپال پروفيسر محبوب علي چنہ هو جيڪو مون کي حد کان وڌيڪ پائيندو هو هُن منهن جي شاعريءَ لاءِ منهنجي نوٽبڪ تي لکيو آهي تہ "گلشن بهار انور جي گلگون ۽ بوقلمون گلن جي سونهن پري سڳند محبوب پس ورده جي خستہ دماغ تائين پهچي دل جي تهن کي ضو فشان ڪيو"

ان کان سواءِ رفيق ويلفيئر ڪمپني جي ذيلي شعبہ بزم رفيق طرفان پڻ هر ماہ تي تمام سٺا مشاعرا ٿيندا هوا جن جا روح رواں محترم منصور ويراڳي ۽ ساقي ابڙو هوا. بزم رفيق طرفان سال ۾ ٽي وڏيون تقريبون ٿينديون هيون. هڪ نعتيہ مشاعرو جيڪو ربيع الاول جي ۱۲ تاريخ ٿيندو هو. اُن کان سواءِ ٻنهي عيدن تي بہ وڏا مشاعرا ٿيندا هوا جن ۾ سنڌ جا سٺا ۽ وڏا شاعر شرڪت ڪندا هوا. اُنهن سيني مشاعرن جي صدارت قبلہ مخدوم طالب المولیٰ صاحب جن ڪندا هوا

۽ فجر نماز مهل ختم ٿيندا هوا. اُن کان پوءِ ١٩٥٦ع ۾ جڏهين بزمِ طالب المولىٰ جو بنياد پيو تہ سنڌ جي جدا جدا شهرن ۾ سٺا سٺا مشاعرا منعقد ٿيندا رهيا.

مشاعرن ۾ شرڪت ڪري جميعت الشعراءِ سنڌ طرفان آل سنڌ- ادبي ڪانفرنس ۾ حاضري ڏيڻ سان اُستاد اختر جي نوازشن ۽ مهربانين باعث منهنجي شاعريءَ ۾ پختگي ايندي ويئي ۽ آئون مسلسل لکندو رهيس. ڇهين ڏهاڪي ۾ ١٩٥٩ع ۾ اختر صاحب جي وفات ۽ ١٩٦٠ع ۾ منهنجي والد جي وفات بعد مون کي ۽ منهنجي شاعريءَ کي ڏاڍين مايوسين جو منهن ڏسڻو پيو.

١٩٦٠ع کان ١٩٧٠ع تائين ستين ڏهاڪي ۾ هالا ۾ ننڍيون وڏيون ادبي جماعتون وجود ۾ اچڻ لڳيون جن ۾ انجمن فروغِ ادب، الخالق ادبي اداره، بزم منور، بزمِ گل، سنياسي ادبي سنگت قابلِ ذڪر آهن. الخالق ادبي اداري جو نگران مرحوم غلام هالائي هو جنهن مون کي مشرقي علوم جو درس ڏنو ۽ امتحان ڏياريا جنهن ڪري مون اديب فاضل سنڌي ۽ اديب فاضل اڙدو نمايان پوزيشن سان پاس ڪيا. ساڻس سات سندس وفات تائين قائم رهيو. هالا جي ادبي جماعتن طرفان پڻ مشاعرا ٿيندا رهندا هئا پر جيڪي مشاعرا هالا ۾ بزم رفيق منعقد ڪرايا هئا اُهي نهايت يادگار مشاعرا هئا.

اِنهيءَ دوران سنڌ جي مختلف وڏن ۽ هم عصر شاعرن سان منهنجون صحبتون ٿينديون رهيون ۽ آئون اُنهن کان اصلاح وٺڻ ۾ حجاب محسوس ڪونہ ڪندو هوس.

١٩٦٥ع کان وٺي اڄ تائين قبلہ مخدوم طالب المولىٰ جي عنايت محبت ۽ صحبت منهنجي شاعريءَ ۾ نوان رنگ ڀريا آهن. مون ڪانئن بہ ڪيترن ئي موقعن تي اصلاح ورتي آهي جنهن جي نتيجي ۾ مون خود پنهن جو پاڻ کي بهتر شاعر سمجهيو آهي.

١٩٨١ع ۾ بزم طالب المولىٰ جي از سرِنو تنظيم بعد سنڌ جي

ڪيترن ئي شهرن ۾ مشاعرا ٿيندا رهيا. هالا ۾ بزم طالب المولى جا ڪنوينشن ٿيندا هئا. تازو سال ١٩٨٨ع ۾ ڪراچي ۾ جيڪا ادبي ڪانفرنس ٿي، اها هڪ مثالي ۽ يادگار ڪانفرنس هئي.

انهيءَ ۾ ڪو به شڪ نہ آهي تہ منهن جي سموري شاعري هن مجموعي ۾ شامل ڪونہ آهي ڇاڪاڻ تہ سوَ ڏيڍ غزل منهن جي غفلت ۽ لاپرواهي جي ڪري هيٺ مٿي ٿي ويا آهن جيڪي شايع ڪونہ ٿي سگهيا آهن. "چنڊ جون ڪلائون" ۾ مون ابتدائي غزل بہ ڏنا آهن. ڪتاب جي ترتيب ان طرح رکي وئي آهي جيئن جناب مخدوم امين فهيم پنهن جي ڪتاب "پيغام" ۾ رکي آهي، سڀ غزل مطلع جي پهرين اکر سان ترتيبوار رکيل آهن.

"چنڊ جون ڪلائون" ڪتاب جو نالو مون ان ڪري رکيو آهي جو مختلف موقعن تي منهن جي شاعري انهن ڪلائن وانگر گهٽجي ۽ وڌي آهي. هن ڪتاب ۾ سڀ عيب ۽ خوبيون شامل آهن شاعريءَ جي شروعاتي دوَر ۾ مون کي ساڪن متحرڪ جي خبر ڪانہ هئي. ان ڪري صبر، فڪر، ڪفر وغيره جا الفاظ مون فعو جي وزن ۾ ڪتب آندا آهن ۽ اهي غزل مون جيئن جو تيئن قائم رکيا آهن.

آئون قبلہ مخدوم محمّد زمان صاحب طالب المولى چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جو نهايت ٿورائتو آهيان جن پنهن جي ڪمال نوازش سان منهنجو ڪتاب شايع ڪرائڻ جو حڪم صادر ڪيو ۽ منهنجي ڪتاب تي نظرثاني ڪئي. ٿورائتو آهيان سنڌي ادبي بورڊ جي گورنرس باڊيءَ جو جن اُن کي منظور ڪيو.

سنڌ جي نوجوان شاعر مخدوم جميل الزّمان صاحب "جميل" جيڪا ٿورن سالن ۾ ترقي ڪئي آهي ۽ مون تي نظر عنايت ڪئي آهي ۽ هن ڪتاب ڇپرائڻ ۾ وڏي دلچسپي ورتي آهي انهيءَ لاءِ آئون سندن نهايت ٿورائتو آهيان.

[ اي ]

سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري محترم محبوب سروري" صاحب ۽ ٻني متاون عملي جو پڻ ٿورائتو آهيان جن هن ڪتاب ڪي محنت پيار ۽ ڏيان سان ڇپيو آهي.

"تاريڪين ۾ زلزلا پنجي رڀ، جڏهن
بي نور ٿيو قمر مه انور جي روبرو

هالا — انور هالائي

۲۰ـ جون ۱۹۹۱ع

# پيش لفظ

هر سٺو شاعر ڪنهن نہ واقعي جو نقش اهڙيءَ نہ اونهائيءَ ۽ چٽائيءَ سان چٽڻ جي ڪوشش ڪندو آهي جو شعر پڙهڻ سان اُن جو اثر هڪدم حواسن، دل ۽ دماغ تي ڇائنجي ويندو آهي. انور هالائي بہ اهڙن ئي قادرالڪلام شاعرن منجهان هڪ آهي. سندس شخصيت ڪنهن بہ تعارف جي محتاج ڪانهي، حاجي انور هالائي جيئن سندس معروف نالي مان ظاهر آهي هالا جو رهاڪو آهي. هالا جو شهر جيڪو نوح جي نگريءَ جي نالي سان ديسان ديس مشهور آهي سنڌ جو هڪ ناميارو شهر آهي. جنڊي، ڪاشي، سوسي، اجرڪ، سنڌي ٽوپي ۽ ڪاڏيءَ جي شهرت يافتہ هن شهر ۾ نولکي گوڏڙي مخدوم نوح رح جي درگاهہ پڻ آهي جنهن جو گادي نشين سروري جماعت جو روح روان مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ صاحب آهي.

انور هالائيءَ جو اسم گرامي محمد شفيع آهي. هالا جي معزز ۽ اعليٰ ابڙا خاندان جو چشم و چراغ آهي. سندس والد بزرگوار جو نالو احمد خان "شيدا" هو جيڪو پڻ بذات خود پنهن جي وقت جو چڱو موچارو شاعر ۽ اديب هو. سندس وڏا درگاهہ سروري جي گادي نشين مخدومن جا ذاتي آخوند ۽ قاضي هئا جيڪي شهر جي شرعي معاملن نبيرڻ کان علاوه مخدومن وٽ هالا جي پسگردائيءَ کان ايندڙ مريدن خواهہ معتقدن جا شرعي ٽوٽي ديني فيصلا پڻ نبيريندا هئا. ان ڪري کين وڪيلاڻي ملان ڪري سڏيندا هوا! انور هالائي جو سلسلہ نسب جو شجرو هن ريت آهي محمد شفيع بن احمد بن عبدالرؤف بن حاجي اسماعيل بن ميون عيسيٰ بن ميون اسماعيل بن آجدبن ميون اسماعيل ابڙو. ميون عيسيٰ پرياوءَ شريف کان پنهن جي ابن ڏاڏن

---

(۱) چنڊ جون ڪلائون

کان ڪاوڙجي اُن وقت جي هالا درگاھ جي گادي نشين مخدوم مير پير جي خواهش تي لڏي هالا ۾ اچي رهيا هئا ۽ هالا ۾ ئي پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ڪيائين. ميون عيسيٰ ابڙو جي قبر هالا ۾ مخدوم غلام حيدر واري حجري ۾ دروازي جي سامهون اڄ به موجود آهي. اِها خبر ڪانهي ته ميون عيسيٰ ابڙو جي حسب نسب جو سلسلو ڪنهن سان ٿو وڃي ملي ڇو ته هو اصل ۾ پريالوءَ شريف جا رهاڪو هئا ۽ انور هالائيءَ جي وڏن پريالوءَ شريف ۾ وڃي اُتي جي جهونن کان معلوم ڪرڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪو به ڪڙ تيل حاصل نه ٿيو.

فنونِ لطيفه جي سيني کان وڏيڪ تربيت يافته ۽ سيني کان وڏيڪ لطيف صورت ادب آهي. سنگتراشي ٺُڪڻ جو فن آهي ۽ مصوّري ليڪن جو فن آهي جڏهن ته ادب لفظن جي فن کي چئبو آهي. ادب جي قديم ترين ۽ فطري توڙي مقبول عام شڪل شاعري آهي ۽ شاعريءَ جي بي ڏڙڪ ۽ پاڪيزه صنف غزل آهي.

شاعريءَ جو اصل روح غنّايت (LYRIC) آهي.

ساحري ۽ شاعري ٻئي هڪ ئي قسم جون ڪوششون هيون ۽ ٻئي انساني نفس جي اُن قديم ترين تحريڪ جو مظاهرو هيون جنهن کي پرستش يا عبادت چون ٿا.

اِن تحريڪ جي ابتدا ته خارجي عالم اسباب مان هئي پر اُن کي صورت ڏيڻ واري قوت انسان جا اُهي تاثرات ۽ جذبات هئا جيڪي ٻاهرين دنيا جي تجربن مان انسان جي اندر ۾ رونما ٿيندا رهيا. ان ڪري ئي بدن جي حرڪات وسڪنات ۾ يا آواز جي شڪل ۾ اُن جو اظهار ٿيو ته ان ۾ زيرو بم يا تال و سم پڻ اچي ويو مقدّس ڪتابن جون سورتون ۽ آيتون سُرتار سان پڙهڻ جي لاءِ هونديون هيون ۽ بنا هيڪ جي اُن ۾ غالب خصوصيت اُهائي غنائيت يا غزليات آهي جيڪا شاعريءَ جو اصل ڪمال آهي.

ويد جا اشلوڪ، اوستا جون دعائون جيڪي گاٿا سڏجن ٿيون سي

عهد قديم (OLD TESTAMENT) ۽ عهد جديد (NEW TESTAMENT) جا اهم جزا سڀ نغمي يا سرود جو انداز رکن ٿا؛ ڪٿي عروض جي اصطلاحي معيار کان اُن تي شاعريءَ جو اطلاق ٿيندوئي نہ هجي. عهد قديم ۾ ليسعياہ، جرقيل ۽ ردانيال جي ڪتابن ۾ جيڪا تنبيهہ ۽ تلقين ڏنل آهي يا جيڪي اڳڪثيون ڪيل آهن اُهي پنهن جي جلال ۽ تمڪنت جي هوندي بہ لب و لهجي ۾ اُهوئي پُروقار گُداز رکن ٿيون جن کي اسان شاعريءَ جي سيني کان وڌيڪ پاڪيزہ صنف سمجهون ٿا.

پرمياهہ جا نوحہ لاڳيتي غزل جي ڏُن ۾ آهن. رت (RUTH) ۽ استر (ESTHER) جي ڪتابن ۾ اُهي ساڳيون ڪيفيتون تحرير ٿيل ملنديون جيڪي غزل سُرائيءَ لاءِ مخصوص سڌبيون آهن. جيتوڻيڪ پنهي ۾ قصابيان ٿيل آهن. حضرت ايوب ع جي ڪتاب (THE BOOK OF JOB) ۾ اُن تحرير جي طرز موجود ٿي ملي جيڪا تغزل جي اهم ۽ نمايان خوبيءَ ۾ شمار ٿئي ٿي. حضرت دائودع جا "زبور" تہ آهن ئي گيت، لفظ زبور جي لغوي معنيٰ ئي گيت آهي، امثال سليمان ع ۾ جيڪا متانت ۽ سنجيدگي ملي ٿي ان لاءِ غزليات کان سواءِ ٻيو ڪو لفظ آهي ئي ڪونہ ۽ حضرت سليمان ع جي هڪ ڪتاب جو تہ نالو ئي آهي "گيت" يا "گيتن جا گيت" (SONG OF SONGS) جنهن کي عربيءَ ۾ "غزل الغزلات" چوندا آهن. حضرت مسيح ع جي يادگار ملفوظات مان جيڪا بليغ نرمي ۽ لطيف گداز محسوس ٿئي ٿي اُن کي تغزل سان ئي تعبير ڪيو ويو آهي.

ڪاليداس جو "شڪنتلا" هجي يا شيڪسپيئر جو المناڪ ناٽڪ، هومرجي "الائيڊ" کان وٺي ملٽن جي "فردوس گمشدہ" تائين، "مها ڀارت" کان تلسيداس جي "رامائڻ" تائين ۽ "خدانامہ" کان "شاهنامہ" تائين قابلِ انتخاب يادگار اُهي ئي شعر ملندا جيڪي داخلي تاثرات ۽ جذبات جا آئينہ دار آهن ۽ جن ۾ اُهائي ڪيفيت ڇانيل آهي جنهن کي اسان غنائيت چئون ٿا.

مطلب تہ بقول شاھہ "جي تو بيت ڀانيا سي آيتون آهين" جي مصداق ابتدا کان وٺي ويندي اڄ تائين اظهار جو جيڪو طريقو استعمال لاءِ رائج العمل هو تنهن کي شاعري سڏيو ويو. جيئن پوءِ تيئن اُن جي هيئت ۾ تبديلي ايندي رهي. اُن جون صورتون نوان قالب اختيار ڪنديون ويون، نوان سانچا شاعريءَ کي نوان روپ ڏيڻ لڳا. نوان رخ مختلف صنفن جي نالن سان منظر ـ عام تي ايندا رهيا. ڪن کي مثنوي سڏيو ويو تہ ڪن قصيدن جي صورت ورتي. ڪي رباعين جي شڪل ۾ نمودار ٿيا تہ ڪن کي مرثيو چيو ويو، ڪي نظم جي شڪل ۾ ظاهر ٿيا تہ ڪن کي غزل جو نالو ڏنو ويو. اهڙي طرح بيت، ڪافيون، گيت، وايون، دوها، قطعا، هائيڪا وغيرهہ جنم وٺندا رهيا ۽ علم و ادب جي سر زمين زرخيز ٿيندي وئي.

انور هالائي جڏهن پنهن جي شاعريءَ جو آغاز ڪيو تڏهن سنڌ مشاعرن جو آماجگاهہ هئي. ڪڏهن جيڪب آباد ۾ مشاعري جو سڏ ٿيندو هوس تہ ڪڏهن ڪراچيءَ جي مشاعرن ۾ شرڪت لاءِ وڃڻو پوندو هوس. مطلب تہ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ علم وادب جون محفلون مچڻ لڳيون. بزم آرائيون ٿيڻ لڳيون ۽ علمي توڙي ادبي انجمنن جو ڄار سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙجڻ لڳو. اخبارون، رسالا ۽ مخزنون شعرو شاعريءَ سان مالا مال ٿيڻ لڳيون. اهڙوئي ماحول هو جنهن ۾ انور هالائي کي فن ۽ فڪر جي وسيع دنيا کي مطالع ڪرڻ جو موقعو مليو. پنهن جي نوجوانيءَ واري زماني کان وٺي هن شعرو شاعريءَ جي ميدان ۾ پير پاتو. اُن وقت جي ڪُهنہ مشق شاعرن سان گڏ نہ رڳو اُٿيو ويٺو پر اُنهن جي صحبت ۾ شاعريءَ جي صنف ۾ نہ رڳو پختگي ۽ شگفتگي حاصل ڪئي پر نواڻ ۽ ترنم ريزي پڻ پيدا ڪئي. سندس حلقہ معاصر ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، احمد خان آصف، حاجي محمود خادم، عبدالله خواب، سرشار عقيلي، ابراهيم خليل، جمعو خان غريب، حافظ محمد احسن، سليم ڳاڙهوي، امداد حسيني، سليم هالائي، انجم هالائي، اختر هالائي، ولي سروري، شمشيرالحيدري ۽ محمد

جمن هالو جهڙا پڪا پختا، آزمودگار ۽ ڪُهنہ مشق شاعر هئا جن جي شاعريءَ مان جوت ۽ جولان، ذوق ۽ استعداد، دانشمندي ۽ بصيرت جهڙين انيڪ خوبين سان فيضياب ٿيو.

انور هالائي پنهن جي پسند جي شادي ڪئي هئي جتي هُن جي دل هئي، جيڪا ڪيس پسند هئي ۽ جيڪا ڪيس وڻندي هئي تنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن روايتي طور تي جن اختلافن ۽ معاملن کي منهن ڏنو تنهن شايد سندس دل ۾ چاهت جي چڻنگ پيدا ڪئي هئي ۽ انهي ئي چڻنگ لاٽ بڻجي سندس شاعريءَ جي دنيا کي روشن ڪيو هجي. چت کي چريو ڪندڙ چاهت ڪيس شاعريءَ لاءِ هڪ اهڙو بنياد مهيا ڪري ڏنو جنهن کي سندس ذهانت، چابڪدستيءَ ۽ وارفتگيءَ اُهو رخ ڏنو جو اڄ سندس شاعريءَ جي تابناڪي عروج تي رسيل آهي.

انور هالائي جي شاعري پنهن جي نوع جي نرالي ۽ منفرد شاعري آهي، جيتوڻيڪ بادي النظر ۾ سيني شاعرن جي شاعري ساڳي نوعيت جي ۽ هڪجهڙي لڳي ٿي پر هرهڪ شاعر جي شاعريءَ ۾ هڪ اهڙي طرز ـ تحرير لڪل ٿئي ٿي جيڪا اُن شاعر جي سڃاڻپ لاءِ علامت طور مخصوص ٿي وڃي ٿي. اُهائي مخصوص ۽ منفرد ڇاپ ڪيس ٻين شاعرن جي صف ۾ الڳ ۽ مختلف مقام ڏيارڻ ۾ اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪندي آهي.

شاعري بہ ٻين سائنسن وانگر هڪ اطلاقي سائنس آهي. فرق رڳو هيءَ آهي تہ ٻيون سائنسون نظريا اڳ ۾ قائم ڪنديون آهن ۽ تجربا بعد ۾. پر اُن جي برعڪس شاعريءَ جي سائنس ۾ تجربا اڳ ۾ ٿيندا آهن ۽ نظريا بعد ۾ قائم ڪبا آهن، زندگي سماجي سائنس جو هڪ مرڪزي نقطو آهي جنهن ڏانهن سمورا تجربا عمل جي دور مان گذرن تا ۽ نتيجا نظرين يا اصولن جي شڪل ۾ ظاهر ٿين ٿا. زندگيءَ جا انيڪ رخ هئڻ ڪري هر هڪ رخ انيڪ معنائن کي روشن ڪري ٿو. شاعر پنهن جي شاعريءَ ۾ اُنهن معنائن کي علامتن

سان سينگاري ۽ سنواري غزل جي دنيا کي اُجاگر ڪري ٿو جنهن مان سندس شخصيت ليئا پائيندي نظر ايندي آهي، شاعر پنهن جي غزل ۾ جن علامتن کي روايتي انداز ۾ پيش ڪندو آهي سي جهڙي تهڙي شاعر جي وس کان ٻاهر هونديون آهن.

انور هالائي جيڪو بنيادي طرح هڪ غزل گو شاعر آهي تنهن به پنهن جي شعرن ۾ همه گيريت (UNIVERSALITY) پيدا ڪرڻ لاءِ اهڙين ئي روايتي علامتن کي پنهن جي غزلن ۾ استعمال ۾ آڻي نه رڳو پنهن جي شخصيت جي نقش ۾ مختلف رنگ ڀريا آهن پر هڪ قادرالڪلام شاعر جي حيثيت سان پڻ پنهن جو پاڻ کي دنيا جي آڏو متعارف ڪرايو آهي.

ساقي و ميخانه، شمع و پروانه، ڪعبه و بتخانه، محفل وانجمن، ڪفر و ايمان، صياد و قفس، حشر و قيامت، هوش و مستي، زلف و رخ، ڪيف و خمار، زاهد ورند، حسن و عشق، رزم وبزم، دشت و چمن، گل و بلبل، بهار و خزان، واعظ و شيخ، محتسب و ناصح جهڙن متضاد مگر معنيٰ خيز موضوعن کان علاوه جنون، زندان، زنجير، آشيانه، در ـ جانان، گردش ـ دوران فسانئه طور جهڙين ترڪيبن کي پڻ پنهن جي شاعريءَ ۾ مضمون طور جڳهه ڏني آهيس.

غزل جي شعرن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هڪڙو لفظ يا ٻن ٽن لفظن جو مجموعو جادو جو اثر رکي ٿو جيتوڻيڪ اُهو لفظ ٺيٺ، سادو ۽ خسيس پيو لڳندو آهي، اُن لفظ جي حيثيت ڌيان ڏيڻ جوڳي نه هوندي آهي ۽ نه ئي اُن ۾ ڪا ڇڪ يا ڪشش موجود هوندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن ته اُهو لفظ معنيٰ رکندي به ڪا معنيٰ نه رکندو آهي پر شعر ۾ اُن لفظ کي شاعر هڪ اُهو مقام ۽ هڪ اُهو مفهوم بخشي ڇڏيندو آهي جو اُنهن سٽن ۾ موجود ٻيا معنيٰ خيز، دقيق ۽ پُر مغز لفظ ايڏا ته جهڪا ۽ ڦڪا ٿيل پوندا آهن جڻ ته ڪين ڪو گرهڻ لڳي ويو آهي.

انور هالائيءَ جا ڪيترا غزل اهڙا ليندا جن ۾ اِها خوبي اُتم درجي تي موجود ملندي سندس هي شعر ملاحظه فرمايو:

شمع پرواني کي ساڙي ڇا ڇيو؟
ڪاش! اهڙي دوستي قائم رهي.
لفظ "اهڙي" معنويت، شعريت، ڪيفيت ۽ نشتريت جي شدّت کان ڪيئن نہ جرڪي رهيو آهي!

رهي تو رنگ ۽ بوءِ سان چمن معطر تي
بهار اهڙي ڪيي جنهن ۾ ڪا خزان نہ هجي

لفظ "اهڙي" جو ٻيو مثال مطالع ڪريو.

ايڏو مريض - عشق کي ثابت قدم ڏسي
تشويش ۾ پوي تو مسيحا ڪڏهن ڪڏهن

لفظ "ايڏو" ساڳئي زاويي کي ٻئي انداز سان ظاهر ڪري ٿو.

تنهن جوئي گهر مون ڄاتو قابل نماز جي
آهن هزار ٻيا ٻيي بت خانہ آس پاس

لفظ "ئي" جي سگهہ ۽ قوت جو اندازو تہ لڳايو!

تون ئي مون کي وڻين ٿو تنهن جوئي آهہ سودا
حالانڪ هن جهان ۾ ڪئين شاهڪار آهن

لفظ "ئي" جي سحر آفريني تہ ڏسو!

سا رشڪ جي ئي قابل ڇنبي حيات جو
مخدوم سان گذاري خادم ڪلي ڪلي

لفظ "ئي" جو هڪ ٻيو انداز.

ڪاراتجي وڃي تو اُنهي وقت ئي قمر
جانان جي جئن تي صورت ڪامل نظر اچي

لفظ "ئي" جو هڪ نرالو زاويہ، جنهن جي انفراديت نوٽ ڪريو:

عقيدو جنهن رکيو سو فيض‌ور آهي اجا تاءِ
فقيرن جي دعائن ۾ اثر آهي اجا تاءِ

"اثر آهي اجا تائين" جي اشاريت ۽ معنويت ڪهڙي طرح نہ بيان ٿيل آهي.

نحيف و زار کي بيسود ڏوهي تو ڪري جلدي
زمين جي ڳالھ ڏاڍي دير سان تو آسمان سمجھي

"سمجھي" ۾ چاچا نہ چيو ويو آهي.

جلوو پسڻ جي واسطي بي ساختہ اچي
دامانِ ڪوه طور تي منزل ڪئي اٿئون

"ڪئي اٿئون" جي رديف ۾ معنيٰ جي هڪ ڪائنات سميٽيل آهي.

انور هالائيءَ جا مقطعات وجد انگيز بہ آهن ۽ ذوقِ جماليات جا بهترين شاهڪار پڻ:

بزمِ طالب ۾ شاعري انور
چاڻي مولا تو برڪتون آهن

سوا تنهن جي جهڪي هرگز نہ انور جي جبين ڪڏهين
مون کي دنيا ۾ هر سو گرچ بتخانہ نظر آيا

جيئن ڪيو انور سندءِ در جو طواف
دل جي ڪعبي ۾ خدا حاصل ڪيم

شهر سارو گهر گهڻي انور مخالف تي پيا
شخص هڪڙي جي نظر سان شاعري ڳولي لڌم

زماني نيٺ مڃيو آھ دل سان
تہ انور عشق جو اڳواڻ آهي

سچ کي سدائين دل ۾ تون انور هنڊائي ڏس
هن بي بقا جهان جي نظارن کي چا ڪبو

انور هالائي فني رعايتن کي بہ مدنظر رکندو آيو آهي. سندس

(٨) چنڊ جون ڪلائون

فن ِ اسلوب ۾ جامعيت سان گڏ نغمه و ترنم جي آميزش به آهي جنهن سندس شاعريءَ کي پنهن جي معاصر ۾ منفرد حيثيت ڏني آهي.

نه جنهن مان فيض حاصل ٿئي قراردِل نه پهچائي
اُنهيءَ بي پهچ پٿر کي خدا چئجي ته ڪيئن چئجي

سندس غزلن ۾ تاثير جي به ڪمي ڪانهي. هر عنوان جو تاثير سندس غزلن ۾ جابجا پکڙيل ملندو. سوز و گداز غزل کي جتي جاندار بنائي ٿو اُتي تاثير جو عنصر سوزوگداز تي نه رڳو حاوي ۽ غالب رهي ٿو پر پڙهندڙ يا ٻڌندڙ ائين محسوس ڪرڻ لڳي ٿو جڻ ته شاعر جيڪي ڪجهه چوي پيو سو نه رڳو شاعر سان وهيو واپريو آهي پر اِهو سيڪجهه سندس دل سان پڻ وابستگي رکي ٿو. اِهائي ڪيفيت ۽ اِهائي محويت ڪنهن شاعر جي غزلن کي زيب و زينت بخشي ٿي.

شرافت چڏي ۽ شرارت سان سڀ کي
فريبي! فسانو ٻڌائيندين ڪيسين؟

وقت جي پڪار فڪري مهميز جي آئيني ۾ جتي تهذيب پنهنجي هوبهو تصوير ڏسي وٺندي آهي.

عرش تيو ڏاڍو لڄي ڪردارِانسان کي ڏسي
۽ زمين شرمائجي وئي دور شيطان کي ڏسي

ماحول جي استغراق مان هڪ نواڻ هڪ موڙ جتي انسانيت پنهن جو پاڻ کي ڳولي رهي آهي.

ڪيون تا بي ضميريءَ جوته ڪاروبار بي ڪتڪي
اسان پنهن جي اندر کي جاٽي واٽي برغلايو آ

انور هالائي نه رڳو وقت جي تقاضائن جو خيال رکيو آهي پر آئيندي جي لاءِ پڻ هڪ گس ڏسيو اٿس چوي ٿو:

اسان جا رشتا ڏارين سان اسان جا ناتا ڏارين سان
الائي بـــــي‌حيائي پاڻ ۾ آئي ڪتان آهي

پيو شعر ملاحضه فرمايو:

انصاف جي لباس ۾ جائز ستم گري
جلوه فروز آهه امينن ۾ ڪشمڪش

پنهن جي اعلىٰ ذهانت ۽ خدا داد صلاحيت کان ڪم وٺي انور هالائي حيات و ڪائنات جي مسئلن جو تجزيو مختلف انداز سان ڪيو آهي جنهن مان سندس حڪيماڻي حس جو پتو پوي ٿو:

اسان جي سوچ تي پهرا قلم جو قتل جاري آ
ڪڇي ٿو ڪو زبان سان سچ ته اُن دم وٺ وٺان آهي

هئي هنڌ ساڳيو نظريو مختلف رنگ ۾ پيش ڪيو اٿس:

لڳي ڪلفت جي اهڙي باهه الفت جي نشيمن ۾
سڙي ٿيا خاڪ سڀ گهرڙا گلستان ۽ چمن بگڙيا

انور هالائي سماجيات جي ماهر وانگر طبعي حالتن کي اُجاگر ڪري اُن کي واعظ جي ڪردار سان تشبيهه ڏني آهي، واعظ، زاهد، محتسب ۽ ناصح سڀ هڪ ئي خاني ۾ رکي اُنهن جي تنگ نظري، دقيانوسي ۽ قدامت پرستي کي خوب ننديو اٿس. عبادت هڪ عظيم فعل آهي پر نفس جو نڪتو اگر فعل مان ڪڍي ڇڏجي ته ملڪوتي صفت باقي وڃي بچي ٿي. اِهائي ملڪوتي صفت آهي جيڪا الله کي عزيز آهي ۽ الله کي قريب ڪرڻ ۾ ملڪوتي صفت جيڪو ڪردار ادا ڪري ٿي اُن باعث ئي "بشر" "مافوق البشر" بنجي وڃي ٿو. اِهوئي مقام ِ پيغمبري آهي، اِهوئي مقام ِ اوليائي آهي ۽ اِهوئي مقامِ قلندري آهي. شاعري جيڪا پيغمبري جو شيوو آهي نه رڳو حقيقت جي پرده ڪشائي ڪري ٿي پر بي باڪي عطا ڪري حق طرف راهنمائي پڻ ڪري ٿي.

انور هالائيءَ جو مسلڪ ۽ مشرب جيتوڻيڪ رندانه آهي پر هن اُن کي ظاهر ڪرڻ جي بدران باطن تائين محدود رکيو آهي. سندس چوڻ جو انداز جيتوڻيڪ يگانه آهي پر ايترو ته عام فهم آهي جو معمولي ماڻهو به بخوبي سمجهي پروڙي سگهي ٿو ته شاعر جي طنز جو اصل مقصد ڪهڙو آهي. جهڙي طرح بيٺل پاڻي خطرناڪ هوندو آهي

تهڙيءَ طرح واعظ جو ڪردار به محدود دائري اندر هئڻ ڪري اُن نوعيت جي ذري برابر به نتو رهي جهڙو وهندڙ پاڻيءَ جو خاصو ۽ شيوو رهي ٿو. انورهالائيءَ جي آڏو واعظ جو وعظ ڪنهن به خدمت جو خاصو نتو رکي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته اصل خدمت جيڪا انسان کي اعليٰ ۽ ارفع بڻائي ٿي وعظ وخطاب جي محتاج ڪانهي پر اِن جي عالمگيريت اُن قسم جي خدمت ۾ لڪل آهي جنهن سان ڪنهن جا اهنج ۽ ايذاءَ، درد ۽ غم، وهم ۽ وسوسا، مصيبتون ۽ تڪليفون، سور ۽ سختيون، ڏک ۽ ڏولاوا نه رڳو ڪافور ٿي وڃن پر انجي دل محبت ۽ مروت، توڪل ۽ تڪيي، علم ۽ معرفت سان اهڙيءَ طرح ته ٽمٽار ٿي وڃي جو خود غرضي ۽ خود ستائي، تعصب ۽ تقليد، خود پسندي ۽ خود فريبي لاءِ سندس دل ۾ ڪا به گنجائش باقي نه رهي. اِهائي عين عبادت آهي، ۽ اِهائي محراب و منبر جو عين اساس آهي جنهن لاءِ انورهالائي چئي اُٿي ٿو ته:

واعظا! ٻي سود ٻڙ ٻڙ پيو ڪرين
ڪو اثر ڪونهي سندءِ تقرير ۾

ساڳئي نقطہ نظر سان واسطو رکندڙ ٻيو شعر ملاحظہ فرمايو:

خدا ملڻ جا طريقا هزارها آهن
عبادتن تي فقط ڇو ٿا اعتبار ڪريون

انور هالائي واعظ جي ذاتي زندگي کان نا آشنا نه هئڻ ڪري ٻي باڪ ٿي هيئن نشتر ٿو هڻيس:

تقدّس جو جبو پائي گناهن سان ڪيون رانديون
اسان آ شرم شرمايو ۽ غيرت کي وڃايو آ

ڪيڏي نه نازڪ خيالي آهي سندس فن ۾، سچ پچ ته هڪ مشّاق فنڪار جيان هو واعظ جا وڪا پڌرا ڪندي ٻي هڪ هنڌ چوي ٿو:

جڏهن واعظ جي مسجد ۾ ٻڌم تقرير جوشيلي
تڏهن رندن جا هم صحبت ڪئين مولانا ياد آيا

شاعر اختلاف رکڻ جي باوجود به هميشه نصيحت واري موڊ ۾

هوندو آهي. هو ڪڏهن به ڪنهن کي برو ڀلو چوڻ پسند نه ڪندو آهي پوءِ ڀلي اهو سندس هدف ڇونه هجي. هو هر ڪنهن کي حسن و عشق، گل وبلبل ۽ ساغرومينا جو داستان ٻڌائڻ کي فوقيت ڏيندو آهي، جتي هو يار جي نازوانداز جو ذڪر ڪندو آهي اُتي اُن جي جوروجفا ۽ ظلم وستم تي به خوب چوهه چنڊيندو آهي. جتي هو گل وبلبل جي ڳالهه ڪندو آهي اُتي هو خار توڙي صياد کي هرگز نه بخشيندو آهي. اهڙيءَ طرح جتي هو ميڪدي ۽ ميڪش جي تصوير چٽيندو آهي ته اُتي هو واعظ توڙي محتسب جي نقاشي ڪرڻ ضروري سمجهندو آهي.

پوءِ ڪٿي واعظ کي رندن سان دست وگريبان ڏيکاريندو آهي ته ڪٿي زاهد کي ناصح بنجي نصيحت جا ناياب نڪتا سمجهائيندو نظر ايندو آهي. انور هالائي به پنهن جي غزلن ۾ جابجا اهڙا ناصحانه نڪتا نروار ڪيا آهن هڪ هنڌ چوي ٿو ته:

جام ومينا سان شغل مون کي قبول

محتسب! چوٿو وچين تفسير ۾

ٻي هڪ هنڌ زاهد کي با خبر ڪندي چوي ٿو:

اڙي زاهد! ذرو پي ڏس سروروڪيف ڪر حاصل

ڪڙي ايندي نظر توکي عبادت جام ڪوثر ۾

انور هالائيءَ جو انداز هر طرح علحدو آهي. محتسب جنهن ڳالهه جي لاءِ رندن کي روڪي ۽ ٽوڪي ٿو اُها ڳالهه انورهالائي هُن کي طفل ڄاڻي ناقدانه انداز ۾ هيئن پيش ڪري ٿو، چوي ٿو:

محتسب! اڄ تون اجايو خار کائيندو وتين

جام جي مستيءَ ۾ ٿيندا رند رقصان عنقريب

جڏهن ته واعظ، زاهد توڙي محتسب سڀ عشق جي حشر سامانين کان واقف ئي نه آهن ته هنن ٻي ميارن تي ڪهڙي ميار رکي سگهبي؟! ڇو ته هو جنهن ڪردار کي عام ڪن ٿا سو رندن جي ڪردار جي اُبتڙ آهي. واعظ حق جي حمايت ۾ جيڪي ڪجهه چون

تا سو ڪن هرگز نتا. برعڪس اُن جي رند جيڪي ڪجھ ڪن تا تنهن ڪي رڳو ايترو چوڻ تي اڪتفا ڪن تا جيئن انورهالائي اِن جي ترجماني ڪري ٿو.

ساقيءَ جي اڄ نظر جا ڪرشما ڏٺم عجيب
زاهد بہ ميڪشن ۾ ٿو شامل نظر اچي

واعظن ۽ زاهدن جي گفتار و ڪردار ۾ تضاد ڏسي انور چئي ويٺو:

سجدو نماز هُن ڪان بہ وسري ويا تڏهن
زاهد رسيو جڏهن اچي ساغر جي روبرو

جنهن تقليد ڪي هو ورهن ڪان وٺي چنبڙندو اچي اُن تقليد ڪي تمام ڪرڻ واعظ جي وس ڪان ٻاهر آهي. جيتوڻيڪ پلي ڪٽي هن جي دل مائل هجي بہ ڪٽي پر رسومات ۽ پرم جي زنجيرن ۾ هو اهڙيءَ طرح تہ جڪڙيل آهي جو عشق جي حقيقت جي ڄاڻ سندس دائرهٔ اختيار ڪان ٻاهر آهي. هو صرف عقل جي گهوڙي تي چڙهڻ لاءِ متن ۽ اُصولن جا سنج رکي اختلافن ۽ اضداد جي رڪيبن تي پير رکڻ جا عادي هوندا آهن. پر انورهالائي جهڙن شاعرن جي نظر اهڙن اختلافن ڪان تمام مٿي وڃي ٿي ۽ سمجهڻ ڪان پوءِ چئي ٿا ڏين:

يار ڪي ڪعبہ سمجھ تون يار ڪي قبلہ سمجھ تون
نينهن واري نماز ۾ عشق ڪي تون امام ڪر

ڪيڏي نہ نازڪ خيالي آهي ۽ ڪيڏو نہ انقلاب آفرين تخيّل. ڪنهن جي دل جيڪڏهن انقلاب جو آماجگاهہ بنجي وڃي تہ ذهن ميدانِ جنگ بڻجي وڃي ٿو. ڇو تہ مذهب جي اختيار ڪرڻ ۾ دل خود مختيار آهي. پوءِ چاهي هوءَ ملّن جو مذهب اختيار ڪري يا رندن جو، صوفين جو يا قلندرن جو. سڄيءَ عمر جو ثمر جنهن جو ناتو موت ڪان پوءِ واريءَ دائمي عمر سان ڳُوڙهو آهي، اُن ڪي تحقيق بنا تقليد ۾ ضايع ڪرڻ ڪي هو ناداني سمجهن ٿا. اِن حقيقت ڪي پروڙي انورهالائي چئي ڏنو تہ:

بتن جا آيا پوڄاري تہ زاهد پڻ ڇڏي مسجد
خدا جو سنهن تہ بتخانو سڄو بيت الحرم تي ويو

هاڻ تہ انور هالائي متعدد نظرين کي قلم جي نوڪ جي نذر ڪيو آهي پر عشق جي نظرئي کي هن جنهن انداز سان پيش ڪيو آهي بس اِهوئي انداز کيس ممتاز شاعرن جي صف ۾ آڻي بيهاري ٿو. انور جي اڏو عشق سيڪجھ آهي. عشق "زندگي" آهي، عشق "عبادت" آهي، عشق "مذهب" آهي، عشق "نور" آهي، عشق "حسن" آهي، عشق "مئي" آهي، عشق "حق" آهي ۽ عشق "مولا" آهي. انورهالائي پنهن جي مجموعي ۾ جا بجا اِن رنگ کي ڪئين روپن ۾ رچايو آهي:

عابدن ۽ زاهدن جي پارسائي جنن ڪُلي
سر جهڪائي رهنمامون هڪ بت ڪافر ڪيو

عشق آدم ارتقائي منزلون طي ڪندو رهيو آهي. ڪڏهن يوسف عہ جي صورت ۾ تہ ڪڏهن موسيٰ عہ جي جامي ۾، ڪڏهن ابراهيم عہ جي شڪل ۾ تہ ڪڏهن عيسيٰ عہ جي چولي ۾، ڪڏهن قلندر جي روپ ۾ تہ ڪڏهن صوفيءَ جي پوش ۾، ڪڏهن قطب جي قالب ۾ تہ ڪڏهن اولياءَ جي جبي ۾، مطلب تہ هر هڪ جو نعرو "حق" هو. سڀ حق جائي مظهر هئا. عشق جا ئي پيڪر هئا. اِن ڪري دنيا کي عشق جو قتل گاهہ سڏي انورهالائي ڏسو تہ ڪٿي تو پنهن جي تخيّل جو پڪي اڏائي چوي ٿو:

سنيالي پير رک پڙ ۾ هتي سر ڏڙ جي بازي آ
جو آيو عشق جي مقتل ۾ اُن جو سر قلم تي ويو

انور هالائي ورهين جا ورهيہ قبلہ مخدوم محمّد زمان طالب المولىٰ جن جي صحبت، شفقت ۽ محبت باعث گهڻو ڪجھ پرايو حاصل ڪيو. خود طالب المولىٰ سائين ديوان طالب المولىٰ ۾ پنهن جي پيش لفظ ۾ لکيو آهي تہ "انورهالائي هالا نوان ۽ هالا پراڻا جو ڪهنہ مشق ۽ موجوده شاعرن کان پراڻو شاعر پڻ آهي. سندس شاعريءَ جو هن

وقت چاليهون سال هلندڙ آهي". [ديوان طالب المولىٰ صفحو ٢١ ڇپيل سال ١٩٨٢ع]

قبلہ مخدوم صاحب جي صحبت ڪري مٿس مخدوم صاحب جي شاعريءَ جو رنگ پڻ آهي جنهن ڪي هو مختلف اندازِ فڪر سان پيش ڪندو رهي ٿو.

طالب المولىٰ جي شاعراڻي طبع جي مٿس جيڪا رنگ آميزي ٿي آهي اُن جا ڪجھ عڪس ملاحظہ فرمايو. چوي ٿو تہ:

طالب المولىٰ جي خدمت ۾ رهي
اُن وٽان هرڪا دعا حاصل ڪيم

رڳن ۾ طالب مولا جي شاعري ڊوڙي
زهِ نصيب لهو کي ٿو شرف و آب ملي

منهن جي پراڻي خواب جي تعبير ٿي پئي
اڄ ميڪده ۾ طالبِ مولا اچي پيو

علم وادب زبان جي روحِ روان جو خير
مخدوم سائين طالب محمّد زمان جو خير

انور اُنهيءَ کي ڪو بہ نہ خطرو رکڻ کپي
حامي جنهين جو طالبِ مولا ٿئي پيو

طالب المولىٰ جي محفل ۾ نئين سر دوستو
هر خوشي جو ساز و سامان اڄ مهيّا ٿي ويو

انور هالائي نہ رڳو شاعر آهي پر اديب ۽ صحافي پڻ آهي. سندس ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ افسانا مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ وقت بوقت ڇپبا رهيا آهن. انور هالائي هڪ ناول "آواره" جي نالي سان پڻ ڇپائي پڌرو ڪيو هو جيڪو اُن وقت جي ادبي حلقي ۾ ساراهہ

جوڳو بڻيو هو. ١٩٥٠ع کان ١٩٥٨ع تائين نڪرندڙ ماهوار فردوس رسالو بہ سندس ئي محنتن جو ثمر هو جيڪو اُن وقت جي تقاضا سان همر آهنگ تيو. انور هالائي ١٩٧٢ع کان ١٩٧٣ع تاءِ هلال ِپاڪستان جو سب ايڊيٽر تي رهيو ۽ ١٩٧٣ع کان ١٩٨٢ع تائين سنڌي ادبي بورڊ طرفان نڪرندڙ ٻارن جي ماهوار رسالي "گل ڦل" جي ايڊيٽر جي حيثيت سان پنهنجا فرائض ڪاميابيءَ سان ادا ڪيا. انور هالائي هن وقت بزم ِ طالب المولىٰ سنڌ جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل پڻ آهي. موجوده وقت هالا ۾ فارغ البالي ءَ واري زندگي گذاري رهيو آهي.

انور هالائي جي وطن دوستيءَ جو ثبوت هن دعا مان ملي ٿو:

اي سنڌ! تنهن جا ماڻهو شل خوش رهن جين
مهراڻ! تنهن جي موجن سيل ِ روان جو خير

هالا ٣١ - آڪٽوبر ١٩٩١ع — شوڪت ابڙو

# حمد باري تعالیٰ

# حمد باري تعالىٰ

وِرد جن جو تون هي تون تن جو مقدر تون هي تون
رنگِ دنيا تون هي تون ۽ شانِ محشر تون هي تون

آئينۂ فطرت جي عظمت ۾ اُجاگر تون هي تون
فڪرِشاعر تون هي تون ذوقِ سخنور تون هي تون

وحدتا ڪثرت بنائي ڪثرتا وحدت تئين
وحده جي وات جو سرواڻ سرور تون هي تون

ها ۽ لا جي روپ ۾ ساڳيو نفي اثبات آهه
هر زبان تي نعرهٔ الله اڪبر تون هي تون

هر جبين تي تنهن جي آڏو سر جهڪائي بار بار
زاهدِ شب خيز جو زهدِ تفاخر تون هي تون

عارفانه عزم يا تڪيو فقيرانه هجي
فڪرِ دانش ڪان وٺي موجِ قلندر تون هي تون

تون هي تون جي وات تي منصور چڙهيو دار تي
قتل گاهِ ڪربلا ۾ زيرِ خنجر تون هي تون

مسجد و مندر هجي ديول ڪليسا جو وجود
سو پڙاڏو سوئي سڏ اي بنده پرور تون هي تون

جذبهٔ احساس جاڳائي ڪرين ٿو سرخرو
حوصلن ۾ ۽ ارادن ۾ برابر تون ھي تون

ڇا ڪجي ساراھ تنھن جي اي خدائي ذوالجلال
جئن وڃن تارون لنوي ٿو روح "انور" تون ھي تون

# نعت رسول مقبول ﷺ

# نعت رسول مقبول ﷺ

شب ِ تاريڪ ۾ اڄ نور آ ديوانہ وار آيو
ويو تي ڪفر ختم اسلام جو آئينہ دار آيو

خوشا قسمت! گلستان ِ جهان ۾ نئون بهار آيو
مبارڪ اڄ چمن ۾ آهہ دور ِ خوشگوار آيو

جمال ِ آفتاب آيو نگاه ِ قربدار آيو
سڪون و صلح جو ساتي امين عالي وقار آيو

امن اسلام جو حامي وفا جو شاهڪار آيو
حَجر اسود جو قانوني امانت دار يار آيو

حيات ِ نؤجو عالم ۾ نياپو بار بار آيو
ڪلام الله رسائيندڙ محمّد مشڪبار آيو

يتيمن يار ۽ هيڻن جو حامي پاسدار آيو
جهان لاءِ باعث ِ رحمت سراپا غمگسار آيو

ستارن سر جهڪائي تي قدم چميا عقيدت سان
قمر سينو وڏايو هن جي دل کي چڻ قرار آيو

گلن خوشبو ڪئي صدقي ترانا بلبلين گهوريا
چمن کي زيب و زينت تي تي خود ئي خوب پيار آيو



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

ڪرئا سڀ ڪفر جا ڪنگرا اُجهاڻي آگ فارس جي
سچي مذهب جو باني بنجي درِّ آبدار آيو

فلڪ تي گيت ڳايا ويا ۽ حورن گل ڪيا صدقي
زمين تي شادمانا ٿيا نبي آخر بهار آيو

سبق انسانيت جو جنهن اچي سيکاريو هرسو
اهو ڪامل مڪمل قوم لءِ صد افتخار آيو

جهالت ۽ برائيءَ جو رسو ٽوڙيائين شفقت سان
ادب اخلاق جو ناتو ڪرڻ اڄ استوار آيو

حقيقي شهنشهه آيو به عاداتِ گدا ٻڌجي
هِتي ناصح هُتي شافع شفيعِ قربدار آيو

محمّد مصطفيٰ آيو رسول الله نبي بنجي
سڄي عالم جي رحمت بنجي مرسل آشڪار آيو

محمّد مصطفيٰ منهن جا هي انور غمزده اڪثر
اوهان جي در جڏهن آيو تڏهن ئي اشڪبار آيو

دل جي جذبن سان محمّد جي ثنا ڪنهن پر لکان
مان لکان شان بشر ۾ نور جو پيڪر لکان

روز شب ورد زبان دستور منهن جو آهہ تيو
مان لکان حمد خدا ۾ مدحتِ سرور لکان

هن ڪان وڌ تعريف ٻي ڪهڙي ادا ٿيندي ڀلا
هر ڪنهين صفحي تي اڄ مان سورهٔ ڪوثر لکان

انبياء جو جنهن کي آ شرف امامت تيو عطا
ڇو نہ اُن کي خوبتر ۾ افضل و برتر لکان

دامن رحمت سندس آ تي وئي ايڏي وسيع
مان ڪرم گستر جناب شافع محشر لکان

جئن مديني ڏي نظر منهنجي کڄي تي ڪنهن گهڙي
بر ملا تو جنّت فردوس جو منظر لکان

هن جي آهيان مان غلامن جي غلامن جو غلام
ڇو نہ خود کي مان حريف هر قل و قيصر لکان

هُن کي دريائي ڪرم ابر سخاوت تو چوان
جو دو الطاف و عنايت ۾ اڙين آڌر لکان

مالڪ ارض وسما جنهن سان ڪري تو قرب وعشق
ڇا لکان مان ڇا چوان تعريف کان بهتر لکان

ڪائنات رنگ و بو ۾ مرتبو هُن جو عظيم
وضّحيٰ والّيل اي "انور" دل مضطر لکان

مصطفىٰ ﷺ جي گر قدم ۾ منهن جي تربت ٿي پوي
منهن جي لاءِ منهنجي لحد جنّت ئي جنتّ ٿي پوي

زندگي هت ۽ هتي گويا وڃي ٿي فخر وناز
گر رسول الله جي مون تي عنايت ٿي پوي

اڄ اسين سڀ تا رکون قرآن انهيءَ لاءِ غالباً
پنهنجي گهر ۾ طاق جو هو زيب‌وزينت ٿي پوي

جي ٿيان محبوب مدني جي سبق تي باعمل
منهن جي دنيا خواه عقبيٰ ۾ ڪا عظمت ٿي پوي

اي مسلمان! با عمل ٿي ويسلو تون ڪين رھ
آھ ممڪن هن گهڙي ۾ هت قيامت ٿي پوي

ايتري توحيد جي تبليغ ڪر تون ذوق سان
جستجو ئي حق ۾ حاصل ئي شهادت ٿي پوي

جي رهين تون مذهبِ اسلام تي اڄ با عمل
غالباً برباد منهنجي هر سياست ٿي پوي

جي محبّت مصطفىٰ جو تا پيئن آبِ حيات
قطره قطره تن جو آخر بحرِوحدت ٿي پوي

هڪ خدا ۽ هڪ محمّد ﷺ هڪڙو قرآن رهنما
جن مڃيو ۽ ڪيو عمل تن لاءِ راحت ٿي پوي

امتيازِ پارسائي جرم تيندو در ڪنار
مَن قيامت ۾ ڪا شافع جي شفاعت تي پوي

تِي محمّد مصطفىٰ ﷺ جي عشق ۾ "انور" فنا
اُن جي صدقي من خدا جي توتي رحمت تي پوي

محمّد مصطفىٰ انسان جي عظمت جو نشان آهي
خدائيءَ ۾ سچائي جو حقيقي ترجمان آهي

نہ اُن جي خصلتن سان ڪوئي برميچي سگهي هرگز
سندس اخلاق تي نازان زمين وآسمان آهي

متائي جنهن اچي دنيا مان اونداهي جهالت جي
حقيقي رهنما آهي اميرِ ڪاروان آهي

فروزان اُن جي دم سان تيا جهان عقبيٰ خدا جو سنهن
خدا جي هن خدائيءَ جو محمّد رازدان آهي

رسول الله جي صدقي فلڪ ۽ فرش تيا روشن
زمين جي ذره ذره ۾ سندس نوري نشان آهي

نبي نورِ خدا جو نام عظمت ۽ شناسائي
ازل کان ئي وني ڪون ومڪان ۾ تي عيان آهي

فروغِ جاودانسي آ عروجِ آسماني آ
رخِ مرسل مثل شمس وقمر ۽ ڪهڪشان آهي

سندس سرهاڻ آ مشڪين ۽ رنگت دل نشين آهي
گلستانِ جهان جي لاءِ بهارِ جاودان آهي

وسيلو واٽ رهبر واهرو آ دم قدم منهن جو
محمّد مصطفىٰ هردم سندم وردِ زبان آهي

محمّد جي غلامن جي غلامي مون قبولي آ
اِهوئي آبرو لڄ جو سدائين پاسبان آهي

مديني جي فضائن ذي رهي ٿو روح جو لاڙو
محمّد مهربان هردم سندم روحِ روان آهي

محمّد مصطفىٰ تــي آسرو انــور جو آ هردم
شفاعت هو ڪندو منهن جي نہ اِن ۾ شڪ گمان آهي

# منقبت

# منقبت

گل محمد گل علي المرتضىٰ توتي سلام
حق جا حامي سدائين مرحبا توتي سلام

سر ڏئي سرهو ٿئين تون ربّ اڳيان يا حسين!
صبر جي تي وئي سراسر انتها توتي سلام

قتل گاهِ عشق ۾ صدقي ڪجن لک حوصلا
جنت الفردوس جا اي پيشوا توتي سلام

زنده آهي تو ڪيو اسلام جي اثبات کي
قطره قطره جو لهو ناياب آ توتي سلام

چنڊ چوڏهين جئن اوهان جو نور جرڪي تو سدا
تون لکن ۾ تو لَکين اهلِ وفا توتي سلام

ظلم کي نابود آهي تو شجاعت سان ڪيو
بي اثر آخر ٿيا تيرِ جفا توتي سلام

تو شهادت کي بنايو آ هميشه لءِ اَمَر
چشمهٔ ڪوثر جا رهبر لاڏلا توتي سلام

فخر توتي پل ڪجي ماتم ڪجي بيشڪ حسين!
تو رهي نازان محمّد مصطفيٰ توتي سلام

شاه بي سر غمزده انور جا ڳوڙها ڪر قبول
حشر ۾ تيندين يقيناً رهنما توتي سلام

توکي قسم حسين جو آ شامِ ڪربلا
تو کھڙا کھڙا رنگ ڏٺا شامِ ڪربلا

اي يادگارِ حسنِ وفا شامِ ڪربلا
توتي سدائين لطفِ خدا شامِ ڪربلا

دامن ۾ آ حُسين اچي تيرو پناه گُير
چئبا سندءِ هي ياڳ يلا شامِ ڪربلا

جاڳي اُتي جا رات تہ محشر کان گهٽ نہ تي
صبحِ دمشق صورت آ شامِ ڪربـلا

ڪوماٽا گل علي جا ۽ اسلام جا ٽڙيا
توکي شرف تيـو آهہ عـطا شامِ ڪربلا

مُٺ جيترا جوان لَکن سان مقابـلـو
تُننڌي ڏٺي توتيغِ جفا شامِ ڪربلا

پياسو رکيو فرات تہ جامِ لهو بہ پي
مرندي مري ويا نہ ڊنا شامِ ڪربلا

تا توکي تاجدارِ شهيدان سلام ڪن
آهي گواهہ دشت و بلا شامِ ڪربلا

شامون گهٽيون ڏٺيون سون مگر تنهن جي ڳالهہ ہي
تـارا ڪتيون بہ ڪـن تـا ثـنـا شامِ ڪربلا

مردن کي مانُ ڏيئي ڪيو خود کي سرخرو
تنهن جي ئي تي بخش خطا شامِ ڪربلا

نيڪي نہ ڪنھن جي ويندي ڪڏھن رائگان تي
دنيا فنا ۽ نامِ بقا شامِ ڪربلا

ماتم بہ فخر تن تي ۽ مَرڪڻ بہ آبرو
جن جي متيءَ بہ مان لـڌا شامِ ڪربلا

"انور" غمِ حسين جي صدقي خدا رکي
قائم سدا ھي بختِ رسا شامِ ڪربلا

## نوحه

هاءِ کھڙو ھي منظر ڏٺوسين
بر زمين روزِ محشر ڏٺوسين
باغِ مرسل اُجاڙي اُجاڙي
گل عليءَ جا لتاڙي لتاڙي
ظلم ايڏو سراسر ڏٺوسين
شامِ ظلمت تباھي مچائي
ڪنھن ڪميڻي شفاعت وڃائي
اھڙو انڌو ستمگر ڏٺوسين
ناھ ساٿي دلاسو نہ پاڻي
ھاءِ تنھا سندن ڪونہ ساٿي
ڪينہ سيّد جو ياور ڏٺوسين
تير سينن تي کائي فدا ٿيا
داغ فرقت جا ڏيئي جدا ٿيا
شانِ اسلام برتر ڏٺوسين
پاڪ معصوم اُجيو ڪٺائون
ماءُ جيجل جگر کي جلايئون
ڪيڏو ھي شانہ سرور ڏٺوسين
گھر مٽائي ھليو وعدو پارڻ
پنھن جي ناني جي امّت جيارڻ
شاھہ کي زير خنجر ڏٺوسين

ظلم ووحشت ۾ ڪربل ۾ دشمن
جت تيو آھ سيّد جو مدفن
اُجيو ساقيءِ ڪوثر ڏٺوسين

ڪربلا ۾ قيامت جو ميدان
خونِ سيّد جا گڏ سازوسامان
قاتلن جو ٻه لشڪر ڏٺوسين

خيما ڦاڙي اڪوڙي جلائي
اهلِ پرده کي قيدي بنائي
زيبِ سرور کي ٻي گھر ڏٺوسين

هن شهادت جي عظمت ٻه اعليٰ
هن شهادت لکين گھر رئاڙيا
هي عجب تر مقدّر ڏٺوسين

خونِ ناحق تي "انور" تو روئي
پنهنجي ڏوهن کي روئي تو ڌوئي
غم شهيدن جو در در ڏٺوسين

# نظم

## اختر نامه

سرِ محفل حسين منظر هجي ها
سين کي دل سندو گوهر هجي ها
نمايان دل سندو دلبر هجي ها
دلِ ناشاد اڄ خوشتر هجي ها
سڪونِ زندگي همسر هجي ها
اڄوڪي رات جي اختر هجي ها

ڪري دل ڪيئن نہ هي غم جي ڪهاڻي
جو شمعِ آرزو آخر اُجهاڻي
ڏکن آهي ڪئي ايذي پڇاڻي
نڪو همدرد آهي ۽ نہ ساٿي
نہ احساسِ الم ڪنهن پر هجي ها
اڄوڪي رات جي اختر هجي ها

هجي ها زيب گلشن جو دوبالا
خزان هوندي ٽڙن ها گل ۽ لالا
تين تاريڪين ۾ ها اُجالا
ٿئي ها سرخرو دنيا ۾ هالا
منور نور سان گهر گهر هجي ها
اڄوڪي رات جي اختر هجي ها

هجي ها گر مئي محفل جو سامان
۽ مئڪش ساقيءِ ڪوثر جو مهمان
رهي ها راز شاعر جو نہ پنهان
هجن ها سامعين پڻ لب بہ دندان
۽ محفل تي اثر بهتر هجي ها
اڄوڪي رات جي اختر هجي ها
۽ ويرانا تين ها سڀ گلستان
ڪُلي ها ياڳ صحرا جو نمايان
تين ها منهن جي دل جا پورا ارمان
سبي ها ڪوئي هي چاڪِ گريبان
مڪمل خوش دلِ مضطر هجي ها
اڄوڪي رات جي اختر هجي ها
هجي ها نور سان معمور محفل
ٿئي آسان ها هر دل جو مشڪل
تمنّا جي لڳي ها ڪشتي ساحل
رسن ها پار ويندڙ سوءِ منزل
نہ دل کي ڪجهہ طلب رهبر هجي ها
اڄوڪي رات جي اختر هجي ها
ڪيان تو داستان مان مختصر بس
نہ ايندو رات جو موٽي قمر بس
نہ ايندي هاڻ اهڙي ڪا سحر بس
ڪٿهن جنهن ۾ اچي اختر نظر بس
فضا هي چارسو خوشتر هجي ها
اڄوڪي رات جي اختر هجي ها

ڏسڻ ۾ هو اچي ها شادمان اڄ
هزارين سيِ سهن ها امتحان اڄ
تئي ها سرخرو هي داستان اڄ
وڃن منجي ها جهيڙا درميان اڄ
فروزان چشمۂ ڪوثر هجي ها
اڄوڪي رات جي اختر هجي ها
تيو خاموش هالا ۾ ادب آ
اديبن شاعرن لءِ چڻ تہ شب آ
اِنهيءَ جو صرف هڪڙو ئي سبب آ
نہ ڪو طالب نہ ڪنهن کي ڪا طلب آ
ادب جو چرچو هت هر هر هجي ها
اڄوڪي رات جي اختر هجي ها
جي سر تي سايۂ اختر هجي ها
تہ هي "انور" بہ اڄ انور هجي ها
رقيبن جي تہ دل مضطر هجي ها
۽ منهن جي شاعري برتر هجي ها
مڪرر جي صدا اڪثر هجي ها
اڄوڪي رات جي اختر هجي ها

# شهر نامہ

هي شهر وڏن درويشن جو
علمائن جو دانائن جو
هي شهر سئن فنڪارن جو
علم و ادب جي ڀنڊارن جو
هي شهرِ سخن شهپارن جو
۽ ذهنِ رِسا معمارن جو
هي شهر مٽيرن مردن جو
شهبازن جو سرويچن جو
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهہ ڪيان
هن شهر مٿان مان گهور وڃان
هن شهر جا ماڻهو موچارا
دل جا اُجرا ٻالا ڀولا
الفت وارا مٺڙا مٺڙا
آدر ڀاءُ ۾ دل جا ڪشادا
ڳالهہ ڪرڻ ۾ سادا سودا
قول اُنهن جا پورا پختا
تيندا جن جا ڪي لاڳاپا
سي ئي چوندا وهوا هالا
هن شهر ۾ ڪانهي تون ۽ مان
هن شهر مٿان مان گهور وڃان

هي شهر هنر جو راڙو آ
ڏنڌي جو هٽ چاماڙو آ
اخلاص هتي جو ناٽو آ
اخلاق هتي ساماڻو آ
ڪوئي نہ هتي ويڳاڻو آ
هرڪو موتي داڻو آ
سڀ ڪنهن دل کي سيباڻو آ
هي شهر وفائن هاڻو آ
هن شهر جي نوڙي خاڪ چمان
هن شهر مٿان مان گهور وڃان

هت ديرو آ دلدارن جو
همدردن ۽ غمخوارن جو
ظاهر چهرو نادارن جو
پر دل جي سخي سردارن جو
پيار وفا جي سينگارن جو
خوشبو هاڻن گلزارن جو
روشن روشن جنسارن جو
قرب جي ڪاروبارن جو
هن شهر جي عظمت چونہ مڃان
هن شهر مٿان مان گهور وڃان
هي شهر سکن جي وادي آ
۽ رشد وهديٰ جي گادي آ

نوح سندي آبادي آ
جو نيڪ عمل جو هادي آ

دل قرب، وفا لءِ ماندي آ
هت ڪوڙن سان ڪا تادي آ
سچ سچي ڪي آزادي آ
ءِ شاهه و گدا لءِ چاندي آ
هت هرڪو آهي تاب و توان
هن شهر متان مان گهور وڃان

طالب مولىٰ مخدوم زمان
نالو روشن انجو عيان
جنهن جو خادم سارو جهان
خدمت جنهن جي قول و زبان
ڏي تو سڀ ڪي دل سان امان
جرڪي جڳ ۾ روح روان
شان سندس مشهور زمان
بختاور اُن ڪي چو نہ چوان
اُن تان صدقو چونہ تيان
هن شهر متان مان گهور وڃان
ساري جڳ کان برتر هالا
شال جئي تا محشر هالا
سوپيا وارو خوشتر هالا

سيِ جي دل جو گوهر هالا
گلشن گلشن گهر گهر هالا
منهن جو آهي دلبر هالا
تنهن جو آهي "انور" هالا
سيِ جو آهي روحِ.روان
هن شهر مثان مان گهور وڃان

## سنڌ نامہ

جادوءِ جو هر رنگ مٺائي
ڪاڪ ڪنديءِ سان نينهن لڳائي
مردن وانگي مانجهي بنجي
پيار جي دل ۾ جوت جڳائي
سنڌ سان هردم روح رچايان
سنڌڙيءِ جو مان شان وڌايان

اوچي اُن جي اعليٰ ٻولي
جنهن جي مٺڙي آهي لولي
قرب جي ڪيڪر پيار جون خبرون
پيار جنهين جي آهي گولي
اهڙي الفت ڪيئن نہ پڌايان
سنڌڙيءِ جو مان شان وڌايان

سادا سودا ماڻهو مٺڙا
خيال اُنهن جا اوچا وڏڙا
ٻي جي ڏک کي پنهنجو سمجهن
پنهن جا وسارن دل جا ڏکڙا
ڇو نہ اُنهن کي ڇاتيءِ لايان
سنڌڙيءِ جو مان شان وڌايان

سنڌ جا ماڻھو غيرت وارا
ھمّت وارا دل جا دلارا
سامر پئي کو دشمن آيو
بنجي ويندا اُن جا سھارا
گھورون گھوري دل کي لٽايان
سنڌڙيء جو مان شان وڏايان

مردِ مجاھد عالي حشمت
جن جي اڳيان بيوس قسمت
ھيٺن حامي ظلم جا ويري
پيار جا چاچي ڪانڌي ڪلفت
ڪھڙي تن جي ڳالھ ٻڌايان
سنڌڙيء جو مان شان وڏايان

سنڌ جو پاڻي امرت ڌارا
ساوڪ وارا اُن جا ڪنارا
بي غم ماڻھو مال تا چارن
دل کي وڻن تا اھڙا نظارا
جلوه اُن جا جت ڪٿ پايان
سنڌڙيء جو مان شان وڏايان

گيت اسان جا سھڻا ساوا
ڏکيا جنھن مان تين تا سکيا
ڪاڻ ڪنھين جي ڪانہ ڪين تا
پنھن جا ڪن لايا سجايا
گيت اُنھن جا خوش تي سڻايان
سنڌڙيء جو مان شان وڏايان

صبح هتي جا روشن روشن
جنهن جون شامون جرڪن جرڪن
رات جي رونق راحت واري
تارا منڙا ٿمڪن چمڪن
رهبر تن کي ڪيئن نه بنايان
سنڌڙيءَ جو مان شان وڌايان
دروازو هي دين جو آهي
ڪفر کي جنهن هو ڇڏيو ڊاهي
پاڪ وطن جو جان و جگر هي
جنهن تي هلون ٿا سينو ساهي
دل تان تنهن کي ڪين ڀلايان
سنڌڙيءَ جو مان شان وڌايان
صحرا صحرا گلشن گلشن
جنهن جا گلڙا ٻهڪن ٻهڪن
آس رکي گر هت ڪو اچي تو
اُن جي يڪدم ڀرجي دامن
سنڌ جو مالهي پاڻ سڏايان
سنڌڙيءَ جو مان شان وڌايان
سنڌ اسان جي آهي "انور"
جنهن تي مرڪين تون تو هر هر
منهن جي آهي تنهن جي آهي
آهه ڀنائي جنهن جو رهبر
ڏنگ اُنهيءَ جي در تي جهڪايان
سنڌڙيءَ جو مان شان وڌايان

# لطيف نامہ

شاھ! منھن جا ساھَ سڀ ڪجھ تو مٿان گھوري ڇڏيان
اھل فن، شاعر، سخنور، نڪتہ دان گھوري ڇڏيان

تنھن جي بيتن آھ بخشي سنڌ کي نئين زندگي
تنھن جي نغمن تي بھارِ جاودان گھوري ڇڏيان

منھن جي لوليءَ واري ٻولي تو جياري جي لطيف!
سنڌ جو ھر ٻار ٻيڙو نوجوان گھوري ڇڏيان

تنھن جي واين ۾ گدازوسوز سڪ بي انتھا
تنھنجي ھر سُرتال تان ھر نغمہخوان گھوري ڇڏيان

ڪير جھڙي روشني آ تنھن جي شعرن ۾ ڇٽي
تو مٿان تارا قمر ۽ ڪھڪشان گھوري ڇڏيان

ھونئن تہ شعروشاعريءَ جا داستان آھن گھڻا
پر سنڌءِ ھڪ بيت تان سڀ داستان گھوري ڇڏيان

تنھن جي ھڪ ھڪ لفظ ۾ آ علم جو اعليٰ سبق
مڪتب و ڪاليج اي روحِ روان گھوري ڇڏيان

تون فصاحت ۽ بلاغت ۽ سلاست جو امام
اڄ جا شاعر ۽ اديبِ خوش بيان گھوري ڇڏيان

تنهن جي گرد ڪاروان کي ڪير پهچي تو سگهي
هر قدم تي سَوَ امير ڪاروان گهوري ڇڏيان

تو اڇائي آ ڏني ڪاراڻ کي بنجي ضيا
تنهن جي سر تان ڇا ڀلا صدقي ڪيان؟ گهوري ڇڏيان

وارث افسانهء پارينه آهين تون لطيف!
فڪر نئين جا اهل فن سڀ نت نوان گهوري ڇڏيان

تنهن جي عظمت آ عقيدت کان گهڻو اڳتي بلند
تو مٿان هر مهربان نا مهربان گهوري ڇڏيان

منهن جي شعرن کي سچائي تو ڀنائي! آ ڏني
آرزو انور جي آهي دل ۽ جان گهوري ڇڏيان

# وطن نامه

جڏهن ظالم مري ويندو ستم جي انتها ٿيندي
جڏهن مظلوم دل جي آهَ ظالم لءِ قضا ٿيندي
جڏهن زانيءَ تي فاتح طاقتن جي ابتدا ٿيندي
جڏهن تقدير تي تدبير غالب برملا ٿيندي
تڏهن روشن وطن ٿيندو ۽ گلشن ۾ بهار ايندي

جڏهن غربت جي دل ۾ جذبهٔ غيرت بپا ٿيندو
اميرن لءِ اُنهن جو عزم همت حوصلا ٿيندو
جڏهن سرمائيداريءَ جو جهان بلڪل فنا ٿيندو
اَمارت تي جڏهن غالب غريبِ بي نوا ٿيندو
تڏهن روشن وطن ٿيندو ۽ گلشن ۾ بهار ايندي

جڏهن تاريڪ راتين ۾ قمر ڪامل جوان ٿيندو
جهان ۾ چار سو روشن انهي جو داستان ٿيندو
جڏهن تارا لهي ايندا جهان تن جو مڪان ٿيندو
جڏهن نا مهربان هر هڪ اسان تي مهربان ٿيندو
تڏهن روشن وطن ٿيندو ۽ گلشن ۾ بهار ايندي

جڏهن قاتل چتين تي ڪين هوندا ڪي ڪلڻ وارا
سڪون جي زندگي هوندي خلوصِ دل ڏيڻ وارا
جڏهن هوندا هتي موجود ڏک سک گڏ سهڻ وارا

جڏهن نابود ٿي ويندا غريبن کي چوڻ وارا
تڏهن روشن وطن ٿيندو ۽ گلشن ۾ بهار ايندي

جڏهن چهرن جي زردي خون مائل ٿيندي عزّت سان
جڏهن مرده دلين ۾ جان پوندي پيار والفت سان
شرارت بي ڪفن ٿيندي شرافت جي سعادت سان
جڏهن ڪينو ڪِنو ٿيندو سچائيءَ جي شجاعت سان
تڏهن روشن وطن ٿيندو ۽ گلشن ۾ بهار ايندي

جڏهن تخريب جي همّت مري ويندي سچن اڳيان
جڏهن تعمير ٿيندي سرخرو هرسوُ لکن اڳيان
جڏهن شرمنده ٿيندو هرڪو فتنو پنهن جي فن اڳيان
جڏهن هر شرڪ ٿيندو دل شڪسته بت شڪن اڳيان
تڏهن روشن وطن ٿيندو ۽ گلشن ۾ بهار ايندي

جڏهن ڌرتيءَ جي سيني تي بهارِ بي خزان ايندي
سِين ويران ياڳن تي حياتِ جاودان ايندي
جڏهن هرجاءِ شادابي ڏسڻ ۾ نوجوان ايندي
جڏهن هرڪنهن گهٽيءَ مان پڻ صدائي شادمان ايندي
تڏهن روشن وطن ٿيندو ۽ گلشن ۾ بهار ايندي

جڏهن مزدور مالڪ فخر سان ئي گيت ڳائيندو
هٿن جي پورهئي کي پاڻ ئي اعلىٰ بنائيندو
”اڙي“ ڪنهن جي نه سهندو ۽ سين کان پيار پائيندو
جڏهن دولت جي باعث ڪونه ڪنهن کي ڀي مٽائيندو
تڏهن روشن وطن ٿيندو ۽ گلشن ۾ بهار ايندي

كفن بردوش تي مردِ مجاهد سر ڏيڻ ايندا
وطن خاطر رقيبن سان لڙڻ ايندا مرڻ ايندا
مُڙڻ کي چاٽي هُو مهٽو شهادت لئ لڙڻ ايندا
جڏهن غازين جي صورت کي لکين ماڻهو ڏسڻ ايندا
تڏهن روشن وطن ٿيندو ۽ گلشن ۾ بهار ايندي

جڏهن شاعر جي نغمن سان فروزان زندگي ٿيندي
ادب جي گوشي گوشي ۾ سچائيءَ جي خوشي ٿيندي
قلم جي شوخئيِ تحرير ۾ هڪ پختگي ٿيندي
جڏهن انور جي شعرن سان جهان ۾ رهبري ٿيندي
تڏهن روشن وطن ٿيندو ۽ گلشن ۾ بهار ايندي

## ٣ ـ مارچ ١٩٦٧ع

حق جو ڪلمو چوڻ سينگار آهه
سر ڏئي سرهو ٿيڻ سينگار آهه
ظلم سان سامهون لڙڻ سينگار آهه
جي ڪني ڪارڻ مرڻ سينگار آهه
حقّ جي طالب سچن کي جس هجي
سنڌ جي سورهه پٽن کي جس هجي
عمر ننڍڙي ايڏي جرات واهه وا
جوش جذبو هام همّت واهه وا
تي ٿئي عبرت کي عبرت واهه وا
نونهالن جي شجاعت واهه وا
جان نثارانِ وطن کي جس هجي
سنڌ جي سورهه پٽن کي جس هجي
مڇ ڏسي هرگز نه مڙيا شير دل
سچ مٿي ٻر ٻر تي سڙيا شير دل
ساک لئہ سڪ ساڻ لڙيا شير دل
مئي مٿي دريا ۾ گهڙيا شير دل
شهسوارن جانبن کي جس هجي
سنڌ جي سورهه پٽن کي جس هجي
گهوٽ جي ساٿيهہ لئہ تا گهائجن
ظلم جي اوتن ۾ سهرا ڳائجن
جن جون آسون دارّ تي لٽڪائجن
رت ڦڙا ميندي‌ءِ بجاءِ تا لائجن
تن بهادر دلبرن کي جس هجي
سنڌ جي سورهه پٽن کي جس هجي

جي ٻڪر ٻوساٽ جيئن ماريا ويا
جن جي سر تي موت جا پاڇا هوا
پنهن جي يارن ۽ مٽن کان جي ڇنا
بي سبب جي ظلم سان اڄ قيد ٿيا
صابرن مڙني اُنهن کي جس هجي
سنڌ جي سورهه پٽن کي جس هجي
سر ڪري سانداڻ لڇيا ڪينڪي
رڪ مٿان ڏسندي ٻه هو پيا ٿي کلي
واهه قرباني سندن وارفتگي
پيش سنڌڙيءَ کي ڪيائون زندگي
سونهن وارن گل رخن کي جس هجي
سنڌ جي سورهه پٽن کي جس هجي
جانبازن شهسوارن کي سلام
بي سهارن جي سهارن کي سلام
دل جي "انور" قربدارن کي سلام
جرئتن جي تاجدارن کي سلام
همّتن ۽ حوصلن کي سؤ سلام
سنڌ جي سورهه پٽن کي سؤ سلام

# زنده باد سنڌ

جن کي جاڳي ۽ ستي هردم رهي ٿي ياد سنڌ
سي چون ٿا شل هجي آباد زنده باد سنڌ

سنڌ صدين کان رهي قائم ۽ رهندي دائما
آ ملي الله طرفان تحفي ۾ امداد سنڌ

سي ويا برباد ۽ تاراج ٿي دنيا منجهان
جن به جڏهين ڪجهه ڪئي آ ڪوشش بيداد سنڌ

پاڻ ۾ ايڪو رکي دشمن کي گهٽجي اهڙو جو
ڪنهن کي طاقت آ ڪري جو ناس ۽ برباد سنڌ؟

سنڌ قرباني گهري ٿي دوستو جاڳو اُٿو
خون جا دريا وهائي پيي ڪبي آزاد سنڌ

ڪو ته حيلو پاڻ ڪريون پوءِ گهرجي هيءَ دعا
رک خداوندا هميشه شاد ۽ آباد سنڌ

سنڌ واسيو غيرتون پنهن جون سدا قائم رکو
سنڌڙي جيڪي گهري اُن کي چئون ارشاد سنڌ

حوصلن ۾ ولولا پيدا ڪجن ٿي باضمير
بي ضميرن کي سدائين آ ڪيو برباد سنڌ

دوستو! تاريخ جا سي ورق اٿلائي ڏسو
ڪيئن سَنا هر وقت صدما سور لاتعداد سنڌ

سنڌو دريا خشڪ ٿي ويو ڪنهن ڪيو سوچيو ذرا
پنهن جي جوڙن ڪان سواءِ ڪنهن سان ڪري فرياد سنڌ

ڊيم ڪالا باغ ٺاهي اڄ وگهي مارڻ گهرن
پر ڪنداسون تن جي لئہ حربا نوان ايجاد سنڌ

زندگيءَ ۾ هر گهڙي والله منهن جو عشق آهہ
موت ڪان پوءِ مون کي ايندي هر هميشه ياد سنڌ

بغض ۽ ڪينو وڏائي جيڪو ٿو اڄ سنڌ ۾
اُن کي ماريو ڳولي ڳولي جئن ٿئي آزاد سنڌ

اڪ جي ماکي ناهہ سنڌڙي جنهنکي ڪو لاهي سگهي
ڪير آهي جو اُکوڙي ٿو سگهي بنياد سنڌ

پنهنجي ڌرتي پنهنجا ماڻهو سور چرندا ٿا وتون
بي حسي "انور" ڏسي هر دل ڪري فرياد سنڌ

# كافيون

## ڪافي

ڪري وئين ويڳاڻو تي پل پل پڪاريان
ڏري ڏيل منهن جو هنجون روز هاريان
ڪيئہ قول جيڪي مرڻ ۽ جيئڻ جا
قضا پاريا سي تہ صدمن سهڻ جا
وڇوڙي وڏا وَڍَ عمر ڀر رئڻ جا
برهہ جون مان باهيون اندر ۾ تي ٻاريان
پري چرڪ آديءِ اچانڪ اُتان تي
پريو پاڻ خالي ڏسي مان رئان تي
تيـو روح زخمي انـدر ۾ جلان تي
ڪنيو نيڻ جانب تي تولۂ نهاريان
اڪيلو ڇڏي وئين ڪري بي وسيلي
نہ اوهي نہ واهي نہ جيڏي سهيلي
اُداسي پياسي سين ڪـان اڪيـلي
الا! هر گهڙي تي غمن ساڻ گهاريان
ڪري ياد پنهن جون ڪچايون ڦڪايون
مون کي رت رئاڙن سندءِ سڀ سچايون
ڪيون درگذر تو سندم سَوَ مدايون
وفائن تان تنهنجي تي جند جان واريان
نشانيون اوهان جون مان ڇاتيءِ لڳايان
سچو ساءُ خوشبو اُنهن مان تي پايان
رئان پنهنجي پر ۾ اُنهن کي ڪلايان
اِنهيءَ ريت توسان ڪيل قول پاريان

سکن سات چڏيو تيا ڏک سلامي
جدائي هيءَ جانب پلءِ پئي مدامي
تيان شال جلدي اوهان سان مقامي
اِنهيءَ آس "انور" جڏو جيءَ جياريان

## ڪافي

سڄڻ ناز تنهن جا ادائون غضب
وفائون غضب ۽ جفائون غضب
مان ادلي ۽ گدلي پيس تو اري
سوا تو نہ ٻي ڪي سندم دل گھري
ڀلا ڀال تنهن جا سخائون غضب
مان تو ڪاڻ واجهائي هردم رئان
مٺا حال دل جو تہ ڪنهن سان ڪيان
جي ريجهين ڪرين ٿو پڃائون غضب
نہ انور جي ساعت سوا تو سري
ائين ناهہ واجب گذارڻ پري
جدائيءَ جون ڏين ٿو سزائون غضب

## ڪافي

نينهن ڪيس نادان
هوش عقل سڀ ورهه وڃايو
راتيون جاڳي صبح ڪيا مون
سڪڙا ڪري قربان
روئي اکين آ رت وهايو
دردن ماندي دلڙي ڪئي آ
سورن جو سامان
مون کي ڏنو تو محب سوايو
داغ هجر جا دل کي جهورن
لڙجي ويا ارمان
پيار ۾ هي تحفو مون پرايو
مار نه پياسو پيار ۾ مون کي
مون کي اڇي ايمان
”انور“ آهي اصلئون اُڃايو

## ڪافي

قول نيائي غازي ڀڳت جي
سچ چڙهيو آ سولي سولي

ڪوڙ ڪميڻو ڪارو نڪتو
ڄاڻ انهيءَ ڪي جر تي ڦوڙو
ڇرڪري ويو ڇولي ڇولي
سچّ چڙهيو آ سولي سولي
ويري مڙيا ئي چئني پاسي
جان اڪيلي مرڪي موڪي
عشق جي اوڏي لالڻ لوئي
سچّ چڙهيو آ سولي سولي
ظلم جي آڏو ڪين ڪي جهڪيو
ڏاڍ جو ڏاري هرڪو اولو
مڙس ڪئي ويو بازي ساري
سچّ چڙهيو آ سولي سولي
ڌرتيءَ خاطر ڀڳيو دودو
جرڪي جرڪي جڳ جو جوڌو
قوم وطن جو ڀڳت جي ساکي
سچّ چڙهيو آ سولي سولي

راز اِنهيءَ ۾ ڪوئي آهي
ڪوپو هليو سينو ساهي
سورهه بٽيو آخر ياڳـــي
سچّ چڙهيو آ سولي سولي
ريتو تيندو منهنجو رهبر
ڪاءَ قسم تون اُن جو "انور"
هل تہ تيون يَرَ هُن سان لاڏي
سچّ چڙهيو آ سڙلي سولي

# قطعات

جڏهن مشڪل ڪو وقت آيو تڏهن يارن ٻه منهن موڙيو
الا! افسوس اي آهي اوهان يارن ٻه منهن موڙيو
ڏسي منهن جي ڪسمپرسي نه همدردي پڳي ڪائي
تي شامل غير سان آخر وفادارن ٻه منهن موڙيو

دل بارگاهِ حسن ۾ قربان ڪري ڇڏيم
هنگامۂ حيات پريشان ڪري ڇڏيم
هن زندگي کي ياس جو عنوان ڪري ڇڏيم
يعني غمِ فراق نمايان ڪري ڇڏيم
دوشِ چمن بهارِ گلستان ڪري ڇڏيم
گويا هي عندليب تي احسان ڪري ڇڏيم
فرقت جي زندگيءَ کان طلب موت جي ڪري
مشڪل ترين دور به آسان ڪري ڇڏيم

زر کپي زردار جي صحبت نه گهرجي نيڪ خو
ڪير تو اج ڪله پڇي افعال ۽ ڪردار کي
بنهنجا ماري ڇيچلائي خون تن جو تا پيون
اج تا ورجايون نئين سر قصۂ تاتار کي
چپ سبيل ڳوڙها ڳلن تي ڪئن ڪچان سڏڪان به بند
ڪوئي آهي جو گهٽي پيو قوتِ اظهار کي
حق پسند آهين اگر منهن تي چئي ڏي بي ڊپو
چو يلا جانچين پيو تون وقت جي رفتار کي

صبر جي ڇهري تي غيرت جو جلال
ڪير آهي جو ڪچي ڪافر ٿئي
موت سستو زندگي مهانگي ڏٺم
بخت ڪنهن جو هئن نہ شل بدتر ٿئي

صبح جي ڳاڙهي ڪڪر جو ٽوڪي سنهن
منهن جي اوجاڳيل اکين ۾ تون نهار
صبر جو چهرو مقدّر جو سوال
قلب جي بيچارگيءَ ۾ اضطرار

اسان پنهن جي سچائيءَ جا سهارا آزمايون ٿا
ڪڙيون ڳالهيون ٻڌي پنهن جا پيارا آزمايون ٿا
ڪري طوفان سان الفت رکي گرداب سان ياري
ڇلي ڇولين وچان دل جا ڪنارا آزمايون ٿا

رهڻ ڏي رهنما جي آسري ۾ رهگذارن کي
مون ورتو آهه رهبر يار جي گردو غبارن کي
جنونِ عشق ۾ سجدن تي سجدا ڪن تا ديوانا
رخِ دلدار جي دلڪش حسين نقش و نگارن کي

ناکئا! طوفان ڏسي چو تو ڊچين روئين رڙين
منهن جي ڪشتيءَ جو پلي گرداب ئي ساحل ٿئي
اي سخي! بيتاب دل توکان سواءِ ڪيڏانهن وڃي
شل نہ ٺڪرا تنهن جي در تي ڪاسهءِ سائل ٿئي

تڏهن دشمن بہ کليا اڄ ۽ پنهن جن پڻ هنيا طعنا
جڏهن ديدار لئہ دل کي تمنّائي ڪري وينس
مون پٿر کي خدا سمجهي رکيو سر پنهنجو سجدي ۾
اجايو غير اڳيان پنهنجي گهٽتائي ڪري وينس

هڪ نگاهِ ناز ڪافي آ ڪسڻ خاطر وري
اي طلبگارِ شهادت خنجرِ قاتل نہ ڳول
تي ٽئي گرداب جي موجن سان حاصل زندگي
وحشتِ طوفانَ سان ڪر پيار ۽ ساحل نہ ڳول

نئين سر ڪا محفل رچائي ڏسو
محبّت جا ميلا مچائي ڏسو
ڪري پير اکيون ڏبيون حاضريون
ڪڏهن ڏيئي دعوت گهرائي ڏسو

هِت دردوالم جا دود دکن هُت حسن‌وجواني توبہ‌شکن
کنهن‌کنهن کی بڈايان دل‌جو بيان هِت‌ڏار غضب هُت‌ڏار غضب

ير يرجي صدا ميخاني منجهان تو کوئي کري ير هي تہ بڏو
کجهہ دير سهو اڳتی نہ وڌو آ ساقي غضب ميخوار غضب

هک دل تي چري پيو يار وري ترتيب نئي آ هاڻ رتي
اکين ۾ غضب غمّاز غضب گفتار غضب رفتار غضب

هک روپ نگر جي حور هئي جنهن دل کي اچي مفتوح کيو
وارن سان ونگي آ قيد کيو نيڻن جا کيا لک وار غضب

هڪڙي گردن ۾ هزارين ڪاتيون
ها! ڪپن تيون شينهن جهڙيون ڇاتيون
ڪوڙ جي ڪاراڻ تي مغلوب تي
سچّ جون اُيريون نيون پرياتيون

پنهن جو نصيب پنهن جي هٿن ساڻ ٺاهجي
هن جي حضور ڳالهه نه هرگز وڏي ڪجي
ڪا شانئه حيات ۾ اونداهه تي ته ڇا!
ٻاري جگر جا داغ نئي روشني ڪجي

شڪر ڪر مئي نوش اڄ موجود آهن تيا اڇي
مئي نئي ساغر نئون ساقي نئون محفل نئي
ڇڏ پراڻا داستان پارينه قصّا هي تيا
قدر بدليا زندگي آ تي وئي حاصل نئي

# غزل

آمر کان زورِ بازو تي قوّت کسي وٺو
مکر و فريب واري امامت کسي وٺو

هر روز تو بنائي بهانا نوان نوان
ڪوڙي ڪان هر لباڙ رعونت کسي وٺو

اڄ چؤ ڪنيو ٻڌوس ڪري گوڙ شينهن جان
غاصب ڪان پنهن جي پاڪ امانت کسي وٺو

نامرد مرد جي پوي هاڻي پروڙ تي
دسيوس ماري ڏوڙ ۾ نخوت کسي وٺو

لائق نہ آهہ دم بہ جيڻ جي گناهگار
ماري تڏو ڪيوس تمازت کسي وٺو

وک ساتيو وڌايو هو منزل اچي وئي
معذور بي بصر ڪان قيادت کسي وٺو

(نا مڪمل)

اڄ جي ٻر زندگيءَ ۾ جِي ته مرڻو تو پوي
بارها ڪن لئہ مري مجبور جيڻو تو پوي

ڪنهن سان همدردي ڪرڻ اڄ آ بڻيو اعليٰ گناهه
ظلم سان زخمن تي ڪنهن جي لوڻ رکڻو تو پوي

تي لڪي روئي شرافت پنهن جي نا قدري ڏسي
ها رذالت تي ڪلي جنهن ساڻ هلڻو تو پوي

ڪنهن جي مجبوريءَ تي ڪريون تا مذاقون شاد تي
ڪنهن غريب زار جي گردن کي ڪپڻو تو پوي

بي حيائيءَ ۾ رذالت جو اڄوڪو دوُر آهه
چادر عصمت کي ليڙون ليڙون ڪرڻو تو پوي

حقّ جي خاطر تا لڙون جيڪر اسين اڄ مرد تي
ويٺ نامين جيئن نشان ملم تيڻو تو پوي

هڪ ڳيي خاطر سوين ڏوهن کي پيدا تا ڪريون
پيٽ جي خاطر هتي چا چا نہ ڪرڻو تو پوي

اڄ ادب جي اوٽ ۾ تخريب جي تعمير آهه
محفل شعراء ۾ ڪوڙو داد ڏيڻو تو پوي

چاپلوسيءَ جو زمانو آهه آيو دوستو
اڄ ڳتيءَ خاطر ڳڏهه کي پيرين پوڻو تو پوي

بک وگھي احساس ڪنجي ويو اسان جو زنگ جيئن
خود ڪھاڙو پير پنھن جي تي ئي ھٽو تو پوي

پنھنجي ڌرتي پنھنجا ماڻھو پنھنجا گھر پنھنجو سڪون
ھوندي سوندي بيڪسيءَ ۾ سور سھڻو تو پوي

اڄ جي ياري دوستي "انور" رڳو آھي فريب
گردشِ دوران سان خالي سات ڏيڻو تو پوي

اڄ ڪلھ رڳو نہ آھي مڪينن ۾ ڪشمڪش
ٽيندي رھي ٿي روز دفينن ۾ ڪشمڪش

سي زندگيءَ ۾ ساھ پلا سڪ جو ڪٿن ڪٽن
ڪاتب لکي ٿو جن جي نصيبن ۾ ڪشمڪش

وارفتگي ۾ دست بريده ڪري ڇڏيئون
يوسف اڳيان ٿي ماھ جبينن ۾ ڪشمڪش

اڄ ڪلھ جي شاعرانہ تخيل وجھي ڇڏي
عقل و خيال ذھن جي سينن ۾ ڪشمڪش

ميخانہ ۾ ٿا مست ٿي ميڪش پين جين
منبر جي آس پاس خطيبن ۾ ڪشمڪش

بتخانہ ۾ ڏٺائون جو عزّت بہ ٿي وئي
حسنِ بتان جي لاءِ ذھينن ۾ ڪشمڪش

منھن جي جنونِ عشق جو ھي معجزو ڏسو
”پيدا ڪري ڇڏي مون حسينن ۾ ڪشمڪش“

ساحل ڪري تلاش تڪي پيا تڏھن ڪان آھ
گرداب جي قريب سفينن ۾ ڪشمڪش

انصاف جي لباس ۾ جائز ستم گري
جلوه فروز آهه امينن ۾ ڪشمڪش

"انور" رڳو نہ آهه وڏي ڪشمڪش ۾ پر
جيڏانهن ڪجي نگاهه اديبن ۾ ڪشمڪش

ازل کان مشتهر آهي هي آب و گل جو افسانو
حقيقت جي مقابل ڪوڙ تيو باطل جو افسانو

جنونِ غم اگر آهوشور عاقل جو افسانو
سڪونِ دل ڪٿي جاٽج زينتِ جاهل جو افسانو

تباهي پيار جي آهي شڪستہ دل جو افسانو
وصالِ يار ۾ پنهان تيو خوشدل جو افسانو

ڪري پٿر بہ پاڻي نالهائيِ دل جو افسانو
مگر تيو بي اثر هُن تي دمِ بسمل جو افسانو

نگاهن جي اڳيان لنجي وجي تي زندگي منهنجي
دلِ بيتاب کان پيچ پردهٔ محمل جو افسانو

نہ آهي حسن ۾ شوخي نہ آهي عشق ۾ جذبو
وجي باقي بچيو آ گرمئيِ محفل جو افسانو

حضورِ حسن ۾ آئون بَہ صد نوڙت عجز بنجي
ٻڌائيندس مگر ڳوڙهن سان پنهنجي دل جو افسانو

هزارين تون ڪندين حيلا مگر آسان تئي مشڪل
ستمگر تي ڪري مشڪل ٻڌي مشڪل جو افسانو

جڏهن منهن جي مقدّر ۾ لکيل آهي هي تاريڪي
پڇان تڏهين ٿو تارن کان مه ڪامل جو افسانو

نہ رهبر جي ضرورت آه مون کي جيستائين آ
صدف دل جي ۾ قابو گوهر منزل جو افسانو

نہ رهندي ياد ڪشتيءَ جي نہ طوفان جون تباهيون پر
سلامت رهندو باقي موج ۾ ساحل جو افسانو

سخيءَ جي در تان ٿيو محروم جنهن دم پرت جو پاڳل
ٿيو مشهور هرجا ڪاسهٔ سائل جو افسانو

شهيد عشق مان ٿيندس عزيزو! ڏيو مرڻ مون کي
لهو منهن جي کان پڇجو خنجر قاتل جو افسانو

اگر پائنئين محبّت ۾ ٽئي نام و نشان "انور"
تہ ڪنهن سان ڪين ڪر اُميّد ۾ حاصل جو افسانو

اسان جي سنڌ صدين کان پراڻو داستان آهي
محبت اَمن جي ۽ روشنائيءَ جو نشان آهي

لٽيرا ڪيئي آيا ۽ ويا تاراج ٿي آخر
اسان جي آهه ڌرتي ۽ اسان جو آسمان آهي

اسين وارث اسين مالڪ اسانکي ڪير هٽ لائي
ڪڍي ڇڏيون جناخون اُن جون جيڪو غير سان آهي

اسين دشمن کي هر صورت نپوڙي ساهه ڪڍنداسين
جيئي سنڌ شل سدا جيئي هي نعرو پاسبان آهي

اسان جوئي تا کائن ۽ گِرن تا چا سبب آهي
اسان مان ڪو تيو غدّار پنهن جي درميان آهي

اسان جا رشتہ ڌارين سان اسان جا ناتا ڌارين سان
الائي بي حيائي پاڻ ۾ آئي ڪتان آهي

اسان جا پنهن جائي افسر نپوڙي رت نچوئن تا
اسان تي ظلم ڪن پنهن جا اِهو بلڪل عيان آهي

اسان گهرڙا بہ وڪڻون تا هو بنگلا روز نهرائن
هو مالڪ تيو تا ڪن مستي اسانجي ڏيج ڏجان آهي

اسان لاڪاڻ دادو ۾ ڪئين صدما سنا آهن
اسان جي ننگ ۽ ناموس جو نازڪ بيان آهي

نماڻي سنڌ لٽجي پئي اسين خاموش چو آهيون
اُتو جاڳو لڳي وئي باهہ پنهنجي گهر منجهان آهي

لڳائي تو غلط اندازه پنهنجي وقت جو مالڪ
غريبن جي هي دنيا آ غريبن جو جهان آهي

ستم هڪڙو هجي پو مات ۾ ويهي گذاريون ير
مگر ظلم و ستم جو سلسلو هرسو روان آهي

اسان جي شاعري بي فيض نغما سي اداس آهن
اسان جو علم ۽ دانشوري بي خانمان آهي

اسان جي سوچ تي پهرا قلم جو قتل جاري آ
ڪچي تو ڪو زبان سان سچ تہ اُن دم وٺ وٺان آهي

هي زنجيرون بندي خانا اصولن کان نہ موڙيندا
اسان جو غيرتہ احساس چڙهہ آتش فشان آهي

اسين پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي اڪيلا چو ٿيا آهيون
جڏهن الله سائـي آ محمّد مهربـان آهي

اڪين ۾ آب آيو جئن ڪيو محسوس مون "انور"
نہ ڪوئي هم سخن آهي نہ ڪوئي هم زبان آهي

اشارن ۾ نتو هرگز هو اندازِ بيان سمجهي
ڪلان تو اِن ڪري من مسڪراهٽ جي زبان سمجهي

سندم هن بت پرستيءَ کي ٻلا عابد تون ڇا ڄاڻين
حقيقت منهن جي سجدن جي تو سنگ آستان سمجهي

هي ڪهڙي بزم ۾ آئون اچي ڦٿس جتي منهنجو
نہ ڪوئي هم خيال آهي نہ ڪوئي تو زبان سمجهي

دلِ مهجور کي صدمن ڏنا اهڙا ڏجها آخر
شبِ هجران ۾ پنهنجي پڻ نتي آه وفغان سمجهي

هي منهنجي بدنصيبي آهہ اهڙي تي نصيبن سان
"زمين جي ڳالهہ ڏادي دير سان تو آسمان سمجهي"

نحيف و زار کي بيسود ڏوهي تو ڪري جلدي
"زمين جي ڳالهہ ڏادي دير سان تو آسمان سمجهي"

اکين جي اشڪ ريزي ۽ نهارڻ بيقراريءَ ۾
تيون گونگن جون هي ٻوليون نہ تو ڪو ترجمان سمجهي

اسين آهيون رڳو رنگت ۽ زيبائي جا شيدائي
گلن جي ارتقا پوريءَ طرح تو باغبان سمجهي

اڪيلي رات ساري ٻي ڪيم تارن سان ڳالهيون پر
نہ صدمن ۾ سڃاڻپ آ نہ سوزِ نوح خوان سمجهي

نہ تڪجان نقش ِپا ڳولي نہ موٽان نامراديءَ کان
پلا ڇا جذبۂ ِرهررو غبار ِڪاروان سمجهي

اکن جي ناوڪن سان دل کي تو پرزا ڪرڻ چاهيان
هي راز ِعاشقي هرگز نہ شمشيرو سنان سمجهي

سڪون ِدل جي خاطر اشڪ ريزي مان ڪندو رهندس
ڳلن جي آسمان جو ڪئن ڪرشمو ڪهڪشان سمجهي

اڳيئي دل جو ڪاشانو اسان ڇڏيو جلائي آ
نگاه ِناز جي جلون کي ڇا برق ِطپان سمجهي

سڄڻ جي سونهن جو رس پي تو سڄان مست مستانو
مگر پنهن جي عنايت مون تي تو پير ِمغان سمجهي

جڏهن تو جلوءَ ِهي خنجر ڪري هي زخم ِدل تازا
گل ِخندان تو "انور" پاڻ کي چاهت وچان سمجهي

اقرار سان تڪرار فنا ٿيو ته بجا ٿيو
دستورِ وفا هن ۾ بپا ٿيو ته بجا ٿيو

سر يار جي قدمن تان فدا ٿيو ته بجا ٿيو
الفت جو هي آداب بجا ٿيو ته بجا ٿيو

منظور مصيبت ۽ ستم مون تي صنم جا
منزل تي رسي پوءِ خفا ٿيو ته بجا ٿيو

بيمار ڏسي ملڪ چڏي ٿيو هو روانو
هي درد جدائيءَ جي دوا ٿيو ته بجا ٿيو

دربارِ صنم جا نه تون اسرار عيان ڪر
گر عشق ۾ آ هوش خطا ٿيو ته بجا ٿيو

پروانو پڇي شمع جلي شوق سلامت
گر موت سان انجام وفا ٿيو ته بجا ٿيو

ڪاسو مان ڪٺي نيٺ درِ يار تي پهتس
پينار تي سائل بهَ سخا ٿيو ته بجا ٿيو

آيو ۽ پيشمان رنائين تي، ڪري غم
تربت کي ڏسي ڪيس حيا ٿيو ته بجا ٿيو

هردم تو وفادار ڪري پيار وفا سان
جي پيار ۾ هربار گدا ٿيو ته بجا ٿيو

"انور" جي غمن ۾ نه ڪا تخفيف ٿئي ٿي
مشڪل جي اچي منهن جي قضا ٿيو ته بجا ٿيو

اوهان جو نقش پائي رهہ گذر آهي اجا تائين
ملڻ جي آرزو زادِ سفر آهي اجا تائين

فراق و غم اسان لۂ چاره گر آهي اجا تائين
اِهو هڪڙوئي نسخو ڪارگر آهي اجا تائين

جنونِ عشق منهنجو نامور آهي اجا تائين
سرِ بازار هي آشفتہ سر آهي اجا تائين

عقيدو جنهن رکيو سو فيض ور آهي اجا تائين
”فقيرن جي دعائن ۾ اثر آهي اجا تائين“

جي سجدن ۾ عبادت آ تہ پو ڪعبي سان ڇا مطلب
اوهان جي سنگِ در تي منهنجو سر آهي اجا تائين

وچڻ وائي نہ ڪر سهڻا ملي هيءَ رات مس مس آ
هي چانڊوڪي بہ ڏس بيٺو قمر آهي اجا تائين

اجازت ڏي قدم تنهنجا چمان پنهنجي اکڙ تي مان
غلط سمجهيم تي جاني بي خبر آهي اجا تائين

پريشان حال آزرده ۽ مرڪوزِ تماشائي
قفس ۾ طائرِ بي‌بال و پر آهي اجا تائين

اُنهن خمدار زلفن ۾ تيڻ چاهيان تو گم آئون
جتي جلوه نما ڪافر نظر آهي اجا تائين

هي پنهنجي پنهنجي قسمت آ ڪبي ڇا پيٺ دنيا سان
غمِ جانان متاعِ مال و زر آهي اجا تائين

درِ ميخانہ ميڪش جي صدا ڏي غور ڪونهي ڪو
تو ٻڌجي ميڪدي ۾ شور و شر آهي اجا تائين

ڪري قالوبليٰ جو قول خلقت ڪان ٿيو اعليٰ
جهان جي راز جو مظهر بشر آهي اجا تائين

اوهان وعدا وساري بي رخي ڪيڏي ڪئي ليڪن
انهيءَ هوندي بہ "انور" منتظر آهي اجا تائين.

اوهان وٽ رهيو آ جفاڪار جي دل
اسان آهه ڏاري وفادار جي دل

مثل آهه پتر سڄڻ يار جي دل
نہ ها آ رهيو آهه انڪار جي دل

چون تا تہ درجا دلين تي ملن تا
اسان آهه ڏاري تہ ايثار جي دل

هتي دل هُتي دل رهيو دل ڪپي دل
سڪون تي ڏئي يار دلدار جي دل

حسينن ڪيو شوق سير چمن آ
تي ٽپڪا ڏئي گل ۽ گلزار جي دل

هلين تو تہ هرڪو چوي هاءِ وئي دل
جي مُرڪين تہ قتڪي دل زار جي دل

اُتين تو تہ طوفان برپا تي وڃي تو
وهين تو تہ مرڪي تي بيمار جي دل

اچين تو تہ عشّاق دليون وڃائن
وڃين تو تہ ڏي تهڪ اغيار جي دل

سنڌ سونهن سوپيا سان جڏهن تي جرڪي
پئي مونجهہ ۾ آهه وينجهار جي دل

اي دل زهِ نصيب هو تنها اچي پيو
اڄ بي نقاب جانِ تمنا اچي پيو

محرم ميِ وصال نہ فرياد ڪر فغان
پورو ڪرڻ هوُ وعدهٔ فردا اچي پيو

تاريڪين جو دوُر تيو ختم نيٺ آھ
دل جي فلڪ تي رشڪِ ثريا اچي پيو

تحقيق هن جي مونسان محبّت تي پائنجي
منهنجي قريب حسنِ سراپا اچي پيو

مينوش صبروضبط ڪجي اختيار هاڻ
ساقي بدست ساغرومينا اچي پيو

دليون سنڀالجو تجو هوشيار دوستو
سينگار جو صنم گلِ رعنا اچي پيو

ساقي جهڪي ادب سان تون فرشي سلام ڪر
"اڄ ميڪده ۾ طالبِ مولا اچي پيو"

منهنجي پراڻي خواب جي تعبير تي پئي
"اڄ ميڪده ۾ طالبِ مولا اچي پيو"

چئني طرف نشاط جو عالم تو پائنجي
محبوب منهنجي گهر ڏي مبادا اچي پيو

اکيون وچائنجانءِ رکي وار فرش راهه
صد احترام ڪـــر شه،والا اچـي پيـو

ماڻـــي هـــزار سالـگره هُـو خدا ڪري
اعليٰ نـسـب سو برتروااعليٰ اچـــي پيو

صحرائي شب ۾ تنهنجو تصور ائين ئي آهه
سامهون مچاڻ نور جو دريا اچي پيو

تنهنجي حضور پنهنجي خطائن سميت اڄ
تنهنجو غلام جيئندا قبلا اچي پيو

محبوب سائين تو ۾ رکي آرزو وڏي
"محمد شفيع" ساڪن هالا اچي پيو

اي زاهدِ شب خيز تون مئخوار تيڻ ڏي
ساقيءَ جي هڪ ئي سرڪ سان سرشار تيڻ ڏي

بي رنج ومشقّت نہ ملي گنجِ مسّرت
اي سوزِ درون غم جو خريدار تيڻ ڏي

جنهن عشق جي تلوار سان غيرن جو ٿئي قتل
اي قوّتِ تقديرا سا تلوار تيڻ ڏي

قاصد ڇا بجا آڻي سگهي تنهن جي ادب کي
اي عشق! تون خود قوتِ گفتار تيڻ ڏي

جنهن بت جي اتم صورت رنگين اکين ۾
يا رب! تون انهيءَ بت جو پرستار تيڻ ڏي

شل گل ٽڙي گلشن سندي احساس ۾ گلفام
اي باد صبا! شوق جو گلزار تيڻ ڏي

من يوسفِ ڪنعان جي قدمن جو شرف ٿئي
اي محو خواب! مصر جي بازار تيڻ ڏي

اي بختِ زبون تنهن جي عداوت جي نہ پروا
من! يار جي دربار ۾ پينار تيڻ ڏي

ڪلهہ آيو هلي يار عيادت جي بهاني
اڄ حسرتِ ديدار ۾ بيمار تيڻ ڏي

اندازِ تصور ۾ اتم يار جو انجام
ظلمت ڪدهءِ دل کي پُر انوار تيڻ ڏي

ورهن ڪان رهي آس ۾ ”انور“ تو الاهي!
محبوب جي آغوش ۾ هڪوار تيڻ ڏي

اي غمِ جانان جدا مون کان نہ ٿي
اي فراقِ جاودان ويران نہ ٿي

منهن جي گهر ۾ ۽ فسانو غير جو؟
اهڙو مون وٽ اي حسين مهمان نہ ٿي

مان تباهيءَ ۾ رهان مسرور تو
مون تي دلبر مائلِ احسان نہ ٿي

پاڪبازيءَ جو نہ وٽ کو امتحان
اي صنم غارتگرِ ايمان نہ ٿي

رنگ لائيندو جنون منهن جو ضرور
اي غمِ دل! تون بلائي جان نہ ٿي

پنهن جو پنهن جو آ مقدّر ۽ نصيب
قسمتِ منحوس تي نالان نہ ٿي

موت آهي زندگيءَ جو تيو حصول
تون جهان ۾ سوختہ ارمان نہ ٿي

مون کي بحرِ غم ۾ لذّت تي ملي
موج تي ساحل نہ ٿي طوفان نہ ٿي

عاقبت جو حال ڄاڻي تو خدا
هت جدا مئخوار تون مي کان نہ ٿي

هر نظر ۾ بيــخودي موجــود آهہ
هُن جي رنگ ِ ناز تي حيران نہ ٿي

پنهن جي وحشت تي سدا ڪر ڀروسو
عقل مندن جئن وري نادان نہ ٿي

تــو مصيبت ۾ مــلي "انــور" سڪــون
منهنجا مشڪل منهنجي لڱ آسان نہ ٿي

اي منهن جا دلربا توکان سوا محفل ۾ ڇا آهي
سوا تنهن جي رکو اُميّد جي حاصل ۾ ڇا آهي

سنڌ جودو سخا ۽ پنهن جي ڏوهن کي تو ييتيان مان
خدا ڄاڻي ڏنو تو پنهنجي نـاقابـل ۾ ڇـا آهي

درِ دلدار بيٺو آ صدائون تو هٽي هردم
مگر هو ڪجھ نتو ڄاڻي دلِ سائل ۾ ڇا آهي

سفر جي هرڪا دشواري تي بخشي بيڪران لذّت
اگر پهچون ٻه ليڪن حاصلِ منزل ۾ ڇا آهي

دلين جـو آهه هڪ مالڪ اهوئي حال ڄاڻي تو
"خبر ڪهڙي زماني کي ته منهن جي دل ۾ ڇا آهي"

مـزو گـرداب ۾ آ جـت جـنـون جي يـيـٽ ييٽان ا
بنا ڪنهن جوش جذبي جي ٺاهي ساحل ۾ ڇا آهي

هٽي تيرِ نظر ماري جياري تو سڄڻ سامهون
اجايو ڇو وڃان مان کو چئہِ قاتل ۾ ڇا آهي

سندم سامهون هي شهرِ آرزو ويران تيو آهي
سموري سونهن لتجي وئي مهِ ڪامل ۾ ڇا آهي

اگر چاهين تو عرفانِ حياتِ جاودان "انور"
جنون ڪامل کي کر پيدا سڪونِ دل ۾ ڇا آهي

برائي خدا کا عنايت ڪجي
محبت جي بدلي محبت ڪجي

سوا ياد اُن جي نه ٻيو سوچجي
درِ يار تي جهڪ اطاعت ڪجي

متا آهه مس مس لڳو وجهه سنو
ملاقات اڄ ڪنهن به قيمت ڪجي

رُسي هو ته صد بار پرچائجي
نه ڪنهن غير سان کا شڪايت ڪجي

اگر دلربا درد ڏي ڏارجي
سڄي شام اُن ساڻ قربت ڪجي

اچي هو ته اکيون وڇايو ٻئي
سندس مان موجب سواگت ڪجي

اگهڻ هو اُجاري ته مطلب بنا
خلوص و ادب ساڻ خدمت ڪجي

ملن سور جيڪي گلي لائجن
نه پلجي اُنهن جي حڪايت ڪجي

پري جام ساقي صبوحي ڏجي
اُجن کي نه محرومِ حسرت ڪجي

لبِ بامر هو دعوتِ ديد ڏي
تصوّر ۾ روزِ قيامت ڪجي

جتي پيي ڏسين يار جو نقشِ پا
چمي خاڪ حاصل سعادت ڪجي

نظر تيغ زن طاقِ ابرو ڏسي
بيان ڪهڙي دل جي حقيقت ڪجي

رڳو بي رخي پيي چڱي ناهه يَرَ
ڪڏهن ڪا تہ صاحب سلامت ڪجي

پڇي ڪين سگهجي تو "انور" جتي
ادب عاجزي اُت نهايت ڪجي

بعد مدت ساڻ منّت يار پرچايو اٿم
هن جو اندازِ نظر ۾ پيار بدلايو اٿم

حسن جي شوخي ۾ نرمي نيٺ ايندي باليقين
عاجزيءَ سان اڄ سڄڻ کي ڏاڍو شرمايو اٿم

خالِ رخ حَجَر اسود سمجهي هرهر مون چميو
عارضِ رخسار بنجي ڪعبو چڻ آيو اٿم

هر جفا کان هن ڪئي توبه غلط فهمي مڃي
بي وفا کان اڄ وفا جو ٻول ٻولايو اٿم

مان اوهان جي هڪ اشاري تي مرڻ لئه پيو جيان
عشق صِادق اِن طرح سان هن کي سمجهايو اٿم

ڪيئن وساريان ناهه ممڪن تنهنجي عظمت اي عظيم!
نام تنهن جو هن زبان تي ورد تي آيو اٿم

تنهن جي در تي سونهي سهٽا سر سندم خم بار بار
غير آڏو نيچ نائي نيٺ پڇتايو اٿم

تون ڪرم لطف وعطا ۾ صاحبِ جود وسخا
تنهن جي رحمت دشمنن ۾ خوب مرڪايو اٿم

مرڪزِ عرفان حقيقت کي ڇڏي صد حيف آهه
وهم پٺيان عمر ساري پاڻ ڀٽڪايو اٿم

قول پنهن جا ياد ڪج تون اي حسين نام ِخدا
تنهن جا وعدا ياد آڻي دل کي پرچايو اٿم

تي ڏنم هر ظلم پويان رحم جو دلڪش نشان
اِن ڪري تنهن جي ستم کان ڪين ڪيٻايو اٿم

ڪيئن پلا دامن ڇڏائي تو سگهان "انور" جڏهن
تنهن جي زلفن ساڻ دل جو پيچ اٽڪايو اٿم

بهار آئي وڌي ويئي وري گلزار جي شوخي
تعجب خيز اڄ آهي گلن ۽ خار جي شوخي

رُسي مون سان ٿو پرچي هو مزو اهڙي آ چاهت ۾
ڪڏهن اقرار جي شوخي ڪڏهن انڪار جي شوخي

نہ ٿيندو ختم هاڻي داستانِ ياس ۽ حسرت
ڏني مون هن زماني ۾ نصيبِ زار جي شوخي

هلي آيو عيادت لئہ علاجِ مرگ جي خاطر
ڏسي بيتاب ٿي ويو هو دلِ بيمار جي شوخي

نہ اچڻو هو نہ آيو ۽ وئي ٿي رات پوري پر
پسند آهي مون کي هي وعدهٔ ديدار جي شوخي

شرارت شان ۽ شوخي سکي هن ڪان يلي بيشڪ
ڪڏهين رفتار جي شوخي ڪڏهين گفتار جي شوخي

نہ آهي سهڻ جي طاقت زبان خاموش ٿي ويئي
ڪري بي جان ٿي مون کي نگاهہِ يار جي شوخي

هٽائي ڪاڪلِ پيچان ذرا حالت تہ ڏس منهنجي
مٽائي دل جي هستي تنهنجي هڪ هڪ وار جي شوخي

نہ لهندس هوڏ تان هرگز مان بيشڪ آزمائيندس
سرِ مقتل مقدر جي تڪي تلوار جي شوخي

حياتي تنهنجي خدمت ۾ آ نذرانو ڪئي "انور"
ڏسي وج روبرو جاني دلِ ايثار جي شوخي

بيتاب نظر خاموش زبان اندازِ بيان معلوم نہ آھ
ھي عشق جو غم لڙڪن جو قسم ڪئن تيندو عيان معلوم نہ آھ

ساقيءَ بہ ويو ساغر بہ پڳو ميخانہ وري تي خالي ويو
ڳولا مان ڪيان ڪٿ ڪٿ تہ وڃي اڄ پيرِ مغان معلوم نہ آھ

ھن دھر فنا جو دؤر ڏسي بي سود تقاضا ڪير ڪري
پر ڇا مان ڇوان جو ڪنھن کي مگر دستورِ جھان معلوم نہ آھ

مسجد مون ڇڏي بتخانہ وڃي آباد ڪيم لاچار تيس
آخر تہ پلا ڪٿ نيندو مون کي ھي عشقِ بتان معلوم نہ آھ

معيارِ جنون تي جس تہ ڏيو ديواني سندو ھي عزم ڏسو
”ھڪ راھ ڏکي ھيو ڏور سفر منزل جو نشان معلوم نہ آھ“

مون ڪيڏي ڪئي ڪوشش تہ ٻڌايان حال مگر ڪنھن ڪونہ ٻڌو
اڄ ڪھڙو ڪندي محشر تہ ٻيا لڙڪن جي زبان معلوم نہ آھ

جو باغ لڳايم خون ڏئي نابود ويو تي آھ اُھو
پن پن کي ڪيو پن پن کان جدا ڪئن باد خزان معلوم نہ آھ

دل توکي ڏئي منظور ڪيو سيڪجھ مون سڄڻ ھي رنج و الم
تو کان تہ کڄي يا ڪين کڄي ھي بارِ گران معلوم نہ آھ

مون خون ڏنو ۽ جان ڏني دنيا ۾ تيس رسوا بہ ٿيو
ھن دل تي تيو پو توکي سڄڻ ڇو وھم و گمان معلوم نہ آھ

سينگارِ اگڻُ دلدار جي لئہ چڏ ننڊ نياڳي هوش تہ ڪر
اڄ تنهنجي تہ گهر ڪنهن وقت اچي هو روح روان معلوم نہ آهہ

"انور" تي ستم الله قسم هرگز نہ ڪيو هي عرض ٻڌو
ڪنهن وقت ڪندي ڪنهن دل تي اثر هي آهہ وفغان معلوم نہ آهہ

تارا تارن ساڻ سرچي گڏ گذارڻ تا اچن
آسمانن تان زمين جي دل ڏتارڻ تا اچن

پنهنجي سيني کي ڪيو مون صاف ڏوئي غير کان
درد و غم دل ۾ نـوان مـون سـاڻ گهارڻ تا اچن

تي سگهي تو هن کان پو منهنجو بچڻ مشڪل ٿئي
"هو شرابـي نيڻ مون کي هـاڻ مارڻ تا اچن"

قتل گاهِ حسن ۾ مـان هوس ڏاڍو منتظر
دستِ خنجر ساڻ مس مس قول پارڻ تا اچن

جام و مينا ساڻ اڄ سينگارجي پيو ميڪده
ساقيا برخيز ميڪش هوش هارڻ تا اچن

جي اچن تا هُو نوازش ۽ سخاتي چا چوان
لذّتن جي بحر ۾ هر مهل تارڻ تا اچن

منهن جي سامهون آهه پيماني ۾ اڄ آبِ حيات
وِهَ وٺي پنهن جي هٿن سان هُو پيارڻ تا اچن

تارَ تارُن سان ملائي روحِ "انور" تيو رباب
گيت يادن جا نوان دل کي جيارڻ تا اچن

تحقير عشق حسن مان زائل ڪئي اٿئون
پٿر جي دل به پاڻ ڏي مائل ڪئي اٿئون

دارو رسن تي پهچي سنڌ آبرو رکي
تقريبِ عشق نيت مڪمّل ڪئي اٿئون

تدبير تنهنجي ڪابه نه تي ڪارگر سگهي
تقدير تنهنجي پاڻ سان شامل ڪئي اٿئون

پل ڪير يي ڪتي پر همّت ڪري اچي
دل تنهنجي دل سان هاڻ مقابل ڪئي اٿئون

مقتل ۾ اڄ لهو جا تا دريا وهن ڏسو
تڪميلِ آرزو ڪفِ قاتل ڪئي اٿئون

توسان ملي به آه تيو احترام هي
سرهاڻ ساه جي حدِ فاصل ڪئي اٿئون

گرداب ساڻ دوستي مقصودِ زندگي
متروڪ جستجو لبِ ساحل ڪئي اٿئون

جلوو پسڻ جي واسطي بيساخته اچي
دامانِ ڪوهِ طور تي منزل ڪئي اٿئون

فرقت جا بند توڙي ڪٽي حوصلا نوان
"مدّت کان بعد اڄ وري محفل ڪئي اٿئون"

كعبو چڏي اچي بت ڪافر اڳيان جهڪي
تعزيرِ دهر پاڻ تي نازل ڪئي اٿئون

عشقِ بتان ۾ عيش وطرب جي طلب ڇڏي
ڳولا رڳو بهارِ غمِ دل ڪئي اٿئون

مجنون مثال ساڪنِ ويرانه تي رڳو
چاهت نگارِ پردهٔ محمل ڪئي اٿئون

قاسائي پاڻ زلفِ گره گير ۾ وري
قيدِ حيات پاڻ تي مشڪل ڪئي اٿئون

تخليقِ ڪائنات ۾ تنهنجي اڳيان جهڪي
پيمانې پنهنجي سجدي جي قابل ڪئي اٿئون

"انور" نگاهِ ناز جا پيمانه جام پي
هڪ گوناگون بي خودي حاصل ڪئي اٿئون

تقدير جي تلاش ۾ دل دربدر نہ ڏي
سودا سواءِ يار جي مون کي مگر نہ ڏي

طوفان بپا نہ تي وڃي جنّت ۾ يا خدا!
فرقت زده جي آه کي ايڏو اثر نہ ڏي

پيڙا اچي تينَ تا غم و فڪر دل ۾ اچ
اي اشڪ! ترس ڪنهن کي بہ اهڙي خبر نہ ڏي

چئہ چئہ اي نام بر! تو ڏنو ڇا ڀڏو هتي
هُن پار جي خبر تون مون کي مختصر نہ ڏي

تارن جو موت مان بہ ڏسان تو يقين اٿم
دڙڪا تباهي جا تون مون کي اي سحر نہ ڏي

پڇڻ تو چاهيان مان مري يا جهري هتي
پنتي هتڻ جو مشورو تون هم سفر نہ ڏي

ڏي ڏي پري ڏي جامِ محبّت وري وري
غيرن کي ساقيا تون ذرا ڀي خبر نہ ڏي

مون زندگي سڄي جو قسم تو سان آ ڪنيو
ٻي در جهڪي جو سر مونکي اهڙو تہ سر نہ ڏي

بيمار جي ڪري تو عيادت صنم اچي
منهنجا طبيب! مون کي دوا ڪارگر نہ ڏي

جنھن جو تمام رات ڪيو انتظار مون
اُن کي تون يا خدا نظر منتشر نہ ڏي

روئي فراق ۾ مون گذاري تمام شب
"انور" کي انتظار وري چاره گر نہ ڏي

تون پنهنجي خدائي بنائيندين ڪيسين؟
سچائي صداقت مٽائيندين ڪيسين؟

حڪومت جو ڏونڪو وڄائيندين ڪيسين؟
اِها هوڏ هستي هلائيندين ڪيسين؟

وساري زمين جي مٽي گود آخر
فلڪ ڏي اجايو نهاريندين ڪيسين؟

خزان جو ڇڏي خوف خارن جي عيوض
گلن کي گلي سان لڳائيندين ڪيسين؟

ڇڏي زهد تقويٰ ۽ پرهيزگاري
گناهن جون گهڙيون گذاريندين ڪيسين؟

سراسر وٺي پاسو شيطان جو تون
اڳيان ڪارناما لڄائيندين ڪيسين؟

فلڪ! برق جي تيز شعلن سان آخر!
نشيمن اسان جو جلائيندين ڪيسين؟

شرافت ڇڏي ۽ شرارت سان سڀ کي
فريبي! فسانو ٻڌائيندين ڪيسين؟

مون سڀ ڪجهه لٽايو ۽ قربان ڪيو آهه
زمانا! مون کي آزمائيندين ڪيسين؟

وري دؤر "انور" جو ايندو يقيناً
تون ڏوهن کي پنهن جي لڪائيندين ڪيسين؟

تنهنجي آمد عنايتون آهن
منهن جي لئہ چڙ سعادتون آهن

چاهتن سان ئي چاهتون آهن
عشق جون هي روايتون آهن

صبح ۾ گر صباحتون آهن
شام ۾ لڪ ملاحتون آهن

تنهن جي نيڻن ۾ مئي جي آ مستي
تشنہ لب لئہ قيامتون آهن

پاڻ کي ڪئن بچائي مان تو سگهان
تنهن جي نظرن ۾ دعوتون آهن

ميڪدي ۾ شراب جا ساغر
مئڪشن لئہ ضيافتون آهن

هو سڏي پيار سان تو جام پري
مون سان ڪيڏيون مراعتون آهن

تنهن جي ڌڙڪن آ منهن جي ئي ڌڙڪن
خوب توسان رفاقتون آهن

منهن جي جذبن سان ڪيڏ روز پلي
توکي منهن جون اجازتون آهن

بي رخي چڏ تہ ڪا رهاڻ ڪجي
رات جون چند ساعتون آهن

مرڪ مان اِن ڪري پيڻ تو گهران
جو لبن ۾ حلاوتون آهن

بي ادب تيبو گر ائين چئبو
"مون کي توسان شڪايتون آهن"

بزمِ طالب ۾ شاعري "انور"
چاڻي مولا تو برڪتون آهن

تنهن جي آمد سان معطّر اڄ سڄي محفل ٿئي
هرڪو چهرو ٻهڪي ٻهڪي هرڪا دل خوشدل ٿئي

ياڳوان مان ڪيئن نہ سمجهان پاڻ ڪي اي مهہ لقا!
جيڪڏهن تنهن جي زيارت برسرِ مقتل ٿئي

منهن جي لئہ سو موت آهي سَوَ حياتين کان مٿي
جيڪو تنهن جي راهہ ۾ مون کي سڄڻ حاصل ٿئي

اُن کي خنجر ساڻ ڏيڇارڻ جو ڪهڙو آ ضرور
جنهن جي مارڻ لاءِ ڪافي ابروئي قاتل ٿئي

مون ۾ عيبن ڪوڙ مون تي ڪر پلايون پال تون
تنهن جي قابل ڪئن پلا هي تنهن جو ناقابل ٿئي

نا اُميديءَ آ ڪيو اوڏو مون کي اُميّد جي
”منهن جي ڪشتيءَ جو پلي گرداب ئي ساحل ٿئي“

تي گداگر سين هٽندي دل کي خدشو تو رهي
شل نہ ٽڪرا تنهن جي در ڪاسئہِ سائل ٿئي

زير احسان رهنما جو چو ٿئين تو راهرو
جذبئہِ دل جيڪڏهن تو رهبرِ منزل ٿئي

اِن طرح محبوب محفل ۾ رهين تو سرخرو
جئن ستارن ۾ منور تو مہِ ڪامل ٿئي

مئي جي سرخي منهن جي مستي ناز ور ساقي ڏسي
ڏيري ڏيري بزم ۾ ناصح بہ تو شامل ٿئي

چنڊ! تون هردم ڪلائن جي سهاري تو وڏين
منهن جو دلبر جيئن ڪٽِي پردو مہ ڪامل ٿئي

نالهٔ و فرياد ۾ ”انور“ تو پائنين بهتري
اِن طرح مشڪل ٿئي آسان مگر مشڪل ٿئي

تي ميّسر آ جفا جي قربداري جيئن جو تيئن
مون تي ليڪن آ رضا جو رنگ طاري جيئن جو تيئن

هوش ويو ويئي خوديءَ ٻئي جهان هڪ تي ويا
مست نيڻن ساڻ ساقي مد پياري جيئن جو تيئن

تس ڪان مس هرگز نہ تيو هوُ چڻ تہ هو ڪو سنگ وخشت
هن جي اکيان تيو اکين مان نير جاري جيئن جو تِيئن

منهن جي قسمت ساڻ ڪيڏي غير ڪي راضي رکي
تو ڪري مونسان چڏي آ ڪاري واري جيئن جو تيئن

درد غّم سوزش، "خلش" ياس و الم حسرت، فراق
بيوسيءَ ۾ منهن جي ڪئي تو غمسگاري جيئن جو تئين

بي رخي سان تو ڪئي آ انتها اي دلنشين
مون جدائيءَ ۾ ڪئي آ اشڪباري جيئن جو تيئن

هن نقابِ رخ هٽايو بام تي تيو جلوه گر
چنڊ تارن ڪي تي حاصل شرم ساري جيئن جو تيئن

عمر ساري ڏک ڏسي صدما سهي روئي رڙي
آزمائيسون اوهان جي يار ياري جيئن جو تيئن

پنهنجي ناسمجهيءَ تي يارو ڪيڏو ماتم مان ڪيان
بي خوديءَ ۾ جيتيل مون بازي هاري جيئن جو تيئن

سر رکي قدمن تي هن جي لوڪ جا سهما سهي
ريت الفت جي اسان اڄ آهہ پاري جيئن جو تيئن

ڪونہ آيو رحم هن کي بيڪسي منهن جي ڏسي
گرچہ هُن جي در ڪئي مون توبه زاري جيسن جو تيئن

واهہ! تنهنجا قول اي وعده شڪن صدقي وڃان!
روئي روئي مون گذاري رات ساري جيئن جو تيئن

يار جو در منهنجو سر هڪ ٻي جا واقف تي ويا
تي وئي حاصل اسان کي خاڪساري جيئن جو تيئن

پل سڙن حاسد حسد ۾ بخت هي بهتر ڏسي
يار سان اڄ تي اسان جي رازداري جيئن جو تيئن

آهہ عيبن ۾ اواين سان پريل "انور" سدا
ناهہ هوتن ڏانهن هڪڙي مان مياري جيئن جو تيئن

تين ڪيڏا ٻه دشمن جا ستم مون تي جهان ۾ پر
سوا دلدار ٻولي ٻي نه ٻولائي نٿي سگهجي

ڀلي اي ماهِ ڪامل تون ٻيا تارا ڪتيون آڻج
نظر جادوگري ڪنهن ريت شرمائي نٿي سگهجي

تون منهنجو حالِ دل ڄاڻين تئين تو مهربان مون تي
سوا توکان صنم ٻي ساڻ لنؤ لائي نٿي سگهجي

نه تيندو ڏار دلبر منهنجو هيءُ اُميّد قائم آهه
محبّت جي ٻڌل زنجير ٽوڙائي نٿي سگهجي

هزارين جي ڪندين حيلا دلِ بسمل بچڻ لئه پر
نشان بازن جي اڄ تلوار موٽائي نٿي سگهجي

شعاعِ حسن جو ايڏو اثر عالم تي آهي جو
ڪٿي سر ڪا نظر هن ساڻ اٽڪائي نٿي سگهجي

ڇڏي ڏي ناصحا مون کي نه ڏي دڙڪا قيامت جا
شهيدِ ناز جي تقدير بدلائي نٿي سگهجي

نه پڇ مون کان محبّت ۾ ڏنو ڇا ڇا اٿئي "انور"
حقيقت راز جي هر بار ورجائي نٿي سگهجي

تي ويو ساقي بہ مستان مئہ جي مهمان کي ڏسي
محتسب جي دل تي سرڪي بزمِ رندان کي ڏسي

عرش تيو ڏاڍو لڄي ڪردار انسان کي ڏسي
۽ زمين شرمائجي وئي دورِ شيطان کي ڏسي

زخم دل جا پيا کُلي رنگ بهاران کي ڏسي
تي ويو ليڙون گريبان چاڪ دامان کي ڏسي

لفظ هڪڙي ۾ ڪيو مون داستان دل جو ادا
هو پريشان تي ويو آشفتہ حالان کي ڏسي

پيا ڪِري سجدي ۾ ناصح محتسب بي اختيار
ماه تابان کي ڏسي چشمِ غزالان کي ڏسي

پرزا پرزا هڪ نہ هڪ ڏينهن ڪنهن بہ صورت ويندو تي
ڪين تي نازان درو ديوار ايوان کي ڏسي

گفتي گفتي تي هزارين ڦتڪي ڦتڪي پيا لڄن
"چڙ قيامت تي بپا رفتارِ جانان کي ڏسي"

سنگِ در تي سر کي ٽڪرائي نٿو ٽڪجي ڪڏهن
هت ڪنيم اسلام تان ڪافر جي ايمان کي ڏسي

هرڪا ٻڪري پنهنجي ڦاهي پيئي ٽنگجي پر مونکي
ياد مقتل گاهہ آيو عيد قربان کي ڏسي

مصحفِ رخ تي هُويدا آيتون تيندبون رهيون
مون عقيدت سان چميو تسويد قرآن کي ڏسي

مست و بيگانن اڳيان فهم و فراست بي وجود
هرڪو دانا موٽي آيو شرف نادان کي ڏسي

تون نگاهِ لطف سان جيڪر نوازيندو رهين
چو يلا "انور" ٻڄي اُفتان و خيزان کي ڏسي

تي وئي توکان جدائي اڄ ڪٿي تون مان ڪٿي
ياد تنهن جي آهہ آئي اڄ ڪٿي تون مان ڪٿي

تيز طوفان هو دلين ۾ جوش ۽ جذبات جو
هر طرف تي مرحبائي اڄ ڪٿي تون مان ڪٿي

گفتگو جو سلسلو لاانتها هو درميان
ننڊ ڪنهن کي ڪين آئي اڄ ڪٿي تون مان ڪٿي

ياد آهي رات ساري تي ملياسون شوق سان
حسن تي دل آزمائي اڄ ڪٿي تون مان ڪٿي

تو نگاهن سان پيالا تي پياريا بي حساب
پر نہ ڍائي دل اُڃائي اڄ ڪٿي تون مان ڪٿي

تنهن جي زلفن جي ڇپر ۾ مون گذاري زندگي
نينهن ڏاڍي لئہ لڳائي اڄ ڪٿي تون مان ڪٿي

بادلن ۾ تي لڪو يڪدم قمر ٻيي شرم کان
جئن ڪئي مون ڪتڪتائي اڄ ڪٿي تون مان ڪٿي

تنهن جي لب تي منهن جا لب هئا ۽ فضا خاموش هئي
زندگي مون تي مٿائي اڄ ڪٿي تون مان ڪٿي

مست سيني سان ملايم پنهن جو سينو بار بار
دل جي ڌڙڪڻ دل وڌائي اڄ ڪٿي تون مان ڪٿي

منهنجي جلدي تنهنجي نہ نہ منهنجي وحشت تنهنجو شور
ڪئن بہ پنهنجي مون نيائي اڄ ڪتي تون مان ڪتي

موج مستيءَ ۾ ڪئيسون پاڻ پاڙهي بيقرار
صبح تائين سر پرائي اڄ ڪتي تون مان ڪتي

بحرِ ظلمت ۾ تو ڳوليان پنهن جي ساحل جو نشان
ڪشتي پنهن جي تي توائي اڄ ڪتي تون مان ڪتي

زندگيءَ جو هاڻ تيندو ڪهڙو "انور" فيصلو
آهہ منهنجي وات، وائي اڄ ڪتي تون مان ڪتي

پاڻ سان پاڙهي نه ڪي دوکا ڪجن
وعدا جيڪي تا ڪجن پورا ڪجن

سنڌ پنهن جي ڪي بچايو ظلم کان
ظالمن تي تير سان وارا ڪجن

جي رهن سنڌي سڏائي پل رهن
ورنه موڙي داخلِ دريا ڪجن

ڪاڪ سامهون ڪونه سهبو ڏاريون
مشڪ بو مومل سندا ديرا ڪجن

جي حضوري سي چنيسر گهورجن
ملڪ ۾ پيدا نوان دودا ڪجن

پنهنجي ماضي کي سنڀاري ياد سان
داستان تاريخ جا اوڏا ڪجن

جي نتي بنجي ته لاهيو آسرو
پوءِ بنگلا ديش جئن بُخرا ڪجن

سنڌ جي ڳاڙهن گلن کي پالجي
مهل سر پنهنجا لٽا ريٽا ڪجن

ظلم جي زنجير کي توڙي ڇڏيو
قيد خانه سي ڀڃي پورا ڪجن

پنهنجي ڌرتي کي بچايو دوستو
وقت سان "انور" نه ڪي سودا ڪجن

پرڪشش انقلاب جون راتيون
منهن جي خوش انتخاب جون راتيون

مئڪشن لءِ شراب جون راتيون
زندگي ۾ ثواب جون راتيون

تنهنجي حسن و شباب جون راتيون
چنڊ جي آب آب جون راتيون

پيار جون ڪئن وضاحتون ڪريون
اُف! سوال و جواب جون راتيون

تنهنجا منهنجا مباحثا اهڙا
ڄڻ حساب و ڪتاب جون راتيون

تو سوا مون گذاريون آهن
فرقتن ۾ عذاب جون راتيون

تنهنجي نيڻن جي ئي تصوّر ۾
"ياد آيون حجاب جون راتيون"

لذّتِ غم سان ئي پيون گذرن
عشق خانہ خراب جون راتيون

مون ڏسي وائسي ڪيو هو سگ
۽ مچمر اضطراب جون راتيون

حوصلن تي تين پيون حاوي
رفته رفته هو خواب جون راتيون

مون سان هو ڪاوڙيو، رنو، وڙهيو
ڪيئي آيون عتاب جون راتيون

سر به خم رهندو تو اڳيان "انور"
پل اچن احتساب جون راتيون

پنھنجي دل ۾ مچ محبّت جا مچائيندا وتون
عشق جي آڙاھ ۾ خود کي جلائيندا وتون

سرخرو پنھنجي نيازيءَ کي بنائيندا وتون
ناز وارن جي اڳيان سرڙو جھڪائيندا وتون

چو نہ ھن جي حسن ءِ زيبا ۾ واڌارو ٿئي
خونِ دل ھن جي ھٿن کي پاڻ لائيندا وتون

سچّ جا سندرا ٻڌي نعرا ھڻون ٿا حقّ جا
دار تي منصور جيئن خود کي مٽائيندا وتون

نيري نيري شام ۾ ٻاري اُميدن جا چراغ
پنھنجي ڳوڙھن سان بيانِ دل ٻڌائيندا وتون

روز وعدو سو بہ ڪوڙو پر ڪيون پيا اعتبار
ھاءِ! ڪيڏو عشق ۾ ھي ڌوڪو کائيندا وتون

جن جي فطرت ۾ جفا آ سي وفا ڪھڙي ڪندا
آزمايل کي اجايو آزمائيندا وتون

پر ۾ پڄري دل ۾ ڪامي سور سانڍي چپ سبي
دلربا جي درد کي لوڪان لڪائيندا وتون

علم ءِ دانشوري "انور" اسان ۾ ڪجھ نہ آھ
پاڻ کي پاڻھي وڏو شاعر سڏائيندا وتون

پورا تين تا وعدهٔ فردا ڪڏهن
محبوب مهربان ٿئي گويا ڪڏهن

ديوانگيءَ ۾ پاڻ کي ڄاڻان تو عقل مند
بڻجان تو اهلِ ذوقِ تماشا ڪڏهن

آه و فغان ۾ منهنجا سدا هم شريڪ پر
ڪاراتجي وڃن تا ستارا ڪڏهن

اڪثر ڪري ٿا ڪوڙا تين تنهنجا منهنجا خواب
سچ ٿي پوي تو عالمِ رويا ڪڏهن

هرڪا خوشي بشر جي نہ حصّي ۾ ٿي اچي
"پوري ٿئي ٿي ڪا ڪا تمنّا ڪڏهن

زاهد اچي تو روز بنا خوف اِن ڪري
ميخانہ ۾ ملن تا شناسا ڪڏهن

ايڏو مريضِ عشق کي ثابت قدم ڏسي
تشويش ۾ پوي تو مسيحا ڪڏهن

پي پي وري پيان تو مگر ڪيف لءِ سڪان
پهچائي سُرڪ عرشِ معّليٰ ڪڏهن

حجّت نہ ڪابہ هُن سان سڄڻ صاحبِ رضا
وعدا وصال ڄاڏي تو وه وا ڪڏهن

گرداب ساڻ جهيڙو ڪري بحر سان لڙي
ٻيڙا تتن اچيو لبِ دريا ڪڏهن ڪڏهن

ٻيو ڪونہ هو تہ موردِ الزام جو سبب
اشڪن ڪيو تي راز کي افشا ڪڏهن ڪڏهن

جئن لاشعور ٿئي تو مسلّط شعور تي
نادانَ بنجي پوُن ٿا دانا ڪڏهن ڪڏهن

هر زخم تي لڳي ٿو نئون زخم روز روز
ياڳن سان ڪنهنجو ٿيندو مداوا ڪڏهن ڪڏهن

پٿر اگر نہ ٿو دلِ بيتاب جي ٻڌي
بيڪار آ بتن سان تقاضا ڪڏهن ڪڏهن

محسن سندم ٿو ٿاري نوازش ڪرم ڪري
"انور" جي سر اچن ٿا جي خطرا ڪڏهن ڪڏهن

پيدا تين پيا بد ڪردار ڇا ڪيون
ورجائجي تو قصهءِ تاتار ڇا ڪيون

ڪوشش ڪئيسون ذڪرِ الم روبرو ڪجي
ڪوئي گهٽي تو قوتِ گفتار ڇا ڪيون

موسم بهار آهه خزان جي مثال تي
لُٽجن ٿا چار سو گل و گلزار ڇا ڪيون

هر صبح ٿا پچون ۽ سڄي رات ٿا لڇون
پورو ٿيو نه وعدهءِ ديدار ڇا ڪيون

پهرو زبان تي آهه بدن قيد و بند ۾
افسانهءِ حيات جو اظهار ڇا ڪيون

پيتو اٿم مڃان تو مُگر هوش تو رڪان
ماحول پورو آهه گنهگار ڇا ڪيون

تاريخ جو ڪجي ڇا مطالع وري وري
مَتجي وئي آ وقت جي رفتار ڇا ڪيون

تقدير ڪين ڪنهن ڪان ڪڏهن تي پڇي اچي
زلفن ۾ تي وياسون گرفتار ڇا ڪيون

عشقِ بتان مان ڪانه تي فرصت ملي ته پو
تنهن جو علاج اي دلِ بيمار ڇا ڪيون

اخفائي راز مان نہ تسلّيٰ ملي سگهي
اِفشائي عشق تيو سرِ بازار ڇا ڪيون

سمجهي نٿو ڪا ڳالهہ نڪي تو ٻڌي سٽي
"انور" بہ چڙ تہ آهہ صفا ٻار ڇا ڪيون

جڏهن آيو هو رشڪ ماهتاب آهستہ آهستہ
قمر ٿيندو وڃي ٿو آب آب آهستہ آهستہ

اِجهو هاڻي تہ روئي روئي مس مس هو ستو آهي
ڪڇو بيشڪ مگر عالي جناب آهستہ آهستہ

سنڀالي پير پڙ م رک هي رستو سخت مشڪل آهہ
گهڻن جو عشق ڪيو خانو خراب آهستہ آهستہ

لبن تي لب رکي اوتيون اتم مرڪون ڪشالن سان
پيان ماکي مثل هن جو لعاب آهستہ آهستہ

تڪڙ شيطان جو ڪم آهہ اُن مان ڪين ڪجھ ورندو
"هميشه ٿيبو آهي ڪامياب آهستہ آهستہ"

اڄوڪي شام ئي اهڙي طرح گذري جو ڇا چئجي
سوال آهستہ آهستہ جواب آهستہ آهستہ

درِ جانان تي آڏر ياءُ منهنجو بي مثل ٿيو آ
ٿيو شرمندهٔ تعبيرِ خواب آهستہ آهستہ

مرڻ مهڻو تہ ڪونهي ڪو ڪري ڇڏ فيصلو جلدي
سرِ مقتل ڏئين ڇو ٿو عذاب آهستہ آهستہ

مليو مشڪل سان مونکي وعده آ اڄ رات جو مس مس
ٿئي پيو ڇو غروبِ آفتاب آهستہ آهستہ

بيان خاموش ٿي ويو احتساب آيو جڏهن سر تي
حساب آهستہ آهستہ ڪتاب آهستہ آهستہ

اوهان جي ئي اجازت سان ٿيو مهمان "انور" آ
گهڙي ڪن ۾ لهي ويندو حجاب آهستہ آهستہ

جڏهن ته مون سان اچي رشڪِ ماهتاب ملي
لبن مثال تو هربار بي حجاب ملي

تلاش جنهن جي حياتي سڄي ڪري نه تڪس
اُهو تو ماه لقا مون سان بي نقاب ملي

اڄوڪي دؤر ۾ چاهي تو هر بشر هاڻي
نفس نفس کي نئون روحِ انقلاب ملي

نه جام ڪيف ڪري ۽ نه خم ڪري تو اثر
نگاهِ ناز وٽان لاله گون شراب ملي

گهڻو ئي وقت ڪيو ظلم تو روا آهي
سنيال هاڻ سمورو اهو حساب ملي

اکن کي پير ڪري نقش پا چمي وڃبو
تلاشِ يار ۾ پل هر قدم عذاب ملي

سوال هُن جي اڳيان ڪئن ڪجي ڪجي نه ڪجي
"خبر نه آهه الاجي ته ڇا جواب ملي"

رڳن ۾ طالبمولا جي شاعري ڊوڙي
زهِ نصيب لهو کي تو شرف و آب ملي

ڪرن نه لڙڪ متان راز تي وڃي ظاهر
دلِ حزين کي تي تلقينِ اجتناب ملي

هزار زائچا ناهي ڦتائي مون چڏيا
نہ تو حساب مليو ۽ نتو ڪتاب ملي

ٻجهان پلا چو چئي سچ معاوضي ۾ پلي
صَليب و دار ملي سرمدي خطاب ملي

صحيفۂ دل ۾ آيتون پيون ڏڙڪن
رڳن سان دؤر ڪيان تو نہ من ثواب ملي

شب ِ وصال ِ صنم مختصر سهي "انور"
زهِ نصيب ملي تي مگر شتاب ملي

جڏهن تيندا وري ڪي رات جا اهڃاڻ ملنداسون
محبّت جا ڏيا ٻاري ڪتي ڪاراڻ ملنداسون

سنڌوءَ جي مست موجن کي ڪبو شاهد محبّت جو
سياڻي شام جو منڙا لب ِ مهراڻ ملنداسون

پلي تاخير ٿئي ڪيڏي مگر انڌير ڪونهي ڪو
"بهاريءَ ۾ نه ملياسين خزان ۾ پاڻ ملنداسون"

لبن تي لب رکي هڪ ٻي کي چاهت ساڻ چمنداسون
نه ڇڏبي آرزو پنهن جي اڌوري هاڻ ملنداسون

جڏهن ساوڻ ڪري تو لڪ لڪوٽيءَ ڪڪر ڊوڙن
جڏهن گوڙيون گجن هرسو ته سمَجهو ڇاڻ ملنداسون

ڀنل خوشبو جڏهن پکڙي بنائي مست مستانو
جڏهن ڌرتيءَ جي مٽيءَ ۾ ٿئي آلاڻ ملنداسون

هي گلڙا گوئنچ ڪوماڻا سمورا ڪيت پيلا ٿيا
جڏهن چئني طرف تيندي صفا ساواڻ ملنداسون

اڪيلو آسمان ۾ جئن قمر پنهنجي مٽان چمڪي
ٻنهي ڇهرن تي پکڙي نور جي اُجراڻ ملنداسون

ڪُواريو آهه غيرن پر اوهان واتان گلا جهوريو
جڏهن اي حسن! عاشق جي ڪندين واڪاڻ ملنداسون

اکيون هڪ ٻي جي اکين ۾ ملائي مرڪ پيئنداسون
قمر جڏهين پڪيڙيندو تڏي چانڊاڻ ملنداسون

سَجائي سودمند سڏبي سڄڻ سا رات قربت جي
جڏهن تيندي فنا اولهہ سندي لالاڻ ملنداسون

جڏهن "انور" جي ٻانهن ۾ سندءِ سارو بدن هوندو
تڏهن بيشڪ مٺا جاني هميشهہ ڪاڻ ملنداسون

جلائڻ لء اوهان کي برق! ڪاشانا گهٽا آهن
بنائڻ لء اسان کي خاڪ ڪڪ ڪانا گهٽا آهن

بهارو! غم نصيبن کي اوهان جو ربط چا گهرجي
گلن جي فصل ۾ موجود ويرانا گهٽا آهن

هي هرهڪ جام تنهنجي نام ٿيندو ورنه اي ساقي!
شرابين کي پيارڻ لاءِ پئمانا گهٽا آهن

اُڏائي خاڪ صحرا جِي محبّت ۾ فقط مون ئي
چمن جي چهچٽي تي مست مستانا گهٽا آهن

جنون جي زندگي معراج الفت تي وڃي ٿيندي
شعورِ دل جي شهرت لاءِ صنم خانا گهٽا آهن

جبينِ شوق سجده ريز تنهنجو در سجاڻي ٿي
نظر جي گرچ اڄ نزديڪ بت خانا گهٽا آهن

ڪيان تو پيش ڳوڙها دل جا ٽڪرا سوزِ غم وحشت
تڪلّف برطرف اي دوست! نذرانا گهٽا آهن

هي انجامِ محبّت آ قدم کڻ تون سنڀالي دل!
ڳٽي ڏس شمع جي تون گرد پروانا گهٽا آهن

جنونِ بيخودي ڳولي ڏنم شهه عقل وارن کي
ڇڏي پاسو خرد کان دور ديوانا گهٽا آهن

ڏئي ايمان بت ڪافر! مان پنهن جو قول پاڙيندس
مان سمجهان ڇا؟ هتي ناصح ۽ مولانا گهٽا آهن

مان جام مرگ ۾ تو زندگي حاصل ڪرڻ چاهيان
شراب زندگيءَ جا گرچ مئخانا گهٽا آهن

فقط ”انور“ اوهان جي قرب ۾ مخمور ٿي ويندو
مڪمل عشق کان افسوس بيگانا گهٽا آهن

جلوهٔ نورِ صنم حملا نہ ڪر
هڪ قيامت بارها پيدا نہ ڪر

مون مجي هر ڳالهہ تنهن جي اي سڄڻ!
آزمائش مون تي ڪا بيجا نہ ڪر

ميڪدي ۾ ڪنهن بہ صورت مئي ڪپي
ساقيا! برخيز هئن ويچا نہ ڪر

جذبۂ جوشِ جنون جي سايہ ۾
ڪنهن طرح بدنام تون صحرا نہ ڪر

رک سلامت آبروئي عشق تون
"ڇاڻي واڻي پاڻ کي رسوا نہ ڪر"

توتان قربان مان تيان هر هر نثار
پيار ۾ ايڏي وڏي دعوا نہ ڪر

مون دلاسن ۾ گذاري عمر آهہ
دوست رسوا پنهنجا تون وعدا نہ ڪر

تون ۽ مان هڪ جان آهيون جانِ من
تورا تورا مون تي تون تورا نہ ڪر

ڪربلا جي ڪربلا تي ڪربلا
دلربا هڪ حشرِ نو برپا نہ ڪر

مان غمن ۾ خوش گذارڻ ٿو گهران
منهن جا مشڪل مسئلا سولا نہ ڪر

تون پري ڪان ئي تو پرڀائڻ گهرين
ويجهو اچ ويجهو رهُو هاها نہ ڪر

شاعري توڪان ڇڏائي وئي هلي
ڇڏ ڪٽي "انور" تون اڪ ڪارا نہ ڪر

جن سور ڏنا ھي پور ڏنا سي يار ڪتي دلدار ڪئي
مان روز رئان فرياد ڪيان انجام ڪتي اقرار ڪئي

خاموش رھان ھر وقت سڄڻ شب روز وٺي تو مونکي رئڻ
جي ڳوڙھا اُگھن آغوش رھن سي پيار ڪئي غمخوار ڪئي

تقدير ڦٽي تدبير وئي تصوير سندم غمگين بٽي
تدبير ڪري ڪو مون سان ملي پر وصل سندا آثار ڪئي

جن قول وڏا مون ساڻ ڪيا ۽ بار بره جا سر تي کنيا
نادار ڏسي جن مو نکي ڇڏيو سي شاھ ڪتي زردار ڪتي

طوفان لڳو ۽ ڪشتي ٽٽي ھر آس پڄي اونداھ بني
ملّاح نظر ھرگز نہ اچي اُمّيد نہ ٽي بيزار ڪتي

جئن روز ملاقاتي تا اچن تيئن شوق ۽ تمنّا زور وٺي
ھر وقت گمان تو مونکي رھي دلبر نہ تيو بيمار ڪتي

انجام ڪري خود پاڻ ڦر ن آزاد مگر تا خود ڪي رکن
جي خاڪ ھئا ۽ تارا بنيا سي دوست ڪتي ۽ يار ڪتي

بلبل بہ ڪري تي رنج و الم مالھي بہ تيو مايوس چمن
ھئا حسن و رنگين جا گل تہ جتي گلزار سي خوشبودار ڪتي

جنون عشق کي قدر و قضا چئجي تہ کيئن چئجي
ڀلا انسان جي فطرت خطا چئجي تہ کيئن چئجي

نہ جنهن مان فيض حاصل ٿئي قرارِ دل نہ پهچائي
انهيءَ بي پهچ پٿر کي خدا چئجي تہ کيئن چئجي

جي دامن ۾ هزارين خار پنهان تا رکن هردم
ڀلا اهڙن گلن کي هم نوا چئجي تہ کيئن چئجي

جهڪائي سر هو مُرڪي نيم وا نظرن سان گهائي پيو
اِنهيءَ اندازِ قاتل کي حيا چئجي تہ کيئن چئجي

اکيون پرنم زبان تي آه دل ۾ درد جون سوڻون
علامت اهڙي کي يارو شفا چئجي تہ کيئن چئجي

شهيدِ ناز مقتل ۾ طلبگارِ ڪرم آهي
لهو لاتل هٿن کي چئہ حنا چئجي تہ کيئن چئجي

جفائن جي ئي سايہ ۾ وفائي تي ٿئي پيدا
جفائي يار کي همدم جفا چئجي تہ کيئن چئجي

وفا جو ناهہ هو واقف تڏهن ٻيي تو چوان پنهن جو
گنهگارِ وفا لائق سزا چئجي تہ کيئن چئجي

فراقِ يار ۾ راتيون بہ ڪاريون صبح پڻ ڪارا
هوائي تند کي بادِصبا چئجي تہ کيئن چئجي

شبِ تاريڪ، تارا، لڙڪ، تنهائي ۽ هي وحشت
الاهي! پيار ۾ اِن کي جزا چئجي ته ڪيئن چئجي

سرِ بازار غيرن وٽ ڪري ٿو پيار کي رسوا
اِنهيءَ دشنام بازيءَ کي دعا چئجي ته ڪيئن چئجي

محبت جاودان آهي اِهو ڏوڪو سراسر آ
فنا جي دور کي "انور" بقا چئجي ته ڪيئن چئجي

جنونِ عشق ۾ گلشن بہ ويرانا نظر آيا
بھاريءَ ۾ بہ اجڙيل دل جا ڪاشانا نظر آيا

اُوھان جي پيار جو اي يار ادنيٰ معجزو ھي آ
سرِ بازار ديوانا ئي ديوانا نظر آيا

اوھان جي بزم ۾ حاصل نہ ڪنھن کي برتري ٿي آ
ھتي يڪسان مون کي نادان ۽ دانا نظر آيا

سچي دنيا ۾ اي برقِ تپان پنھن جي شرارن سان
جلائڻ لاءِ توکي منھن جا ڪک ڪانا نظر آيا

محبت ۾ ڪنھن دانش وري آئي نہ ڪم ڪنھن کي
حسينن جي اڳيان مجبور فرزانا نظر آيا

قصور آھي نہ بلبل جو ڏجي چا ڏوھ پوپٽ کي
گلن جي عشق ۾ پوئرا بہ مستانا نظر آيا

مسّرت ڪين ٿي مانوس مون سان منھنجي الفت ۾
جھان ۾ مون کي ھر سو غم جا افسانا نظر آيا

ھي منھنجي خود فريبي آ يا ڏوڪو تيو نگاھن جو
تغافل ۾ بہ اخلاقِ ڪريمانا نظر آيا

بوقتِ عيش اڪثر غير پنھن جا ٿي پون ٿا پر
مصيبت مھل سي پنھن جا بہ بيگانا نظر آيا

وڃان ٻي جاءِ تي ڇو مان کڻان احسان غيرن جو
نگاهِ يار ۾ ئي مون کي مئخانا نظر آيا

شبابِ شمع تي قربان ٿيڻ بي ساخته مون کي
سڪونِ دل سان اڄ سڙندا هي پروانا نظر آيا

سوا تنهنجي جهڪي هرگز نه "انور" جي جبين ڪڏهين
مون کي دنيا ۾ هر سُو گرچ بتخانا نظر آيا

جنونِ عشق ۾ وحشت کي اختيار ڪريون
اڃو تہ پاڻ کي دنيا تي آشڪار ڪريون

فغان و آھ تي هردم چو انحصار ڪريون
نجومِ شب کي سڏي پنهن جو رازدار ڪريون

جهانَ جي هر صورت ۾ دل فگار ڪريون
خلوص پنهن جي سان پٿر کي بيقرار ڪريون

ثوابِ عشق جي خاطر حضورِ يار اڳيان
نگاہِ شوق کي ڪنهن ڀر گناہ گار ڪريون

خدا ملڻ جا طريقا هزارها آهن
عبادتن تي فقط ڇو ٿا اعتبار ڪريون

طلوعِ صبح ۾ ڪو انقلابِ نو آڻيون
شبِ سياہ جي دامن کي تار تار ڪريون

اڄڻ جي ڳالھ ڪيو ٿا ڀري ڪيو پردو
گهڙي پلڪ ئي سهي بي حجاب پيار ڪريون

شڪايتن کي ڇڏي پوءِ اي سڄڻ سائين
محبّتن سان سڄي رات يادگار ڪريون

ڪرم نوازو! اچو هاڻ فيض ياب ڪيو
زبان تي ذڪر اوهان جو ٿا بار بار ڪريون

سڪون بخش جيئڻ چڻ ته بي حصول ٿيو
”جلائي خونِ جگر دل کي داغدار ڪريون“

اوهان جو وعدو ڪري حوصلا ٿو ختم صنم
تمام رات اوهان جو ٿا انتظار ڪريون

اچو اي دوستو ديوانگي جو تاج ڏڪي
جنون جي ملڪ جو ”انور“ کي تاجدار ڪريون

جو غمِ فرقت ۾ جيئري پاڻ کي ماري چڪو
در حقيقت سو وفا جو واعدو پاري چڪو

ڪيئن نہ مون کي آ فريبِ حسن آياري چڪو
يعني هي عشقِ بتان جڻ زندگي ڪاري چڪو

انتها درجي جي ناداني ڪري ويئو جنون
زندگي پنهن جي فراق و غم ۾ جو ڳاري چڪو

اُن جي گهر ۾ ڇا چراغان جي ضرورت اي قمر!
سيني ۾ جو داغِ دل داغِ جگر ٻاري چڪو

اُن ۾ ڇا اُميّد رکبي جيت جي اي هم نشين!
جو ڪتيل بازي بہ غفلت سان وري هاري چڪو

اُن کي آهن ۽ فراقن جا ڪندا طوفانَ ڇا
ڪشتيءِ دل بحر ڳوڙهن جي ۾ جو تاري چڪو

ڇا ڪندا مينا ۽ ساغر هاڻ هن مئنوش کي
ساقيءِ محفل، جو نيڻن سان ڇُڪرو پياري چڪو

رونقِ بزمِ عدو بنجي ويو منهن جو صنم
باليقين هو پنهنجي دل تان مون کي ميساري چڪو

چڙي ينيور جا ياٺا وري واپس ورڻ مشڪل
ڪُني ڪاڪل جا ان جو ديس ۾ هاٽي وهڻ مشڪل

نہ آ ڪانگل اُڏائڻ ڪاڪ ۾ فالون وجهڻ مشڪل
مگر مومل سان ڏاريون ڪو ستل ماٺڻ ڏسڻ مشڪل

رڳو هڪ تند جي خاطر نہ آهي سر ڏيڻ مشڪل
مگر ڪنهن در تي پينو تي صدا سر جي هٽڻ مشڪل

نشيلي ناز ور نظرن سان ناهي تيو ڪهڻ مشڪلؒ
مگر آهي تہ مشڪلِ ڪنهنجي دل جو اُت بچڻ مشڪل

اوهان لءِ ڪونہ آهي منهن جي رت مان هٿ رڱڻ مشڪل
مگر مون لءِ اوهان جا تيا حنائي هٿ چمڻ مشڪل

الاهي! تنهن جي دنيا ۾ جيئڻ مشڪل مرڻ مشڪل
دلِ بسمل کي مشڪل دم ڏيڻ ۽ دم کٽڻ مشڪل

وفا جا هو ڪري وعدا جفائن سان نوازي تو
اُتي ڦاتو اچي آهيان جتان آهي يڇڻ مشڪل

عجب بندش عشّاقن تي علحدي رسم دلبر جي
اکين سان آ نهارڻ ۽ زبان سان آ ڪڇڻ مشڪل

رقيبِ روسيه محفل ۾ دلبر سان ڏسي مون لءِ
تيو هن ساڻ اڄ سورن جو افسانو ڪرڻ مشڪل

مان واجهايان پيو هر هر اوهان جو نامر بر ايندو
اوهان لاءِ منهن جي قاصد جو تہ نالو ئي ٻڌڻ مشڪل

ڇڏي ويو ڪشمڪش ۾ اڄ ڪئي رهبر بہ آ ڏاڍي
وري پنتي هٽڻ مشڪل وڏي اڳتي هلڻ مشڪل

هي ياري دوستي "انور" نڳيءَ جو ناهہ آ بلڪل
وفاداري هتي ڪنهن ۾ مان سمجهان ٿو تيڻ مشڪل

حال ِزبون تي يار ٻه اخر ڪلي ڏنو
منهنجي نصيب تي ٻه مقدر ڪلي ڏنو

افسرده دل جي حال تي غيرن ته ڇڏ ڪٿي
ڳوڙها ڏسي ڳلن تي ستمگر ڪلي ڏنو

فقت سان پيار ڪيئن نه ڪري منهنجي دل جڏهن
صدما سهي سهي دل ِمضطر ڪلي ڏنو

بت خانه ۾ ٻه حال پريشان ۽ با ادب
ناصح ڪي اڄ ڏسي بتِ ڪافر ڪلي ڏنو

تارن جو ناهه ڏوهه رڳو اڄ اي همنشين
هن غمزده تي ماه ِمنور ڪلي ڏنو

منزل ملي ٻه ڪيئن نه جڏهن آهه ڪو نشان
ڀٽڪائي مونکي راهه ڪان رهبر ڪلي ڏنو

روئي مون پانيو هن سان ڪيان حال دِل مگر
ڳوڙهن ته بنجي لعل ۽ گوهر ڪلي ڏنو

بربادي ِنصيب جو انجام اهڙو ٿيو
گرد و نواح عشق تي اڪثر ڪلي ڏنو

مايوسيون ته بنجي پيون هجر ِمستقل
قسمت! انهيءَ تي بخت ِسڪندر ڪلي ڏنو

هي ڪاميا ب زندگي آ جيت پيار جي
دشمن جي هار تي دل ِ"انور" ڪلي ڏنو

حسن جو جادو هلائي روز روز
دل ٺڳائي مچ مچائي روز روز

ڪير مون کي تو ستائي روز روز
بدنصيبيءَ سان ملائي روز روز

ڪين ڪنهن تي تو ڪري ڪجهه اعتبار
آزمايل آزمائي روز روز

هن جي هيڏي مهرباني ئي ڏسو
سينو سيني سان لڳائي روز روز

جيڪڏهن ڪاوڙ ۾ پرجي تو پوي
پنهن جي در تان تو هٽائي روز روز

عشق جو معيارِ وحشت چا چوان
تو ٻتن وٽ سر نمائي روز روز

تير چشمن جا هٽي قاتل ڏسو
دادلا ڪئن تو کهائي روز روز

نوحه خوان مان تو رهان بي اختيار
هو خوشيءَ جا گيت ڳائي روز روز

اهڙو رهبر مون کي مليو راهه ۾
رهنما تي رڻ رلائي روز روز

حسن جو دستور بيشڪ هي به آهه
قول پنهن جي ڪان نڀائي روز روز

تير اي تقدير! تنهن جو اهڙو آهه
تو بڻائي ۽ مٽائي روز روز

تنهن جي فرقت ۾ گذاريم زندگي
قيمتي ڳوڙها وهائي روز روز

زندگيءَ ۾ ويو گهٽو ڪُجهه آ سکي
توسان "انور" پيچ پائي روز روز

حسن جو سر عشق اڳيان مان جهڪائي تو سگهان
مهر ماه و مشتريءَ کي هٿ نمائي تو سگهان

منهنجي انداز خوديءَ ۾ عزم آ مضبوط تر
امتحان عشق دلبر جو هٽائي تو سگهان

فطرت دنيا بہ آ محتاج منهن جي فڪر جي
دار فانيءَ کي بقا بيشڪ بنائي تو سگهان

وحشت جوش جنون ۾ هيءَ زبان خاموش آهہ
عشق کي رسوا ٿيڻ کان مان بچائي تو سگهان

مدتون گذري ويون خوئي وفا منجي وئي
خاڪ تربت جي هٿن سان مان اُڏائي تو سگهان

عام ۾ مشهور ديوانو تيس پروا نہ آهہ
محفل محبوب ۾ عاشق سڏائي تو سگهان

سر بہ زانو جنهن رکي تي پيار مان بوسہ ڏنا
اُن جي راز عشق کي هردم لڪائي تو سگهان

اِي حسين! پرده نشين تون ڇڏ حجاب و ناز اڄ
تُنهنجي دل ۾ درد جو دونهون دکائي تو سگهان

سر اَڏي تي جن رکيو سي راز ڄاڻن تا هزار
قتل جي ميدان تي قاتل ڪهائي تو سگهان

پنهنجي "انور" تي صنم تون عمر تائين ناز ڪر
نينهن جو ناتو بہ تو سان مان نڀائي تو سگهان

حسن فطرت موهيا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف
اُن مٿان تي ويا فدا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف

ڪين آيو يار منهن جي لاش تي ليڪن پيا بہ
هوا عزيز و اقربا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف

هڪ طرف تيو زخم ِدل ۽ ٻي طرف زخمي جگر
تير چشمن جا لڳا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف

مان ڏسان تو پيار الفت جي تہ آهي ٻوڏ تي
مينهن الفت جا وٺا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف

جئن ڪيا باد ِخزان حملا چمن تي بار بار
خار پيدا تي ويا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف

مسجد و مندر ۾ هڪ ئي تو تئي مقصد ادا
ڪن پيا حمد و ثنا ڪي هِن طرف ڪي هُن ظرف

آسمان جو هي ستم منهنجي نشيمن تي تيو
تي ڪري حملا قضا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف

آئي گلشن ۾ بهاري گيت ڳائن شوق سان
تيون عنادل خوش نوا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف

جئن جلي شمع ِحسين بي تاب تي بي ساختہ
تيا پتنگ يڪدم ڪٺا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف

حق و باطل جي لڙائيءَ ۾ اچي تيا خيمه زن
جانبازِ ڪربلا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف

منهن جي سيني تي سدا پيا نانگ ڪاريهر سرن
"يار جا زلفِ دوتا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف"

خواب ۾ سهڻي جو سر پنهن جي مٿان مون خم ڏٺو
"يار جا زلفِ دوتا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف"

مون گهتايو ڪونه وس مان جستجوئي يار ۾
هُن ڏي قاصد مون مڪا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف

ڪٿ خدا جو نام آهي ڪٿ سڏن ٿا رام ڪي
ڳالهه ساڳي رخ جدا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف

حسنِ جانان جو اثر زاهد ۽ ڪافر تي ٿيو
هوش کان ٿيا بي خطا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف

تنهنجي "انور" شعر تي اڄ محفلِ دلبر ۾ ڏس
ٿا چون سڀ واهه وا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف

حقيقت کي دل سان هنڊائي ڏسون
تقاضا کي اڳتي وڌائي ڏسون

نہ سولو ملي ڪنهن کي عشقِ خدا
محبّت سان دنيا جهڪائي ڏسون

گلن کان اگر فيض وٺو اٿئون
تہ خارن کي سيني سان لائي ڏسون

جي اخلاص ڪونهي چوڻ هي غلط
”وري بخت کي آزمائي ڏسون“

ڇڏي ڏيو خوشامد جي عادت سدا
خودي سان نئون پيچ پائي ڏسون

رکڻ بغض ڪينو مناسب نہ آهہ
پراين کي پنهن جو بنائي ڏسون

زماني ۾ همّٿ سچائي ڪپي
سڀن کي انهي راهہ لائي ڏسون

حياتي، جي عزّت سان گهارڻ گهرون
خرافات کان موڪلائي ڏسون

اُصولن تي سودا نہ هرگز ڪبا
اِنهيءَ ريت وارا وڃائي ڏسون

ادب نامور تيندو ”انور“ تڏهہ
لڳاتار محفل مچائي ڏسون

خدا ڄاڻي تہ دنيا ۾ هي ڪھڙو دؤر آيو آ
اسان پنھن جي هٿن سان پاڻ کي پاڻھي مٽايو آ

نہ رشتن ۾ رهي رغبت نہ يارن ۾ رهي ياري
اسان انسانيت جي لڄ ۾ لوئيءَ کي لڄايو آ

رڳو رڄ جي ئي رستن ڏي اسان جي پيچ پڇان آهي
حقيقت کان پرانھون ٿي اسان اوجھڙ پڇايو آ

ٻڌون ٿا ڪين پنھن جي روح جون رڙيون عجب آهي
اسان احساس کي ماري بشر جو سر جھڪايو آ

دلاسا دلبريون ڇڏيو ٺلھو آٿت بہ ويو نڪري
دلِ مجروح کي طعنا ڏئي سهما ستايو آ

اسان جنھن ڏوڙ جا ڇايا اُها منھن ۾ پيا پايون
اسان غيرت کي بنجي بي حيا سوليءَ چڙهايو آ

رڳو ڪوڙن بدوڙن ۾ جلي وئي جوت جيوت جي
ڪٿھن سچ ڪين ڪي سنيرون سدائين ڪچ ڪمايو آ

اسان کان تو ڪري شيطان بہ پاسو چو معاذ الله
اسان اڄ شرفِ انساني کُلي بازر کھايو آ

ڪيون ٿا بي ضميريءَ جو تہ ڪاروبار بي کٽڪي
اسان پنھنجي اندر کي ڄاڻي واڻي برغلايو آ

اسان اڄ زندگيءَ کان زندگي آهي ڪسي ورتي
اسان پنهنجي ئي دامن تي ٽڪو ڪارو لڳايو آ

تقدّس جو جبو پائي گناهن سان ڪيون رانديون
اسان آشرم شرمايو ۽ غيرت کي وڃايو آ

اسين ڇو ذات ۾ گم تي وياسون باخبر هوندي
اسان ئي ذّات جو آدرش آخر ڇو وڃايو آ

جڏهن کان عبديت جو درس اي "انور" وساريوسون
تڏهن خالق اسان تي نقش نئون هاڻي بنايو آ

خوشا قسمت بهار آيو چمن تي نئون شباب آيو
گلن جي سونهن ۾ خوش تي ڪلي اڄ گل گلاب آيو

مبارڪ محب منهن جو آهه آيو بي نقاب آيو
پسي نازڪ بدن هن جو گلن کي پڻ حجاب آيو

نصيبن سان حياتيءَ ۾ عجيب آ انقلاب آيو
پري پيرا حضورِ محترم عالي جناب آيو

چمان تو پير هر هر مان انهيءَ جا پاڳوان سمجهي
اوهانجي بزم مان جيڪو به تي اڄ فيض ياب آيو

هي گهڙي بي حسي ڇئبي هي گهڙي بي رخي ڇئبي
نه ڪوئي نام بر آيو نه خط جو ڪو جواب آيو

جهڪو جوهر ٿيو آهي ستارن ۾ ڪتين جو اڄ
شبِ تاريڪ ۾ بنجي درخشان ماهتاب آيو

سڄي محفل تي مستي ڇانئنجي ويئي جزاڪ الله
ڪلي محبوب ڳالهايو ته ڄڻ چنگ و رباب آيو

اُها مستي ۾ مخموري ڏٺم ساقي جي نيڻن ۾
خدا جو سنهن ته پيماني ۾ ڄڻ ڇلڪي شراب آيو

سڄڻ آيو ته هر سوءِ نور آيو ۾ اُجالو ٿيو
مون سمجهيو ڄڻ زمينِ دل تي اُيري آفتاب آيو

اڇي ٿو ڪين مون وٽ ۽ نہ قاصد ڪي سهي ڪنهن پر
خبر ناهي تہ ڪهڙي ڏوهہ ۾ مون تي عتاب آيو

هيءَ دل آهي انهيءَ تي نام تنهن جو نقش بنجي ويو
جي ٽوڙيندين تہ ڄاڻج پاڻ توتي ئي عذاب آيو

اوهان جو در ۽ منهن جو سر ملي هڪ تي ويا آخر
اِهو سجدو تہ "انور" لاءِ تي ڪارِ ثواب آيو

خوش فهم هوس ڏاڍو تصوّر جي روبرو
ٿيو آرزو جو خون مقدّر جي روبرو

محروميءِ حيات جو ڪهڙو بيان ڪجي
سڀ ڪجهه لٽايو مون رخِ دلبر جي روبرو

سجدو نماز هن ڪان به وسري ويا تڏهن
زاهد رسيو جڏهن اچي ساغر جي روبرو

مقتل ۾ دار تي سر دل سان رکيو اتم
ٿينديون عبادتون ڪفِ خنجر جي روبرو

پٿر پلي ته سڏجي حسين ڪان حسين تر
بي مايه آهه لعل ۽ گوهر جي روبرو

دل ۽ ضمير پاڻ ۾ اٽڪي پيا مگر
بيتاب دل پئي وڃي محشر جي روبرو

چاهت جي باوجود تسلّيٰ نٿي ملي
محروم دل ٿي بخت سڪندر جي روبرو

تدبير ڪارگر نه ٿي ماه لقا اڳيان
سڀ ڪجهه تباهه ٿيو دلِ مضطر جي روبرو

عقل و خرد به ڪانه ڪئي رهبري هتي
دانش فضول مرد قلندر جي روبرو

تاريڪين ۾ زلزلا پئجي ويا جڏهن
بي نور ٿيو قمر مهِ "انور" جي روبرو

خوشيءَ جو دؤر سارو دور تي ويو
زمانو هاڻ ڏک جو پور تي ويو

چڪو مئخوار پي مخمور تي ويو
خمارن ۾ هو چڪنا چور تي ويو

سهي صدما تہ جو مهجور تي ويو
اوهان وٽ سوئي نامنظور تي ويو

چڙهي ڪو دار تي منصور تي ويو
تہ ڪو مشهور ڪوهہ طور تي ويو

ادب اخلاص بس مذڪور تي ويو
وڏو خودسر اچوڪو تور تي ويو

ڪيم بيتاب تي سجدو اچانڪ
تہ دل جو داستان مشهور تي ويو

پري پيرا جڏهن دلدار آيو
اڱڻ منهن جو لقائي نور تي ويو

حياتي سڀ ڏنم ڏک ڪيترائي
”جو تون آئين تہ غم ڪافور تي ويو“

دلاسا دلبريون ڪنهن پر نہ مليون
سندءِ عاشق گهڻو مجبور تي ويو

ركي ياري وري منهڙو متائڻ
حسينن جو اِهو دستور تي ويو

نقابِ رخ جڏهن ڏيکيو سڄڻ اڄ
ڏهاڙو پڻ شبِ ديجور تي ويو

سرِ محفل ڏسي دلبر کي ناصح
هئو مبهوت پر مسحور تي ويو

ڇپن تي آڻي پيمانو ڦُري ويو
پياڪن ڪاڻ چڻ عاشور تي ويو

اکين ۾ لڙڪ ڇپ سبيل ۽ سڏڪا
سڄڻ جي عشق جو منشور تي ويو

گناهِ عشق جي پاداش ۾ هي
وڇوڙو چڻ ته هڪ ناسور تي ويو

جواني وئي ستمگر مان نه وريو
سهي صدما ته "انور" جهور تي ويو

درِ اوهان جي مان سراپائي شڪايت آهيان
دلِ ڪان بيتاب طلبگارِ عنايت آهيان

آهہ الزام ڪ تقصيرِ جسارت آهيان
"روزِ اول ڪان گرفتارِ محبّت آهيان"

ڪن هزارين ٿا هتي سجده مگر چڻ تنها
مان اڪيلو تہ بہ سمجھو بہَ جماعت آهيان

عقل و دانش بہ سلامي ٿا تين روز افزون
شهرِ افڪار جي تشهير و شهادت آهيان

منهنجي سيني ۾ دفن راز محبت جا لک
چڻ تہ تاريخ جي تهذيب و ثقافت آهيان

زلفِ جانان ڪي هٽائڻ جو نہ الزام رکو
مصحفِ رخ جي عقيدت سان تلاوت آهيان

اڄ تہ آغوش ۾ تقدير کي تابع ڪريون
تنهن جي رمزن جي مان تشريح و وضاحت آهيان

فيصلو ڪهڙو بہ ٿيندو سرِ ميدان مگر
مان تہ مشهور پرستارِ نزاڪت آهيان

ڪنهن سان "انور" ڪبو احوال تہ مجبور ڪبو
ورنہ مخمور محبت ۾ نهايت آهيان

جنهن دم تو دستِ خنجرِ قاتل نظر اچي
اُن وقت آرزو تي مڪمل نظر اچي

محرو مئي فيوضِ تقاضائي عشق ۾
تي ڪائنات اڄ متزلزل نظر اچي

هر راهه تي لٽيرا ۽ هر موڙ تي تياس
"پنهن جي اچا به دور تي منزل نظر اچي"

ڪاراتجي وجي تو اُنهي وقت ئي قمر
جانان جي جئن تي صورتِ ڪامل نظر اچي

ساقي جي اڄ نظر جا ڪرشما ڏنم عجيب
زاهد به ميڪشن ۾ تو شامل نظر اچي

رندن جي روبرو ته ڪجهي محتسب نٿو
جاهل اُتي به ڪيس ٿو عاقل نظر اچي

گرداب سان نصيب ڪي وابسته مون ڪيو
مشڪل رڳو هي آهه ته ساحل نظر اچي

دنيا ۾ ڪيتريون ئي ڏنم محفلون مگر
"انور" اجوڪي خوب تي محفل نظر اچي

دردِ دل جو داستان ڪنهن سان ڪيان ڪنهن کي چوان
"مهربان ڪنهنکي چوان نا مهربان ڪنهنکي چوان"

فاصلا گهٽبا وڃن ۽ راهه روشن پئي ٿئي
نقش پاتنهن جا ڏسي مان ڪهڪشان ڪنهنکي چوان

شهر ٻوڙو گام گس تاريڪ ۽ ماڻهو اداس
هم سخن ڪنهنکي چوان ۽ هم زبان ڪنهنکي چوان

پاڻ ۾ علم و ادب تي پڻ رکن ٿا اختلاف
اهلِ فن شاعر سخنور نڪتہ دان ڪنهنکي چوان

حجر اسود کي چمي سجدا ڪيم ڪعبي اڳيان
مون اُتي سڀ ڪجهہ ڏٺو مان لامڪان ڪنهنکي چوان

تنهنجي رخ تي زلف ڪريا چڻ غلافِ ڪعبو آهہ
چئہ ڀلا جانِ جهان مان پاسبان ڪنهنکي چوان

مون ڪري سجدن تي سجدا عبديت آهي مڃي
مظهرِ عشقِ بتان ڪنهنکي چوان ڪنهنکي چوان

تنهنجي ميخاني منجهان ساغر ملي بهرِ خدا
تنهن جي هوندي سوندي اي پيرِ مغان ڪنهنکي چوان

لڙڪ لڙيا ۽ زبان خاموش آهي هر طرح
ضبطِ غم ۽ صبر جو مان ترجمان ڪنهنکي چوان

وسعتِ دل ۾ تو پنهنجو ۽ پرايو اڄ لکي
مان حقيقت حال پنهنجو الامان ڪنهنکي چوان

دامنِ صحرا حياتِ جاودان بنجي پئي
وحشتِ جوش جنون جو داستان ڪنهنکي چوان

هُن جي نظرن ۾ صليب ودار جو پيغام آهه
هي بہ آهي حوصلن جو امتحان ڪنهنکي چوان

هرڪو پنهنجي منهن لڪايو زندگي گهاري پيو
ڪير "انور" تنهنجو تيندو رازدان ڪنهنکي چوان

درد منهنجو آهہ منهنِ جي دل جو درمان ٿي ويو
آرزو منجي وئي ۽ خونِ ارمان ٿي ويو

جو لڪل هو لوڪ کان سو راز عريان ٿي ويو
جنهن ٻڌو احوال آ سو خود ئي حيران ٿي ويو

بحرِ وحدت ۾ ڏنو ٿي جنهن مونکي آتت سدا
دل جي ڪشتيءَ لاءِ سو اڄ موجِ طوفان ٿي ويو

جو ٿيو بد خواهہ منهن جو خود اِهو برباد ٿيو
سرخرو مون کي ڏسي بلڪل پشيمان ٿي ويو

جنهنکي رهبر رهنما سمجهيم سو رهزن ٿي ويو
جو محافظ جان جو سو دشمنِ جان ٿي ويو

غير ڪوشش ڪئي گهٽي دل کي متاثر جي مگر
اڄ هتي آواز اُن جو چٽ تہ تان تان ٿي ويو

يار جي زلفِ پريشان کان پريشاني ملي
ڪاروانِ زندگي بيحد پريشان ٿي ويو

اُن تي لعنت ۽ ملامت ٿي وئي شام و سحر
صورتِ انسان ۾ جو ڪردارِ شيطان ٿي ويو

غير آخر غير آهي غير کان ڇا ٿو ملي
مهربانيءَ غير جي سان خانہ ويران ٿي ويو

ساز وسامان جن جي لءِ "انور" ڪيو موجود ٿي
تن جي خاطر هي سفر بي سازو سامان ٿي ويو

دل تي چاهي مئي گلابي پي ڏسان
بيخوديءِ ۾ ڪا گهڙي مان جي ڏسان

تشنگي پئندي بہ منهن جي تي وڌي
بزمِ رندان ۾ جو سرجوشي ڏسان

جئن اچي تو ويجهو قاتل اڄ کڻ
عالمِ وحشت متس طاري ڏسان

پيچ پائي پيچ و خم کي مان چمي
زلف پيچان ۾ وري قاسي ڏسان

ناز ۽ انداز تنهن جو آ غضب
هر نظر ۾ تو نئين شوخي ڏسان

سونهن وارن ظلم ڪيڏو ڪيو روا
ڪانہ اڄ ڪله تو خدا ترسي ڏسان

مون کان پئمانو پري هرگز نہ ڪر
مان تو اُن ۾ بود ۽ هستي ڏسان

گل بدن کي مست خوشبو واسطي
پيرهن وانگر چمي چهتي ڏسان

مي رسائي عالمِ بالا تي پو
ناصحا چو عالمِ سفلي . ڏسان

دستِ قاتل جي وٺان لذّت نئي
دار تي گردن رکي مرڪي ڏسان

چور چپڙا ٻول منڙا پيار مان
پنهنجي جذبن ۾ تو بيتابي ڏسان

پنهنجو چهرو تنهن جي چهري سان گڏي
تنهن جي نيڻن ۾ گهڙي گم تي ڏسان

منهنجا لب ۽ تنهن جا لب بنجن هلال
تنهنجي نيڻن ۾ نئين سرخي ڏسان

ٻَل سان ٻَل "انور" ملائي تا ابد
تنهنجي پنهنجي بيخودي مستي ڏسان

دل جنون ۾ مبتلا ڪر ياس سان آغاز ڪر
هن جو ديوانو تي حاصل تون اهو اعزاز ڪر

آسمانِ حسن توڪان ڪين ٿيندو دور پر
طائرِ دل! خود ۾ پيدا قوتِ شهباز ڪر

ڪين رو ۽ ڪر نہ ارمان فاش ٿيندو رازِ دل
دل بہ هڪڙو راز آهي راز کي تون راز ڪر

رفتہ رفتہ هوش کان تو هرڪو بيگانو ٿئي
پي پلي تون پر پيٽ ۾ ڪين ايذو آز ڪر

فلسفو هلندوئي رهندو هي حيات و موت جو
بندهٔ مومن تون پنهنجي آرزو تي ناز ڪر

يا س و حسرت ۾ نہ منجي اڄ وجي هي ڪائنات
چورِ تارون ڪين دل جون ۽ نہ بي سُر ساز ڪر

ٺوڪرن سان تو مٽائي آرزو تنهن جي اگر
نقش پا دلدار جي تي سجدهٔ اعجاز ڪر

وصلِ جانان جي نہ ڪر تون آرزو بختِ زبون
دل ڦُرائي دک پرائي شانِ غم ممتاز ڪر

ڪاميابي تنهن جي ٿيندي عزم محڪم گر ڪندين
پيچ هوس جو هاڻ پڇرو همّتِ پرواز ڪر

جيڪي توکي هو سو نذرانو ڏنو "انور" اڇي
دل جي بربادي ڏسي پل ناز ۽ انداز ڪر

دلِ غم آشنا کي ڪنهن ستمگر جي ضرورت آهه
نگاهه شوخ جي جلون تونگر جي ضرورت آهه

مسّرت عيش دنيا جو نه گهرجي وصلِ جانان جو
تمّنا کي فقط ديدارِ دلبر جي ضرورت آهه

فراق و غم ۾ خونِ دل جا قطرا چونه ڳاڙيان اڄ
مان سمجهان ٿو صنم کي لعل و گوهر جي ضرورت آهه

پريشان وار، شوخي، مرڪ، اکيون شرم آلوده،
نگاهِ آرزو کي اهڙي منظر جي ضرورت آهه

جي پهچي لحد وٽ آسان هر مشڪل ٿئي ٿو پو
عروسِ زندگيءَ کي کهڙي زيور جي ضرورت آهه

جي ويرانه پسند آهن اُڏائن خاڪ صحرا جي
اُنهن کي ياس و غم ۾ بختِ بدتر جي ضرورت آهه

سندم جرمِ وفا ۾ ئي اَڏيءَ تي سر سدائين آ
سرِ مقتل مون کي ڪنهن تِيز خنجر جي ضرورت آهه

پياسن کي سڪائين ٿو سرِ محفل تون اي ساقي!
اُجايل عاشقن کي دوَرِ ساغر جي ضرورت آهه

حياتيءَ ۾ وفائن کي سڃاتو ڪين تو ليڪن
مرڻ کان پو پڪاريندين ته "انور" جي ضرورت آهه

دل قري مونکي ڪيئہ حيران پريشان شڪريہ
اي بتِ ڪافر! کسيو تو منھنجو ايمان شڪريہ

سر نمائي ھُن جي درِ تي مون ڪيا سجدا ھزار
سنگِ در! تو خون تر ڪئي منھنجي دامان شڪريہ

بعد مدت آروزئي ديد تو پوري ڪئي
زندگيءَ تائين مجيندس تنھنجو احسان شڪريہ

منھنجي قسمت جو ستارو ڪھڪشان بنجي ويو
جلوہ تنھنجو اي قمر! جئن تيو نمايان شڪريہ

زندگيءَ جي ڪشمڪش بنجي وئي سوُھانِ روح
تنھنجي آئي تي ويو اج موت آسان شڪريہ

ڪشتيءِ اُميد ينڪي بحرِ ظلمت ۾ مگر
اج ڪناري سان لڳي اي موجِ طوفان شڪريہ

وحشت جوشِ جنون تحسين جي قابل تيا
ليڙون ليڙون تي وجي تو ھي گريبان شڪريہ

رات ساري ياد ۾ تو چرڪ پريان بي خبر
آرزو ناڪام جا خوابِ پريشان شڪريہ

زخم ھائي دل جا قطرا زندگي بنجي ويا
شڪريہ! اي دل جا قاتل! تير مژگان شڪريہ

تُنهنجي دامن ۾ نگاهِ مست ساقيءَ ڪان اڇي
ڪيف حاصل مون ڪيو اي بزمِ رندان شڪريہ

مونکي ويرانو بہ آ منظور تنهنجي ياد ۾
گلشنِ دل هجر ۾ تيو آهہ ويران شڪريہ

سوزِ غم ۾ آ ملي مون کي حياتِ جاودان
سنگدل مون کي ڏنئہ سورن جو سامان شڪريہ

شعلي هر هڪ منهن جي دل ۾ روشني پيدا ڪئي
آشيان اي برق! پل ڪر تون چراغان شڪريہ

تنهنجي در تي سر جهڪائڻ جي بہ قابل تي ويس
آخري ساعت تيو "انور" مسلمان شڪريہ

دل ڪري طئي مفاصلا پهتي
پنهنجي منزل تي مرحبا پهتي

پهتو لاشو سرِ مزار تہ هوءَ
قبر تي ڪاڻ فاتحا پهتي

هو ڪو شايد خلوص جذبن ۾
"مون ڪان اڳ منهن جي التجا پهتي"

وصل جو وعدو آ مليو شايد
مرد شب خيز جي دعا پهتي

مون رڳو ڪئي ثنا تہ چاتي پيو
تنهن جي تعريف جابجا پهتي

تنهنجي رفتار جانِ جانان چڙ
ڪربلائن تي ڪربلا پهتي

منهنجي قاصد جي موت ۾ "انور"
پهتو انڪار ۽ نہ ها پهتي

دل گهريو هڪ همنوا حاصل ڪيم
يعني دل جي مدّعا حاصل ڪيم

پيئندي پيئندي دست ساقيءَ کي چمي
بيخوديءَ جا ولولا حاصل ڪيم

ڪنهن جي قدمن هوش آندو اوچتو
اک کنيم چڻ ڪربلا حاصل ڪيم

عشق جو سودو مهانگو ڪونہ پيو
دل ڏنم پر دلربا حاصل ڪيم

جئن جهلي دامن ستايم روبرو
لک دلاسا پرجهلا حاصل ڪيم

هن جي قدمن ۾ ڪري چهتي چمي
اڄ الائي ڇا جو ڇا حاصل ڪيم

جيئن ڏٺم حسنِ برهنہ برملا
دل ۾ ڏڏڪا زلزلا حاصل ڪيم

مون وفائن تي وفائون پئي ڪيون
پر قضا! جورو جفا حاصل ڪيم

وقت سان گڏ فاصلا گهٽبا ويا
اِن طرح خوش مرحلا حاصل ڪيم

تو مڃان گستاخ آهيان تيو گهڻو
اِن ڪري جرم و سزا حاصل ڪيم

محب موهيو چاهتن چريو ڪيو
زندگيءَ ۾ چا پلا حاصل ڪيم

طالب المولیٰ جي خدمت ۾ رهي
اُن وٽان هرڪا دعا حاصل ڪيم

سنگ دل جو سنگِ در هر هر چمي
ڪيئن بہ ڪيئن غم آشنا حاصل ڪيم

خوبرو جي خال خط ڪي اڄ ڏسي
ولولا ۽ ترٽلا حاصل ڪيم

جئن ڪيو "انور" سندءِ در جو طواف
دل جي ڪعبي ۾ خدا حاصل ڪيم

دوستو! تاريخ جا اوراق اٿلائي ڏسون
گم ٿيل ناموس ۽ اقدار موٽائي وٺون

زيرِ خنجر ياسرِ دار ورسن پهچون مگر
ڪنهن طرح پنهنجي رٺل تقدير پرچائي وٺون

جان نذرانو ڏيڻ جو هم نشينو وقت آهه
مختصر هن زندگي ۾ پاڻ مَرڪائي وٺون

محتسب جي آڙ ۾ ساقي گري جيڪو ڪري
ڏوڙ ۾ اُن کي ڏري اوقات سمجهائي وٺون

ڪوڙ کي ڪوري ڪپي ۽ سرخرو سچ کي ڪري
"ساٿيو! هن دؤر جو دستور بدلائي وٺون"

بت پيجي پورا ڪجن مسمار سارو سومنات
سنت و تقليدِ ابراهيم ورجائي وٺون

صورتِ اسلام جيڪو ڪفر تي آ نازور
نعرئہِ تڪبير سان اڄ ان کي ڏهڪائي وٺون

ڪانہ سودي بازي ٿيندي ڪا اصولن تي ڪڏهن
حقّ جو سيني وٽان اڄ ٻول ٻولائي وٺون

ڪهڙي هن ڪم ظرف ۾ اميّد آهي ڪا چڱي
باهہ ٻاريو جلد پنيٺ ڪئن بہ ڀڙڪائي وٺون

ذات ناهي ذات انور جو وهي سوئي لهي
عشق جا احساس سڀ ڪنهن ريت جرڪائي وٺون

دؤر دنيا ۾ زمين تي رهنما ڏسجي نٿو
مطلعِ افلاڪ تي پڻ همنوا ڏسجي نٿو

ڪشمڪش ۾ زندگي بنجي وئي سوهانِ روح
دلبري جيڪو ڪري سو دلربا ڏسجي نٿو

عشق ۾ جورو جفا سهبا نہ ڪجهو ڪنهن طرح
جو تہ دلبر ۾ بہ احساسِ وفا ڏسجي نٿو

مئي متي مهراڻ ۾ اڄ پينگ واڪا پئي ڪري
"هن سفيني جو تہ ڪوئي نا خدا ڏسجي نٿو"

ڪوئي آيو ڪو ويو مٿبا رهن تا اهرمن
پر خدايا! هت ڪڏهن صدقِ خدا ڏسجي نٿو

چاهتن ڪي غم سهي ڪرٽو فروزان تو پوي
غم زده لئہ پر توِ جلوه نما ڏسجي نٿو

ڪي پين تا شوق خاطر مان پيان تو ڪيف لئہ
پر بنا ساقي شرابِ ڪيف زا ڏسجي نٿو

پوڇي پوڇي سنگِ در ۽ سر ملي هڪ تي ويا
سائلِ مهر و وفا ڪافر ادا ڏسجي نٿو

تي وڃي "انور" صداقت هوند هڪدم سر بلند
پر حسيني جذبۂ ڪرب و بلا ڏسجي نٿو

ڏجو ساٿ نامِ خدا ترسجو
اڪيلو نہ ڇڏجو ذرا ترسجو

هي گوڏا جهڪايل نہ ٽڪرائجو
جهلي مون اوهان جي قبا ترسجو

اوهان کي سهارو بنايو اٿم
ڏکويل جا مشڪل ڪشا ترسجو

نہ رهجي وڃي توکي حسرت پلي
ٿين تير و خنجر ڪٺا ترسجو

مليو آهہ موقعو تڏهن چو نہ پر
پيالا پيون اَڄ ميا ترسجو

نہ اَچجو ڪُلي منهن سر عام اڄ
متان تي پوي ڪربلا ترسجو

اوهان جون عطائون ڏسي ٿو چوان
اڃا ڪجهہ ڪرڻ ڏيو خطا ترسجو

ڇگّو ٿَوَ ڪيو پاڻ موڪائٽو
هٿن سان ڪجو دل ڳپيا ترسجو

نہ غيرن جي ڪوڙن تي پلجي وڃو
ذرا آزمايو وفا ترسجو

ڏجو هُن کي "انور" جا ساري سلام
پڌو دل سان باد صبا ترسجو

ذوقِ غم جي بيخودي قائم رهي
موت سان گڏ زندگي قائم رهي

منهن جي نرميءَ ساڻ ۽ منّت سان گڏ
شوخرو جي بي رخي قائم رهي

هو شبِ تاريڪ ۾ آيو لڪي
منهن جي گهر ۾ تيرگي قائم رهي

هن جي جبر و ضبط و استبداد سان
شل سندم هيءَ بيڪسي قائم رهي

مرده دل دشمن ڪندو ڇا؟ جيڪڏهن
منهن جي هيءَ زندهه دلي قائم رهي

مان رئان تو هو کلي تو مون مٿان
منهن جو غم هن جي خوشي قائم رهي

شمع پرواني کي ساڙي ڇا چيو؟
ڪاش! اهڙي دوستي قائم رهي

ماهرو جي بي نقابيءَ تي چيم
حسن جي بي پردگي قائم رهي

هوش مليو مون کي بيهوشيءَ منجهان
منهن جي هيءَ ديوانگي قائم رهي

قتل گه ۾ هن جي هڪ هڪ وار تي
تنهن جي "انور" خامشي قائم رهي

ڏاهجي هر ظلم جي ديوار کي
ڇيچلائي مارجي غدّار کي

چپ سبيل ڳوڙها ڳلن تي سن دماغ
کو گُهتي پيو قوت اظهار کي

جيڪي چوڻو آهہ منهن تي ڏي چئي
چوتو جانچين وقت جي رفتار کي

عشق وحدت ۾ ڪري حاصل ڪمال
"آبرو منصور بخشي دار کي"

ننگ ۽ ناموس لٽبا چو ڏسون
چاڪ ڪريون فتنہ تاتار کي

صورت شيطان ۾ يزدان جت ڏسو
ڪئن بہ دسجو ڪفر جي ڪلتار کي

فيصلي ڪُن قوتون پيدا ڪري
ضرب سان ڪامل ڪجو هر وار کي

بيوسي گهاري ڏنيسون هاڻ بس
آزمايو قوت تلوار کي

حاسدن جو هي حسد ڪوري ڪپي
سرخرو پنهن جي ڪجي ڪردار کي

ڪربلا هاڻي نئين پيدا ڪري
ڪين ڇڏبو ڪنهن يزيدي ٻار کي

خون جو بدلو ٻه ونجي خون سان
ڪين ڇڏبو اهڙي ناهنجار کي

چاڻ تيندا صبح جا ڪرڻا طلوع
چند لمحا عمر آ شب تار کي

صبر جو پيمانو اُتلي هاڻ پيو
مرحبا هن جذبهء بيدار کي

آرزو پوري تيڻ جو وقت آهه
ڪونه سهبو هاڻ ڪنهن بدڪار کي

هونئن نه تيندو هو سدو آهي يقين
آٽبو "انور" ڪتب پيزار کي

رخ تان نقاب دور ڪر هاڻ تون فيض عام ڪر
لاهي حجاب هم نشين! قرب سان ڪو ڪلام ڪر

جوشِ جنون ۾ زندگي آهه وڃائي تو ڇڏي
وقت اچا بہ آهه جو عقل و خرد جو نام ڪر

روڪ قدم سنڀالي هل ڪوئي تہ آ دفن هتي
خستہ مزار کي ڏسي خاڪ جو احترام ڪر

موت و حيات ناهہ ڪجهہ گهرجي تو ولولو وسيع
برق و شرر جي سايہ ۾ صبر و سڪون حرام ڪر

شمس و قمر ۽ ڪهڪشان تنهن جا غلام تي رهن
دؤرِ فلڪ جي دؤر ۾ پيدا نئون نظام ڪر

تذرِ وفا جي آبرو پنهن جي وصال سان رکي
پيدا نگاهِ ناز ۾ ايڏو وڏو مقام ڪر

يار کي ڪعبہ سمجهہ تون يار کي قبلہ سمجهہ تون
"نيهن واري نماز ۾ عشق کي تون امام ڪر"

يار جي وصل لاءِ سڄي عمر روئندو رهہ پلي
درد کي پنهن جو صبح ڪر رنج کي پنهن جي شام ڪر

"انور"ِ خستہ دل نہ ڪر ڪنهن تي بہ اعتبار ڪجهہ
عشقِ بتان ۾ پنهنجي تون عمر سڄي تمام ڪر

رکان جيئن پروسو پنهنجو تو تنهن جي دلربائيءَ ۾
ملي تي موت تئين اُن جي فلڪ کان ڪج ادائيءَ ۾

اسان ڪس ۽ ڪٿر کان ڪين منهن موڙيو ڪڏهن آهي
مگر تون تو رهين راضي سدا سرسي سوائيءَ ۾

مون کي تنهنجي محبت جو سهارو هو تنهي ويو اڄ
اڪيلو بي وسيلو مان تيس ساري خدائيءَ ۾

اوهان جا وعده اڄ مڙئي تيا پاڻيءَ تي چڻ ليڪو
جفا شامل اچي تي آ اوهان جي يَرَ وفائيءَ ۾

اوهان آڏو مون کي منظور آ هردم هجان قيدي
مصيبت آهه هر ساعت جدائيءَ جي رهائيءَ ۾

گهڙي کن لاءِ اڄ مڻڙا ته سالن جون سڪون لاهيون
گهٽوئي وقت گذري ويو سڄڻ تنهن جي جدائيءَ ۾

رڳو تون مان هواسين گڏ ته ڪا پروا نه هئي دلبر
مگر هائي تو هيڪاري جهڃي جيءَ هيڪلائيءَ ۾

عروسِ نوجي خدمت ۾ ڪجي ڇا پيش ڪو تحفو
ڪيان تو پيش پنهن جي دل به سرخم رونمائيءَ ۾

مون کي معلوم آهي تون ئي بخشڻهار آهين پو
چوان ڇا مان پلا توکي سڄڻ پنهن جي صفائيءَ ۾

مون کي دولاب ڪوڙن کان رهي نفرت سدائين تي
رهي معمور تو "انور" صداقت ۽ سچائيءَ ۾

رنگ لائيندو جنونِ دشت و ويران عنقريب
وحشتن سان فيض ور تيندو گريبان عنقريب

ناهه ممڪن جو تين سڀ پورا ارمان عنقريب
مشڪلاتن کي ڪبو همّت سان آسان عنقريب

قتل گاهه ناز جي ماحول مان سمجهيو اتم
دست خنجر جو مان تيندس زير احسان عنقريب

منهنجي زخمن کي چڏي ڏي پل ڪُلي رنگين تين
مان ڪندس زخمن سان پنهنجو گهر چراغان عنقريب

ياد آئي هر وفا روئي رڙي ايندو صنم
فاتحا لئه برمزارِ ما غريبان عنقريب

تو نقابي رخ هٽائي دعوتِ ديدار ڏي
تيندو ڪنهنجو دين و ايمان لرزان عنقريب

صبح تائين منهنجي نيٽن کي اهو هو انتظار
"ايندو ايندو غيرتِ چشمِ غزالان عنقريب"

انتظارِ گردشِ شام و سحر جي مات سان
بنجي وجبو باعثِ تشويش يزدان عنقريب

هي جهانِ رنگ وبو حسنِ وجودِ ڪائنات
عشق آڏو ويندا تي افتان و خيزان عنقريب

محتسب اڄ تون اجايو خار ڪائيندو وتين
جام جي مستيءَ ۾ ٿيندا رند رقصان عنقريب

آرزو ساحل سندي گرداب ۾ ٿيندي دفن
سمنڊ جي مانار ۾ جي آيو طوفان عنقريب

در حقيقت ظلم جي آهي حياتي مختصر
پُر اثر "انور" جي ٿيندي آه و افغان عنقريب

رهنمائي رهنما توکان نہ ٿي
دلربائي دلربا توکان نہ ٿي

مون تہ ڪوشش هئي ڪئي بي انتها
پر ملڻ جي ابتدا توکان نہ ٿي

تنهن جي در پهچي چمان چاچا چمان
جهڙي تهڙي مرحبا توکان نہ ٿي

گر شفايابي نہ ٿي مون کي قبول
پر رڳو دستِ دعا توکان نہ ٿي

تون مسيحا تو سڏائين پر فقط
”درد وارن جي دوا توکان نہ ٿي“

تو وفا کي چيچلايو ڏئي فريب
پر جفا سان ڪا دغا توکان نہ ٿي

بر مزارِ ما غريبان سنگدل!
چار قل يا فاتحا توکان نہ ٿي

بخل ۾ مشهور اهڙو ٿي وئين
ڪا سخا نامِ خدا توکان نہ ٿي

تو مَتن جا مت رکين محفوظ پر
سرڪ هڪڙي جي سخا توکان نہ ٿي

يلجي سُلجي منهنجي گهر پهچي وڃڻ
ڪا ڪڏهن اهڙي خطا توکان نہ ٿي

عمر ڀر ميٽتا مڃي مون بي حساب
صرف هڪڙي رات ها توکان نہ ٿي

”انور“ ِمايوس خاطر دلربا
ڪنهن بہ وعدي جي وفا توکان نہ ٿي

زماني ۾ ڪنهن جو نہ ڪو يار ٿيندو
جي ٿيندو تہ آخر سو غدّار ٿيندو

جني ڪاڻ سوري بہ سينگار ٿيندو
وفائن جو تن کي تہ لاچار ٿيندو

ٻڌاڪون وفا جون رڳو هٺندا رهندا
مگر مهل تي ڪونہ غمخوار ٿيندو

ڏسي ٻي جي طاقت وڃي تَنهن جا ٿيندا
نہ هيٺين جو ڪوئي تہ آڌار ٿيندو

هزارين ڪندين تون وفائون اُنهيءَ سان
مگر نيٺ سوئي جفا ڪار ٿيندو

سکن جا سلامي سوين روز ڏسبا
ڏکن مهل سوئي ڏنگي مار ٿيندو

دغا باز ٿيو دادلو آھ سڀ جو
وفادار هرڪو گنهگار ٿيندو

جا کوٽيندو مون لئہ ڪِري پاڻ پوندو
ستمگر جو هٿ ئي ڪو آچار ٿيندو

خوشي ڪڻ پلي تون مان ونديان ڏکن سان
اِنهيءَ تي نہ توساڻ تڪرار ٿيندو

گنهنگارِ الفت تو سڏجي تڏهن يي
اوهان ۾ وفا جو طلبگار ٿيندو

رڳي ساري ڏرتي مون ڳولا ۾ تنهن جي
اِنهيءَ آس ۾ تنهن جو ديدار ٿيندو

جفائن سان ماري جياري ٿو هر هر
وفائن جو ڪنهن ريت اظهار ٿيندو

نڳن جا تا تولا گهمن بنجي جوڙا
ڇڱو هن جهان ۾ نہ بدڪار ٿيندو

نہ ڪو اعتبار آه دولت تي ڪوئي
ڦري نيٺ زردار پينار ٿيندو

خدا جي فضل سان اوهان جو اي ”انور“
وري بخت خوابيده بيدار ٿيندو

زمين جي گوشہ گوشہ تي غضب درماندگي آهي
سڀن جا چهرا ڪوماٽل عجب سرگشتگي آهي

نہ تارن ۾ چمڪ آهي نہ ڪائي رهبري آهي
قمر هردم اُداس آهي نہ اُن ۾ روشني آهي

رڳو ڪوڙن بدوڙن ۾ فريب ِآگهي آهي
هتي ڏوڪي سان بازيگر ڪئي سرڪردگي آهي

لڪي لالاڻ ۾ ويو آفتاب ِپارسائي آهہ
اڄوڪي دور ۾ تي حڪمران هر جا بدي آهي

نہ ساوڻ آ نڪي پوئن تي آ سرهاڻ ۽ ساوڪ
اکيون آليون دليون ڪاڏل خوشي پيي جڻ غمي آهي

اِنهيءَ ڪي خود فريبي ڪئن نہ چئجي جو ڪجي دعوا
"اڄا تائين اسان جي همتن ۾ زندگي آهي"

ڪِري اخلاص جي ديوار هر سو زلزلو آيو
اسان اخلاق جي بنياد ۾ واري ڀري آهي

مرڻ جي خوف کان تالو زبان پنهنجي تي پاتو سون
جيڻ جي چاهہ ۾ منظور هي حالت ڪئي آهي

نمازن ۽ وظيفن ۾ جڏهن ڪوئي اثر ناهي
تہ سمجهو قوم تي شايد اڄا تائين ڳري آهي

هٿين پيرين ڪڙيون پائي هٿڻ نعرا غلط آهي
جا منزل تي رسائيندي اُها ڪا راهه ٻي آهي

هتي انصاف جي دامن تي ناٽي جو تڪو آهي
هتي هر آرزو ۾ بيوسي ۽ بيڪسي آهي

خبر هوندي به نامعلوم ڇو زنجير پاتاسون
اسان جو ذهن آ بيمار ۽ بيچارگي آهي

جي مقتل جو تئيتو سڏ ته مُرڪي پاڻ مَرڪايو
لهو قربان ڪرڻ دانشوري فرزانگي آهي

خدا ڄاڻي ته "انور" هن جهان ۾ ڇا بچيو باقي
نه رنگِ عاشقي آهي نه شانِ دلبري آهي

زندگيءَ کي آ فنا تي ڀروسو
موت کي آهي بقا تي ڀروسو

ايندي ايندي يار جي در وٽ مون کي
تو رهي قدر وقضا تي ڀروسو

ڀل شفا حاصل اچي ڪن ٻيا مريض
پر مون کي آ لادوا تي ڀروسو

پرت وارو ڏي پيالو تون ڀري
تشنہ لب کي آبقا تي ڀروسو

حسن تُنهنجو ٿيندو تابع پو ضرور
عشق کي جي آ وفا تي ڀروسو

ڪشتيءِ اُمّيد ڇڏ گرداب ۾
ڪين ڪر تون نا خدا تي ڀروسو

مردِ نادان! هوش ور تي تي سجاڳ
ڪر محمّد مصطفيٰ تي ڀروسو

تن تي شافع ٿيندو مرسل باليقين
جن کي آروزِ جزا تي ڀروسو

رازِ دل ڪنهن سان نہ ڪر تي بردبار
تون هميشه ڪر رضا تي ڀروسو

تن جي جنّت آهه ممڪن جن کي آهه
پاڪ قرآن ڪيميا تي پروسو

دين دنيا تن جو آهي ڪامياب
جي رکن تا هڪ خدا تي پروسو

باعمل انور گذارج زندگي
ڪين ڪج تون التجا تي پروسو

صبح دم گلشن تي جڏهن آسمان روئي ڏنو
فصلِ گل کلندو رهيو دورِ خزان روئي ڏنو

هر جگر جي داغ آخر سوز مان روئي ڏنو
غمزده دل چشم تر جي درميان روئي ڏنو

بي رخي تنهنجي ڏسي هر رازدان روئي ڏنو
مهربان روئي ڏنو نا مهربان روئي ڏنو

دردِ دل جو داستان جيئن مون ٻڌايو بزم ۾
رحم دل روئي ڏنو ۽ سخت جان روئي ڏنو

ڪونه صبر و ضبط مان ٿيو فائدو دل کي جڏهن
غم جي شدّت کان اکين اڄ بي گمان روئي ڏنو

ڪاميابي ڪانه ٿي ڪجهه جستجوئي يار ۾
خاڪ بر سر دربدر بي خانمان روئي ڏنو

راهرو ڪن ڇا ڀلا؟ منزل تي پهچي ڪيئن سگهن
راهه ۾ تڪجي اميرِ ڪاروان روئي ڏنو

جن جي دم سان گهر هو روشن سو ٿيو قيدي جڏهن
بدنصيبي پنهن جي تي اڄ آشيان روئي ڏنو

آرزو ڪيڏي رکي آيو مسيحا تنهنجي در
بي رخيءَ تي هن مريضِ ناتوان روئي ڏنو

شعلا تي ويا سرد ۽ طوفان اچي قابض ٿيو
بادلن ۾ گم رهي برقِ تپان روئي ڏنو

ساقيا! توکان سوا مئنوش تشنہ ڪام ٿيا
مئڪده خالي ڏسي پيرِ مغان روئي ڏنو

جيئن مليو محبوب "انور" کي سڙي ويو غير اڄ
شادمان مون کي ڏسي هن رشڪ کان روئي ڏنو

ساقي بغير ميڪدي جو حال زار هو
پيمانہ، رند، پيرِ مغان اشڪ بار هو

آبِ حيات سمجهي زهر پي بہ مون ڏنو
هن جي هٿن جي جام ۾ ڪيڏو خمار هو

ساقي جي هٿ مان اوچتو ڪسجي ويو قدح
شايد اهو ڪو محتسب و ديندار هو

ميخوار آب ديد هوا چپ چپات ۾
هر تشنہ لب اداس طبع سوگوار هو

خنجر جي ڌار هيٺ سوين سر ڪُسي ويا
مقتل ۾ لالہ زار لهو جوئيبار هو

وعدو ڪري فريبِ جفا ساڻ ويا لتي
جن جي وفا تي مون کي سدا اعتبار هو

صبح و مسا جي ڪابہ نہ هرگز تميز هئي
تنهنجي اچڻ جو ڪيڏو مونکي انتظار هو

دستِ رسا کان دور ڏٺم ماه رو حسين
"دل بيقرار هوندي نظر کي قرار هو"

"انور" وفا تي حرف نہ آڻ ڏنو ڪڏهن
الزامِ عشق گرچہ ڪيو داغدار هو

ساقي يري ڏي جامِ عنايت هزار بار
مستن جي ايندي رهندي جماعت هزار بار

مون رنگِ عارفانہ ڏٺو مئڪشي ۾ آهہ
پيتو اتم ۽ پيبو بہَ چاهت هزار بار

پيدا ڪري تي سوزشِ ماتم زهي نصيب!
شاہِ حسين تنهن جي شهادت هزار بار

کهڙو قصور جوشِ جنون وحشتن سندو
”برپا ٿئي تي دل تي قيامت هزار بار“

تنهنجي نگاہِ شوخ کي جنهن دم بہ تو ڏسان
محسوس مان ڪيان تو ڪرامت هزار بار

ماري وري جيار سرِ دار سنگدل
توکي ڏيان تو اهڙي اجازت هزار بار

پٿر جي بت کي سجدا ڪري تو جئڻ گهران
مقبول تيندي اهڙي عبادت هزار بار

محرومۂ نصيب ڪچڙ عيب چاڻجان
حاصل ڪرڻ تو چاهين جي عزت هزار بار

قابل سزا جي آهہ مجان تو هي ڏوهہ تيو
”انور“ ڪئي توساڻ جسارت هزار بار

ساقي جي نگاهن ۾ غمّاز ڏسي رهبو
پيماني جي گردش جو انداز ڏسي رهبو

مقبول گذارش هن وٽ تي نہ ٿئي ليڪن
پهچائي صنم تائين آواز ڏسي رهبو

پرچي تہ وياسين پر آ پرک گلي لائڻ
اڄ ڪير ڪٿي تو هي اعزاز ڏسي رهبو

هر مهل تو سوچيان ۽ هر مهل تو لوچيان مان
افڪارِ تخيل جو پرواز ڏسي رهبو

ماڻهو تہ سوين سهڻا ڪنهن ۾ بہ نہ همدردي
هن دور ۾ ڪٿ آهي همراز ڏسي رهبو

تيو وقتِ نزع ويجهو پر آس اڃا آهي
اڄ پنهن جي مسيحا جو اعزاز ڏسي رهبو

هي رات اڪيلي تنهائي بہ ميسّر آهہ
تو ڪير ٿئي اڄ سر افراز ڏسي رهبو

دل پيش ڪري ڪهڙو ويچار ڪبو "انور"
انجام تہ ڇڏيو پر آغاز ڏسي رهبو

سيئي ڳالهيون ٻڌائيندس جڏهن تون روبرو تيندين
سراسر سچ سڻائيندس جڏهن تون روبرو تيندين

حڪايت ڪان چڱو آهي شڪايت ۽ ڪجي شڪوه
وڏو حرفي بنائيندس جڏهن تون روبرو تيندين

سراپا تنهن جي صورت کي چميون ڏيندس ڪندس سجدا
سمورا غم مٽائيندس جڏهن تون روبرو تيندين

وفا پنهنجي مثالن شاهدن سان مان ڪندس ثابت
جفا توکان مڃائيندس جڏهن تون روبرو تيندين

لبن سان لب ملائي مرڪ اوتيندس بي ڪتڪي
مٺي ماکي چکائيندس جڏهن تون روبرو تيندين

اکين ۾ جاءِ جوڙي پرت جو ڏيئي نياپو نئون
پري ياکر مان پائيندس جڏهن تون روبرو تيندين

فسانو ڪو نہ ٻڌبو ڪونہ هڪ ٻي کي پيو ڏسبو
دلين جا درد ڪائيندس جڏهن تون روبرو تيندين

اکين جي ٻاڻ جو تو ٻج ڇٽيو جو منهنجي دل تي آ
پرين پورو پچائيندس جڏهن تون روبرو تيندين

وساري دوُرِ ماضي کي ملي هڪ جسم جان تيبو
خوشيءَ جا گيت ڳائيندس جڏهن تون روبرو تيندين

سندمر دل جي اگڻ تي چنڊ بنجي تون وري اُيرين
تہ چانڊوڪي چڪائيندس جڏهن تون روبرو ٿيندين

رڳو پرپٺ جا افسانا تون فرسوده ڪري ڇائِن
تڏهن "انور" سڏائيندس جڏهن تون روبرو ٿيندين

سڀني دنيا ۾ آئون دل سان انسانن کي ڀانيان ٿو
ڇڏي مذهب رڳو انسانيت وارن کي ڀانيان ٿو

مان سمجهان ٿو هي رشتو مادري فرسوده افسانو
تلاشِ طرب خاطر خاڪ جي ذرڙن کي ڀانيان ٿو

ڪريان مان ترڪ الفت ياءِ پيٽن جي ذهين بنجي
گلن جي نرم ۽ نازڪ حسين دامن کي ڀانيان ٿو

محبت پيار آ دوکو وفا آهي فريبِ دل
مان انسانن جي پُر اخلاص احساسن کي ڀانيان ٿو

ڪٿي پنهن جا به ظالم ۽ ڪٿي ڏاريا به ٿيا دلبر
هزارين ميل ڏورانهن مان بيگانن کي ڀانيان ٿو

فريب و بغض جي ياري مون ٺڪرائي ڇڏي آهي
محبت قرب جي خالص حسين گيتن کي ڀانيان ٿو

هي ڪونيون ڦهر جون ڪنهن دم ڪري مسمار ٿي وينديون
نوازش رحم جي بي لوث ميدانن کي ڀانيان ٿو

متي ۽ مائٽي جي هر تصادم کان ٻڇي ڀوڙي
مان دل سان عالمي قربت جي مستانن کي ڀانيان ٿو

خدائيءِ جا قرن ساغر ٿا جت بي انتها يارو!
اُنهن وحدت نما پر نور مئخانن کي ڀانيان ٿو

مان قومن نسل کان آهيان خدا جو سنهن تہ باغي ٿيو
بشر آهيان بشر جي شان شاهاڻن کي ياناين تو

مون کي مائر قسم جي فتنہ ور کان سخت نفرت آ
ادب پرور اديبن ۽ سخن دانن کي يانيان تو

يلي دنيا اوهان لئہ چا بہ سوچي ٿي مگر "انور"
اوهان جي هن تخيّل ۽ نون جذبن کي يانيان تو

سچ مٽان صدقو ٿيڻ جو وقت آهه
ساٿيو اڄ جِي مرڻ جو وقت آهه

ظلم آڏو ڍال سيني کي ڪري
ڏاڍ جو ڏونگر ڏرڻ جو وقت آهه

حوصلن جا نت نوان ٻاري ڏيا
همّتون روشن ڪرڻ جو وقت آهه

جابرن کي ڪو سبق سيکارجي
ڪوٽ قيدن جا پٽڻ جو وقت آهه

زهر ماکيءَ جي مثل چاٽي پيو
اڄ مري يارو جيئڻ جو وقت آهه

ڪانئرن کي گهيريو ماريو وڃيو
مڙس ٿيو مڙسي ڪرڻ جو وقت آهه

ءُ ڪيو پيدا جهان ۾ انقلاب
جوش جذبي سان تپڻ جو وقت آهه

سرود و رقص ۾ منهن جي هئي اڄ چشم ظاهر ۾
نگاهن جو هئو مرڪز بلورين جام احمر ۾

ڏسان پيو حسن جا جلوه نئي عشوه طرازيءَ سان
نوان تيا ناز ۽ نخرا نئون دستور دلبر ۾

پيارين چو صنم تون تو عدو کي جام الفت جو
جڏهن آ انکساري ۽ وفائي تنهنجي احقر ۾

لبن تي جام آٽين تون قرين تو چو ستائين تو؟
پئڻ خاطر هلي آيس مان تنهنجي ئي صنم گهر ۾

اڙي زاهد! ذرو پي ڏس سرور و ڪيف ڪر حاصل
ڪڙي ايندي نظر توکي عبادت جامِ ڪوثر ۾

هيءَ محفل، هيءَ جواني، رقص، نغمه ۽ هي فصلِ گل
تغير آسمان ۾ ۽ زمين ۾ آهه اختر ۾

نه آزر گرچ مون وٽ جان ساري وقفِ مئخانه
اِهو جذبو نه تيندو ساقيا ڪنهن ٻي تونگر ۾

هزارن ۾ اگر مون کي ذرو ڏيندين ته ڇا تيندو؟
سخيءَ جو نام اعليٰ تو رهي دنيا جي دفتر ۾

چڪو تورو ملي ليڪن ملڻ گهرجي خدا لڳ ڏي
حقيقت هر دو عالم جي سمائي آهه ساغر ۾

چکي آخر چکي زاهد چيو تي مست ۽ بي خود
لکيل آهي اِهو تيندو اسان جي بس مقدّر ۾

يلي هڪ سرڪ جي عيوض قتل ڪر تون اجازت آ
ڪندين تون ياد هيءَ خوبي هئي مدهوش "انور" ۾

سڪونِ دل ويو ڪسجي هي ديونا اداس آهن
الا! بيوس تي سرمستيءَ مستانا اداس آهن

اکين جا لڙڪ پي هاڻي تا صدمن کي ڏيون آتت
پياڪن کان سوا لبريز پيمانا اداس آهن

جيون پيا ڪنهن جي يادن جا ڏيا ٻاري اڪيلي سر
حياتي گذ جا گذري اُن جا افسانا اداس آهن

نہ موٽڻ جي رهي اُمّيد سارِوٽي نتي نڪري
سندم حالِ زبون تي پنهن جا بيگانا اداس آهن

اسان جي بد نصيبي تي نصيبن ساڻ اهڙي آهہ
وفا جي واٽ جا سرواڻ فرزانا اداس آهن

گلستان کان وئي ڪسجي اگر رنگت تہ ڇاتي پيو
جڏهن اڄ يادگارِ دهر ويرانا اداس آهن

فريب و رنگ و بو ۾ ڦاسجي دل پيا تا پرپايون
حقيقت ۾ اهي لمحات روزانا اداس آهن

اچانڪ تي وئي اوندهہ اڌوري آس رهجي وئي
اُجهاڻل شمع جي چوگرد پروانا اداس آهن

اکيون ڪنهن آسري تي روز واجهائن پيون واٽون
نہ ڳوڙها تا ڳڙن "انور" جا نذرانا اداس آهن

سکن خاطر سوين سختيون سدا سر تي سهائي ڏس
اگر هستي تو ڪجهہ چاهين تہ خود کي تون مٽائي ڏس

ستل آهين! اگر جاڳين بہ تو اکيون ننڊاکڙيون
ذرا احساس ڏاري وقت جون واڳون ورائي ڏس

ﻳﻼ چئہ ڪيترو رهبو رضا ڏي مائل وراغب
بغاوت جي نئين ماحول سان تون نينهن لائي ڏس

اگر خاموش تي وهندين تہ تي ويندين ذرا پرزا
رواداري ۽ صبر و ضبط ڪنهن پر تون اُڏائي ڏس

هزارن انقلابن کي اسان آندو ۽ موڙيو آهہ
اسان جي عزم ڪامل کي زمانا! آزمائي ڏس

نہ تيندو ڪوڙ ڪڏهين مرتبي وارو يقين آهي
سچائيءَ جا فسانا عام کي اي دل ٻڌائي ڏس

هي باطل ڇا ڪندو مون کي اگر مان حقّ تي آهيان
سزا ڏي قيد ڪر يا دار تي گردن ڪپائي ڏس

تڪا تارا ڪري پورو سفر پنهن جو ڦٽيون باکون
وري هڪ نئين سحر سان هم نشين تون پيچ پائي ڏس

مڃيندو نيٺ "انور" هرڪو تنهن جي بي ريائيءَ کي
دکيل دونهي کي پڙڪائي ڪدورت کي جلائي ڏس

سنڌءِ تيرِ نظر بس توکي آ قاتل بڻائڻ ۾
نگاهہِ شوخ ڪافي آ مون کي گهائل بڻائڻ ۾

جنون ۾ هوش گم تي ويو مقامِ دل بڻائڻ ۾
ڏنو خود شوق پڻ روئي رهہِ منزل بڻائڻ ۾

نظر جو تير هڪ منهن جي جگر جان دل ڦٽي نڪتو
ڪمال آهي ڪيو قاتل مون کي بسمل بڻائڻ ۾

ڇڏي گرداب ۾ ڪشتي ملي پُرجوش طوفان سان
تيس مصروف موجن کي لبِ ساحل بڻائڻ ۾

نہ آئي بت پرستيءَ ۾ ڪڏهن ييي ياد ڪعبي جي
گذر تي زندگي ساري بتِ باطل بڻائڻ ۾

لڳو طوفان پُر آشوب بحرِ عشق ۾ آهي
اِهو طوفان خود تيو مهربان ساحل بڻائڻ ۾

هي داغِ هجر آخر تي ويو ناسور الفت جو
"مزو آهي مهہِ نوکي مهہِ ڪامل بڻائڻ ۾"

ملي محبوب تو ليڪن طلب ڪامل هئڻ گهرجي
وصال آسان آ پر قلب کي سائل بڻائڻ ۾

نہ پڇ تون عشق جي ناڪامين جو حال اي همدم
حياتي صرف تي اُميد کي حاصل بڻائڻ ۾

مٺي محبوب جي مخمور نيڻن جو خمار آهي
تيو "انور" کي اڄ مدهوش لايعقل بڻائڻ ۾

سوا توکان ستارن جي حسين محفل اداس آهي
شبِ فرقت ۾ اڄ ارض و سما جي دل اداس آهي

هي مقتل گاھ ۾ گردن اوهان جي لطف جا طالب
پياسو دستِ جانان خنجرِ قاتل اداس آهي

سخيءَ جي بي رخيءِ اڄ انتها درجي کي پهتي آ
درِ داتا تي هي منّت ڪشِ سائل اداس آهي

ڇڏي رهبر ويو وچ ۾ سڃي سڄ رڻ ۾ رولي اڄ
ڏهي ويا نقش پا ۾ رهروِ منزل اداس آهي

ٽٽي ڪشتي ملاحن تيون وڃن گرداب ۾ خوشيون
ڏسيِ خون تمنّا اڄ لبِ ساحل اداس آهي

سوز سڪ جا موڙ ڀڏبا بيقرارن جي قريب
ياس و غم سينگارجن ٿا سوگوارن جي قريب

نااُميدي نيٺ آٽيندي اُميدون لک هزار
جي سهارو تو گهرين وڃ بي سهارن جي قريب

پاڻ ڏوري پاڻ لهہ ڀي تي نہ ڪرڪو پروسو
ماڳ ملندو ڪونہ توکي رهہ گذارن جي قريب

هٿ ٻڌي گوڏا جهڪائي پو ڪجن سجدا پلي
"ڪنهن بهاني ساڻ وهجي قربدارن جي قريب"

لڙڪ پنهنجا ڀِي چڏيم سڏڪا بہ پٽر تي ويا
دردِ دل آ مون لڪايو دل جي پارن جي قريب

ميرِ محفل بنجي پائين مرتبو اهڙي طرح
جئن رهي تو آسمان ۾ چنڊ تارن جي قريب

هي صحيح آهي تہ پتين کي بہ آهن ڪن تيا
هر هميشه گفتو ڪيجي رازدارن جي قريب

ضبط و غم کان لڙڪ لارون تي وهن ٿا بي خطا
نيٺ ايندا ڪيئي طوفان آبشارن جي قريب

تون اجا آهين نئون ۽ ڪيف کان نا آشنا
گوڏو گوڏي سان گڏي وهہ ميگسارن جي قريب

هجر جا سڀ داستان ٿيندا ويا آخر طويل
سور ۽ صدما وڌيا بي اختيارن جي قريب

ڪوڙا وعدا دم دلاسن ۾ ويا دلبا وڌي
ڪيڏا دوکا کائڻا پيا اعتبارن جي قريب

تنهنجي ڳولا ۾ پلي ڪيئي جنم گذري وڃن
تو جئي "انور" سدائين انتظارن جي قريب

شاعري پلجي وئي ۽ سرخوشي ڳولي لڌم
زندگي جي فلسفي ۾ زندگي ڳولي لڌم

ڪوڙ کي پڌرو ڪري آخر اجاريم سچ کي
ظرفِ دل سقراط جان اچ زهر پي ڳولي لڌم

روشني ٻوڙي ڇڏيو پوري طرح سارو سماج
رات جي اونده ۾ نئين روشني ڳولي لڌم

دار تي دانسته لٽڪائي ڇڏيم هرڪا بَدي
نور جي نيڪي نهايت برتري ڳولي لڌم

داستان منهنجي اڳيان بيسود ۽ بيڪار ٿيا
لفظ جي مفهوم ۾ هڪ رهبري ڳولي لڌم

شامون ڪاريون ڏسندي ڏسندي صبح ڪارا مون ڏٺا
رتّ جي ريٽاڻ ۾ سرخي نئي ڳولي لڌم

برج منهن جا تا رهن هر وقت اي دل خنده زن
نيڪ ساعت جي نصيباً جنتري ڳولي لڌم

دوستن نادان بنجي موت کان اڳ ماريو
نڪته دان دشمن ۾ آخر دوستي ڳولي لڌم

شهر سارو گهر گهٽي "انور" مخالف تي پيا
شخص هڪڙي جي نظر سان شاعري ڳولي لڌم

شام و سحر جيون تا جيارا ڏسي ڏسي
حسن و جمال وارا پيارا ڏسي ڏسي

اُف! حسنِ بي نقاب نگاهون قيامتون
بيتاب دل تي ڦٽڪي نظارا ڏسي ڏسي

راهِ وفا ۾ هي به وڏو آهه حادثو
ڪشتي تي غرقِ آب ڪنارا ڏسي ڏسي

وعده شڪن نه آيو نه تي پوري آرزو
گذري ته رات ساري ستارا ڏسي ڏسي

موجود آ شراب ۽ محفل متل مگر
ساقي تيو بخيل اُجارا ڏسي ڏسي

بندش رئڻ تي آهه ۽ پهرو ڪڇڻ تي پيو
سڏڪن ڏنو آ سات ڏڪارا ڏسي ڏسي

تيندو رهيو اُتي جو اُتي قتلِ عام اڄ
سيني جا شوخ شنگ منارا ڏسي ڏسي

ڳوڙها ڳڙيا ڳلن تي رني ڪهڪشان به آهه
تارا ويا لڙاتجي تارا ڏسي ڏسي

مقتل ۾ جشنِ عيد ملهايو پيو وڃي
تڪميلِ آرزو جا سهارا ڏسي ڏسي

پيرن پٿون پيون ۽ تڪا نيڻ منتظر
واٽون هزار پنڌ ۽ چارا ڏسي ڏسي

"انور" مرڻ محال جيڻ چڻ تہ مسئلو
هُن نازور جا مست اشارا ڏسي ڏسي

شان شوڪت آبرو نيلام تيندي تي وڃي
هر مسرّت خوگرِ آلام تيندي تي وڃي

آفتابِ پارسائي تي رهيو آهي غروب
هلڪي هلڪي روشني ۾ شام تيندي تي وڃي

روئي تي پاسو وئي انسانيت تشويش ۾
رفته رفته زندگي ناڪام تيندي تي وڃي

هر فريبي هن جهان ۾ تو گذاري شان سان
۽ صداقت هڪ خيالِ خام تيندي تي وڃي

تي وئي رخصت شرافت خون عزّت جو تيو
بي حيائي ۽ رذالت عام تيندي تي وڃي

گنهگارن جا تين تا پاسبان بالڪل گهٽا
۽ تباهي قوم جو انجام تيندي تي وڃي

رشوتين جو مان آهي ظلم تي ويو سر بلند
هر تمّنا زر بدولت رام تيندي تي وڃي

تا شريفن کي متائن قوم جا اڳواڻ تي
رهزني اڄ بندۀ بي دام تيندي تي وڃي

نڪته دان ڪوئي نه آهي جاهلن جو جاه تيو
انجمن شعر وسخن بدنام تيندي تي وڃي

ڪفر تي اهلِ جهان کي آهه "انور" فخر و ناز
بندگي گويا برائي نام تيندي تي وڃي

شايد نہ ڏٺو آھہ تو قاتل جي نظر کي
مظلوم جي معصوم دل ۾ اُن جي اثر کي

آباد رهي منھن جو چمن شاد رهي دل
پڃري ۾ نہ ڀيو چاھہ آ بي بال ۽ پرکي

بيزار نہ تي يار تصوّر جي جھان کان
"طي چشم زدن ۾ ڪجي صد سالہ سفر کي"

اندازو لڳائي تہ ڏسو دل جي صحن ۾
پاليو تہ اتم برق جي ھر شعلہ و شرر کي

ھر بار جھڪي يار جي در تي تو جنون ۾
ڪيڏو نہ رهي ناز تو شوريده سر کي

اڄ رات خدا لڳ رهو خاموش سيئي
پيغامِ صبا ڏيج ھي مرغانِ سحر کي

(نامڪمل)

عجيب طرح سان اي يارو هنن سان پيار ڪيم
ڏسي سگهن ۾ رهو ڏک ڏکن سان پيار ڪيم

جفا قبول ڪري دوستن سان پيار ڪيم
دغا جو دؤر ڏسي دشمنن سان پيار ڪيم

خمار لاءِ شراب ِ ڪُهن سان پيار ڪيم
سگهي پئي نه رهو مئڪشن سان پيار ڪيم

ڪنين جي ڪاڻ ڪيڏي ڪاڻ مون گهٽن جي گهٽي
گلن جي عشق ۾ قاسي ڪنڊن سان پيار ڪيم

لڳائين ڪفر جي فتويٰ تو ڇو ٽون مونتي يلا
قصور آهه اِهو جو بتن سان پيار ڪيم

خودي هي منهن جي نه منصور جيئن ٽي مات سگهي
متائي پاڻ کي دارو رسن سان پيار ڪيم

نجوم ِ شب نه ڏنو سات انتظار ۾ جيئن
چراغ ِ دل جا جلائي ڦٽن سان پيار ڪيم

بهار ۾ نه رهو پيار مون گلن سان ڪيو
خزان ۾ خاڪ پنن ۽ ڪکن سان پيار ڪيم

جنون ۾ چاڪ ِ گريبان ڏسي ڪلي مون ڏنو
گلي لڳائي انهيءَ پيرهن سان پيار ڪيم

ڪيائون مون تي جفائون وفا شعار مجي
مگر وري بہ اُنهن بي وڙن سان پيار ڪيم

رخِ صبيح تي پردو وڌو تي ناز سان جن
اُنهن حسين حنائي هٿن سان پيار ڪيم

ڪمال منهن جي وفا جو تہ ڏس خدا جو قسم
جفا شعار جي آهن اُنهن سان پيار ڪيم

فريبِ راهہ ڏنائون مگر خبر نہ پئي
قدم قدم تي رکو رهزنن سان پيار ڪيم

سڪونِ دل جي ڪري چو طرف تلاش تڪس
خوشي خوشي سان جنون ۾ غمن سان پيار ڪيم

بجز فراق تہ "انور" کي ڪجهہ ملي نہ سگهيو
ستم عذاب ۽ رنج و محن سان پيار ڪيم

## غزل در غزل

عشق صادق تي افتخار ڪبو
پنھنجي لغزش تي انحصار ڪبو

لذتِ درد ساڻ پيار ڪبو
پاڻ کي ئي ستم شعار ڪبو

اضطراريءَ کي زير بار ڪبو
پنھنجي خوشين کي باوقار ڪبو

جام و مينا کي ڪين ڌار ڪبو
پاڻ پي توکي ميگسار ڪبو

تنھنجي دل ۾ گهڙي ڪري ديرو
تنھنجي خوابن کي شرمسار ڪبو

پنھنجي جذبن تي اعتماد رکي
پاڻ لئه توکي بيقرار ڪبو

هر طرح شانِ بي نيازيءَ سان
تنھنجي نخوت کي تارتار ڪبو

تنھنجي منصوبہ کي شڪست ڏئي
توکي مايوس بار بار ڪبو

ها! اگر هار تون مجين دل سان
پوءِ ماحول خوشگوار ڪبو

پنهنجو "انور" ڪري مجين جي تون
توکي دل ساڻ پنهن جو يار ڪبو

٥

تنهنجي ڳالهين تي اعتبار ڪبو
بي خطا باربار پيار ڪبو

نامرادن ڪي تار تار ڪبو
شادڪامن ڪي تابدار ڪبو

تنهنجي شڪوه ڪي اختصار ڪبو
لب لبن ساڻ هم ڪنار ڪبو

تنهنجي چوڙين ڪي نغمہ زار ڪبو
پنهنجي هستيءَ ڪي رقص بار ڪبو

دل ڪي جذبات ساڻ تار ڪبو
تنهنجي گلشن ڪي پُر بهار ڪبو

پوري دنيا ڇڏي ڏبي هڪدم
تنهن جو منشور اختيار ڪبو

نيٺ ڏسبو هلي وڃي ماڳين
"ڪيترو هن جو انتظار ڪبو"

خواهشون بار بار ضبط ڪري
آسمان کي بہ اشڪبار ڪبو

دستِ ساقي کان جو ملي وٺبو
زهر پيبو نہ اعتذار ڪبو

رسم منصور ۽ مسيح جيان
اهتمامِ صَليب و دار ڪبو

تنهنجي آغوش ۾ ڪري مهوش
تنهنجي زلفن کي شاخسار ڪبو

توکي ٻانهن ۾ کڻي بہ ڦاسائي
پاڻُ توساڻ مشڪ بار ڪبو

تنهنجي نيڻن ۾ گهر ڪري ويهي
توکي "انور" جو راز دار ڪبو

علم و ادب زبان جي روحِ روان جو خير
مخدوم سائين طالب محمّد زمان جو خير

گُهرجي سدا سين جي عزّ و امان جو خير
هر دوست مهربان جو نامهربان جو خير

قدرت جي ڪارنامي تي مون ڪلي چيو
برباد آشيان جو برقِ طپان جو خير

توبہ شڪن جواني محشر بپا نگاهہ
هر وار وار جو ۽ تير و ڪمان جو خير

ساقيءَ جو خير مئي جو ۽ مئڪشن جو خير
"خمخانہ جو قدح جو پيرِ مغان جو خير"

هر شام ميڪشن جي ٻڌجي اها صدا
خمخانہ جو قدح جو پير مغان جو خير

آيو نہ يار ليڪن همدرد رات تي
شمس و قمر ستارن ۽ ڪهڪشان جو خير

تابِ سخن نہ آهي درد و الم ۾ هاڻ
هن چشم اشڪ آلوده بي زبان جو خير

تنهنجي مقابلي ۾ ڪوئي حسين نہ آهہ
حسنِ بهار تنهنجو رشڪِ جنان جو خير

رئندي بہ رات ساري مونکي مليو سڪون
خندان هي درد هجران سوزِ نهان جو خير

ڏرتي هجي سهاڳڻ ڪونڌر سدا جين
اي سنڌ! تنهنجي مردن هر نوجوان جو خير

اي سنڌ! تنهنجا ماڻهو شل خوش رهن جين
مهراڻ تنهنجي موجن سيلِ روان جو خير

"انور" رهي دعاگو پروردگار وٽ
اي اهلِ بزم هردم سيني اوهان جو خير

عشق منهنجي آهہ توکي دلربا دلبر ڪيو
حسن تنهن جي آهہ مون کي عاشقِ مضطر ڪيو

نقش پا کي مون ڏسي سجدو اُتي اڪثر ڪيو
ها خدا جو سنهن تہ سڀ ڪجهہ يار جي خاطر ڪيو

منهنجي لڙڪن کي ڏسي هن بي رخي ڪئي اختيار
هُن جي آڏو پيش مون جئن لعل ۽ گوهر ڪيو

عابدن ۽ زاهدن جي پارسائي جئن کُلي
سر جهڪائي رهنما مون هڪ بتِ ڪافر ڪيو

ظلم ۽ تاريڪين جو نيٺ ڳوليم هي علاج
مون چراغِ دل جلائي پيار کي ازهر ڪيو

اُف! برهنہ حسن آڏو جيڪي هو لتجي ويو
”اڄ نگاہِ ناز دل ۾ هڪ بپا محشر ڪيو“

تو وفا عيوض جفائون هجر و غم پيهم ڏنا
مرحبا! محبوب تو جيڪي ڪيو بهتر ڪيو

مون جهڪي ڳوڙا ڇڇي تنهن جي سڄڻ ڪاڏي ڪٿي
مست نيڻن کي چمي بي ساختہ ساغر ڪيو

عشق ۽ ڳيرو؟ هتي سوليءَ سندو سودو ڪپي
تن ڪٽيو، ديدار لئہ جن سايئہ خنجر ڪيو

منهنجا سجدا پاڪبازي تي ويا بيسود سڀ
مون اجايو رهنما بي فيض هڪ پٿر ڪيو

روئي روئي ڪوئي سڏڪن جي سهاري تو سڏي
پنهنجي قدمن تي نظر پڻ اي ڪرم گستر ڪيو

محتسب ناصح اوهان کي ڪيف جي ناهي خبر
مئڪشيءَ لِء آه ساقي مون وجي رهبر ڪيو

چِشم خون تر، آه و زاري ءِ گريبان چاڪ چاڪ
هاءِ فرقت پيش ڪيڏو سخت تر منظر ڪيو

ماهرو! تو دائمي فرقت ڏني دل سان قبول
عشق تنهنجي نيٺ مون کي شاعرِ خوشتر ڪيو

زندگي ڀر مون غلامي آ قبولي اي حسين!
لک ڪرم جو تو اچي اڄ بهرور انور ڪيو

غارتگري ۾ قتل هويدا ٿئي پيو
سازش جو ڏوهه بالائي بالا ٿئي پيو

ويچارو سچ ڏجي ٿو ۾ ڪوڙ ڪلي پيو
چمچن جي ڪاڻ روز ڪو داتا ٿئي پيو

دوکو هزار بار اسان کي پيو ملي
مذهب فريب ۾ درِ پرده ٿئي پيو

تاريخ جو عجيب هي ڏسجي ٿو سانحو
انسان تہ ڇڏيو ذهن بہ اغوا ٿئي پيو

هت آ برو بہ آب جي خاطر سڪي پئي
”هن دورِ رُستا خيز ۾ چا چا ٿئي پيو“

جاڳو اُٿو ذرا رڳو همّت وڏائجي
هڪ انقلاب دهر ۾ پيدا ٿئي پيو

دل سان تلاش ڪنهن جي ڪرڻ آ ضرور هاڻ
دردِ جگر جو ڪوئي مسيحا ٿئي پيو

قاتل جتي هجي اُتي ڳولي ڪُهي ڇڏيو
مقتل نئون هتي ڪو مبادا ٿئي پيو

”انور“ اُنهيءَ کي ڪوبہ نہ خطرو رکڻ کپي
حامي جنهين جو طالبِ مولا ٿئي پيو

غمِ هجران ۾ اڪثر پيار جا افسانا ياد آيا
اوهان جا ناز ۽ انداز محبوبانا ياد آيا

ٿيون دشت و بيابان ۾ جنون کي عظمتون حاصل
اُتي پٽڪيل اڪابر عاقل و فرزانا ياد آيا

رکي پيرِ مغان سان محتسب آهي نئي ياري
جڏهن پنهن جا نه پنهنجا ٿيا تڏهن بيگانا ياد آيا

سندم سوچون نه ناقوسِ جرس ٽوڙيون نڪي بانگن
مگر مستن جا هر دم نعرئه مستانا ياد آيا

شبِ مهجور ۾ ٻاريسون شمعِ آرزو ليڪن
"جڏهن قربان ٿيڻو پيو تڏهن پروانا ياد آيا"

ڏٺي جو مندر و ڪعبي ۾ پوڄا مون بنھ ساڳي
خوشا قسمت! جبينِ عشق کي بت خانا ياد آيا

ڪجي ڪهڙو بيان بربادي ءِ دل جو سرِ محفل
ڪڏهن خسخانه ياد آيا ڪڏهن ويرانا ياد آيا

ڏسي برباد شهرِ آرزو ماتم ڪرڻ چاهيم
اُجاڙيا ظالمن ڪئن در چمن ڪاشانا ياد آيا

ستم جي حدّ ٿيندي آ هتي سهجي ته ڇا سهجي
سندم حسّاس دل کي درد بيتابانا ياد آيا

اسان موتڻ مڙڻ ڇاتو ڪڏهن ڪونهي حياتيءَ ۾
سرِ مقتل به دلبر جا ڪرم شڪرانا ياد آيا

اسان قاتل جي خنجر جو رکيو آ شان ۽ عزّت
لهو جي قطره قطره سان نوان نذرانا ياد آيا

جڏهن واعظ جي مسجد ۾ ٻڌم تقرير جوشيلي
تڏهن رندن جا هم صحبت ڪئين مولانا ياد آيا

رکي آغوش ۾ سرمرڪ تنهن جي ڪئن به پي ورتم
الا! اُن مهل مستيءَ ۾ لکين ميخانا ياد آيا

جهڪي تنهنجي اکيان جنهن دم نهاريم نوري نيڻن ۾
خدا جو سنهن ته مون کي مست ڪُن پيمانا ياد آيا

بوقتِ تنگدستي آشنا بيگانه مي گردد
لکين احسان پلايون پال ۽ يارانا ياد آيا

جڏهن صحرا نوردي تنهن جي "انور" رائگان تي وئي
تڏهن چاڪِ گريبان خسته رو ديوانا ياد آيا

غيرن کي عشق ۾ نہ کڏهن رازدار ڪر
وهم و گمان نہ تن جي اڳيان آشڪار ڪر

صدما سهي سهي نہ اکيون اشڪبار ڪر
تارن سان داغ دل جا نہ هرگز شمار ڪر

تڪميلِ عشق جي ۾ جنون اختيار ڪر
قدر و قضا سان پنهن جي رضا هم ڪنار ڪر

رهبر ڪرين تہ صرف تون گرد و غبار ڪر
پي ڪنهنتي راهرو! نہ ڪڏهن انحصار ڪر

جنهن دل کي پاليو مون گهٽي لاڏ ڪوڏ سان
ڪسجي وئي سا هاڻ نہ تون افتخار ڪر

بختِ زبون جي پاڻ کي قابل بنائي ڏس
سوزِ فراق يار ۾ دل بيقرار ڪر

محرومئہ نصيب! خوشين کي نہ ڳول تون
مشڪل ۾ ياس و غم تي نہ تون اعتبار ڪر

قيدي آهيان عشق جي تقصير ۾
قابو آهيان قرب جي زنجير ۾

ڏک ڏناسون گردشِ تقدير ۾
ڪم نہ آيو ڪوبہ فن تدبير ۾

دردِ دل حسرت هجومِ ياس و غم
ناهي پُرسان نالئہ شبگير ۾

واعظا! بيسود ٻڙ ٻڙ پيو ڪرين
ڪو اثر ڪونهي سندءِ تقرير ۾

عشق ۾ هر خواب اُلٽو ٿي ويو
هجر مليو وصل جي تعبير ۾

عشق هردم حسن آڏو ٿو جهڪي
حسن شادان عشق جي تسخير ۾

منهنجا سجدا بيوقوفي ڪين جاڻ
مون ڏٺو آهي خدا تصوير ۾

هڪ چميءَ ۾ جا ملي هئي بيخودي
"سا نہ لذّت آ شهد ۽ شير ۾"

لک اُميدون اڄ ڪٺي حاضر تيس
مان حضورِ حسنِ عالمگير ۾

تاب جيڪو تنهنجي نظرن ۾ ڏٺم
سو نہ آهي تير ۽ شمشير ۾

منهنجي ڪشتي توهہ تنهنجي تي تري
چاهي تارين يا ٻوڙين وچ سير ۾

سودي بازي چو اُصولن تي ڪجي
پل ڪٽي قاسي ملي تعزير ۾

جام و مينا سان شغل مون ڪي قبول
محتسب! چو تو وچين تفسير ۾

ڪوڙ ڪيسين فتنہ ور تيندو پلا
سرخرو تي سچّ جي اڪسير ۾

تو ۾ نخوت مون ۾ نوڙت ۽ نياز
فرق ڪيڏو تنهنجي منهنجي پير ۾

مون اجايو ويهي پٿر پوڄيو
فيض ڪونهي ڪو بت۔بي پير ۾

مست نظرن سان پياريندو اچي
آس آهي ميڪدي جي مير ۾

برق ڳڏري دل تي ”انور“ اوچتو
جئن نهاريم جلوهٔ۔تنوير ۾

كافر ادا جو نيٽ پرستار تي ويس
زلفن جي پيچ و خم ۾ گرفتار تي ويس

چانڊاڻ جي تلاش ۾ تڪجي ٿڪي ڪري
انجام ڪار سوءِ شبِ تار تي ويس

پڇرو پڳو هزار مبارڪ هي زندگي
آزادگي ۾ چڻ گل و گلزار تي ويس

پيتم مگر ڪُلي ۽ سرِ عام مست تي
مخمور چشم ساڻ مان هوشيار تي ويس

دلبر وفا وفا ۾ تو ڪيڏي دغا ڪري
ليڪن وفا ۾ آئون سزا وار تي ويس

سمجهايو دوستن پر آيو نه هوش ڪو
نادانُ بنجي هُن جو طرفدار تي ويس

جانان جي رخ تان زلفِ پريشان هٽائي اڄ
"والله بي گناهه گنهگار تي ويس"

هن دوستي ۾ روپ ڏنم دشمني سندو
ايفائي عهد هوندي خطادار تي ويس

دلبر جو ذڪر چاتو سدا مون عبادتون
اهڙي طرح سان لوڪ ۾ نروار تي ويس

هُن جي دغا فريب ڪُليا نيت ڪنهن طرح
ڏاڍو چڱو ٿيو جو خبردار ٿي ويس

جاٺي ٻجهي لٽائي ڇڏيم پنهنجو پاڻ کي
عشق ـ بتان ۾ دوستو ڇڙ ٻار ٿي ويس

اهڙو ٻه فيض ڪنهن کي تو مشڪل ملي سگهي
”انور“ نگاهِ نور سان انوار ٿي ويس

ڪڏهن اورانگهي در دلبر نہ آيو
بري قسمت جو بختاور نہ آيو

اها ساقيءَ جي بي انصافي چئبي
حصي منهنجي ۾ هڪ ساغر نہ آيو

دلاسا دلبريون ڏيئي قري ويو
مقدر منهنجي لئہ خوشتر نہ آيو

نزع جي وقت تيو خون تمنّا
دمِ آخر بہ هو ياور نہ آيو

کهاڻي نيٺ بنجي وئي حقيقت
"شبِ وعده بہ منهنجي گهر نہ آيو"

پيس قاسي مان راهِ عشق ۾ اڄ
جو منهنجو رهنما رهبر نہ آيو

کيا سجدا مون سنگ ِدر تي ليڪن
گهڙي ڪنهن لئہ بہ هو پٿر نہ آيو

مان ذڪرِ يار سمجهان تو عبادت
تيو چا پاڻ جي اختر نہ آيو

تماشائي لکين موجود هئا پَر
فسونِ ساز جادوگر نہ آيو

مريضِ عشق جي حالت ٻڌي هو
مسيحائي ڪرڻ خاطر نہ آيو

امامت پنهنجي ميخاني ۾ ڇوڙي
وري تي صاحبِ منبر نہ آيو

اِنهيءَ ڪان وڌ سيه بختي ڇا چئبي
وري ”انور“ سندو انور نہ آيو

ڪري بي خانمان مونکي جدا جڏهين صنم تي ويو
تباهي منهنجي قسمت تي ۽ لازم غم الم تي ويو

اچين ها منهن جي تربت تي ٻڌين ها ماجرا ساري
دفن ڪان پوءِ منهنجو حال ڇا اي محترم تي ويو

سکن ۾ تي وفائيءَ جا ڪنيائين سوَ قسم ليڪن
ڏکن جي مهل جئن آئي تہ ڪوڙو هر قسم تي ويو

ٻتن جا آيا پوڄاري تہ زاهد پڻ ڇڏي مسجد
خدا جو سنهن تہ بتخانو سڄو بيت‌الحرم تي ويو

سنڀالي پير رک پڙ ۾ هتي سر ڌڙ جي بازي آهہ
"جو آيو عشق جي مقتل ۾ اُنجو سر قلم تي ويو"

ڀلي ڪيڏو بہ شرمائين ڪرين پردو مگر هاڻي
جهان وارن جي دل تي داستان پنهنجو رقم تي ويو

هي شانِ دلبري سمجهان يا اندازِ تغافل آهہ
مان اڳتي تو وڏان تنهن جو مگر پٺتي قدم تي ويو

نزع جي وقت آهي چوطرف هنگامئہ مايوسي
مسيحا! تون خدا لڳ اچ لبن تي منهن جو دم تي ويو

پيڻ! وارا جڏهن آيا تہ ناصح پڻ نچڻ بيٺو
رندن جي قرب ۾ مومن جو ايمان پڻ عدم تي ويو

تون پنهنجي هر خوشي تي ناز پل ڪر هاڻي اي "انور"
رقيبِ روسيهہ جو بخت بس رنج والم تي ويو

ڪري سينو سپر زلفِ دوتا کي آزمايان پيو
سهي ظلم و ستم قدر و قضا کي آزمايان پيو

محبت ۾ صداقت آشنا کي آزمايان پيو
وفا پنهنجي سندءِ جورو جفا کي آزمايان پيو

نيازي سان سندءِ ناز و ادا کي آزمايان پيو
خدا جو سنهه تہ بختِ نارسا کي آزمايان پيو

اکين جا لڙڪ ڇپرن کان ڇڄڻ لئہ بيقرار آهن
مگر مان ضبط ۽ صبر و رضا کي آزمايان پيو

شبِ آخر ۾ هن وعده شڪن کان نيٺ ٿي مايوس
ڪٽي هٿڙا مان تاثيرِ دعا کي آزمايان پيو

ڇڪو تورو ملي من هن اُجايل کي عنايت سان
درِ مئخانہ ساقي جي سخا کي آزمايان پيو

ڇڄي ڌاڳو جدا ٿيندو اِهو آهي يقين ليڪن
بقا جي عشق ۾ دؤرِ فنا کي آزمايان پيو

سڪونِ دل ميّسر ڪين ٿيو جڏهين تڏهن هاڻي
جنون ۾ دوستو دشت و بلا کي آزمايان پيو

اوهان جو در ۽ منهنجو سر اوهان جي بي رخي تسليم!
جفائون سڀ سهي پنهنجي وفا کي آزمايان پيو

رڳو صدما سهڻ سان مون به پوري آ ڪئي ليڪن
اوهان طرفان ستم جي انتها کي آزمايان پيو

نظر بيباڪ، هٿ گستاخ ۽ جذبات جو طوفان
شب ِ اول ۾ هر شرم و حيا کي آزمايان پيو

گريبان وار، سر، پٿر، فغان، فرياد ۽ وحشت
جنون ۾ اڄ الائي ڇا جو ڇاکي آزمايان پيو

خدا ڄاڻي ته ٿيندي انتها ڪهڙي مگر "انور"
محبت جي اڃا مان ابتدا کي آزمايان پيو

ڪري قهر تنهن جي اشاري ڇڏيا
ڪئين مير مانجهي ٻہ ماري ڇڏيا

اسان بحرِ اشڪن مان اڪثر ڪري
ڪئين دل جا ٻيڙا اُڪاري ڇڏيا

اسان عمر ساري اميدون رکيون
اوهان قول پنهنجا وساري ڇڏيا

سراپا حسين بنجي محفل ۾ اچ
"سچڻ وار پنهنجا سنواري ڇڏيا"

وڃو تا مگر هي ٻڌايو اوهان
هي مظلوم ڪنهنجي سهاري ڇڏيا

ڏني سون ڪرڻ ڪين اونداهہ پر
ڏيا خونِ دل جا ٻہ ٻاري ڇڏيا

جي موجن ۽ گرداب کان پوءِ تا ڪن
اسان اهڙا ڏٺا ڪناري ڇڏيا

ڪياسون حياتيءَ جا سودا سدا
سرِ دار ڪيئي جياري ڇڏيا

شبِ مختصر ئي سهي دوستو
سچڻ وعده پنهن جا ٻہ پاري ڇڏيا

اصولن تي سودا نہ هرگز ڪيم
ڏکن جا مگر ڏيل ڏاري ڇڏيا

سهي ظلم يارن جا سيني سپر
هي لمحا بہ "انور" گذاري ڇڏيا

ڪرين جي زندگيءَ ۾ تون عنايت جي نظر ساقي!
خزان منجي بهاري ٿئي خوشي ٿئي راهبر ساقي!

جبينِ شوق کي دربان تنهنجا ڪهڙو روڪيندا
پريل تون خون سان ڏسندين ڪٿهن هي سنگِ در ساقي!

ٻڌي هٿڙا گذارش مون ڪئي اڄ انڪساريءَ سان
صدا منهنجي اوهانجي در تان موٽي بي اثر ساقي!

بخلِ ڪم ڪين آيو جنهن پيالو تو ڀڳو منهنجو
ته اُن جو هرڪو قطرو ٿي پيو لعل و گُهر ساقي!

هلي آغوش ۾ آ تون پري ڏي جام الفت جو
قريب آهي سحر ۽ وقت آهي مختصر ساقي!

پري ڏي بادهٔ رنگين ته تنهنجي ياد قائم ٿئي
سرور و ڪيف ٿيٽو آهه منهنجو هم سفر ساقي!

ڪٺي جي دستِ نازڪ سان تون پيمانو پيارينديں
ته ٿيندين هِن جهان ۽ هُن جهان ۾ نَامور ساقي!

هي منهنجي بيخودي چئجي عقيدت يا محبّت آهه
رهان ٿو منتظر تولاءِ مان شام و سحر ساقي!

دل ِتاريڪ روشن تي وڃي تي برملا منهنجي
ڏسان جڏهين پيالي ۾ تو مان عڪس ِقمر ساقي!

گلن جي مست خوشبو ۾ ۽ بلبل جي تراني ۾
رهي پنهان تي تنهنجي آرزو اي ديده ور ساقي!

اهو منهنجو ئي حق آهي ڀري ڏي جام مونکي جو
گهٽي مشڪل سان تنهنجو مون لڏو آهي تہ در ساقي!

جگر جا داغ ويا ناسور بڻجي تنهنجي فرقت ۾
سوا تنهنجي نہ منهن جو آهہ ٻيو ڪو چاره گر ساقي!

پيارين تو ڇڏي مونکي عدو کي روبرو منهنجي
پلا تنهنجي رهيل آ ڇا اجا ڪائي ڪسر ساقي!

سحر تائين پيالن تي پيالا تو پياريا پر
نگاه ِچشم سان باقي مون کي مدهوش ڪر ساقي!

رڳي هٿ خون منهنجي مان ڪرين رسوا بہ مونکي تو
سنڌ ۽ ظلم و ستم کان ناهہ "انور" بي خبر ساقي!

ڪن ڪي انديشو سدائين آهه اغيارن منجهان
مون ڪي خطرو آهه هردم پنهنجي دلدارن منجهان

آزمائي آزمايم ڪجهه نه تيو پيارن منجهان
دشمني ويتر وڌي ياري وئي يارن منجهان

مان نه آهيان مئي جو طالب ۽ نه مئخوارن منجهان
مان ته آهيان چشم ساقيءَ جي طلبگارن منجهان

امتحانِ عشق ۾ سو ڪيئن نه ٿيندو ڪامياب
جنهن سڏايو حسنِ جانان جي پرستارن منجهان

ڪين ڏي دڙڪا جدائيءَ جا محبت ۾ صنم
پيار ۾ هيءَ دل اچا آ نو گرفتارن منجهان

پل هٽي تيرِ نظر مشقِ ستم مون ڪي بناءِ
تون سراپا ناز آئون ناز بردارن منجهان

مصر جي بازار ۾ عشقِ زليخا ڪان سوا
ڪير هو پيو حسنِ يوسف جي خريدارن منجهان

تنهنجي منهنجي پيار ۾ ڪيڏو نه آهي فرق ٿيو
"تون جفا ڪارن منجهان ۽ مان وفا دارن منجهان"

داغِ دل داغِ جگر تي جن ڪي آهي پروسو
تن ڪي ڇا تسڪين ايندي چنڊ ۽ تارن منجهان

زندگي شام ۽ سحر جي فڪر ۾ گذري وئي
پر نہ مون اُميد لاٿي زلف و رخسارن منجهان

دشمني ڪن ٿا جي "انور" دوستيءَ جي آڙ ۾
فائدو ٿيندو نہ ڪجهہ اهڙن سيه ڪارن منجهان

ڪنهن بي ضمير سان نہ ڪڏهن دوستي ڪجي
ڪم ظرف سان نہ پلجي بہ وابستگي ڪجي

ڪنهن دوست جي نہ ڪاج ۾ ڪنهن پريگي ڪجي
جيڪي پڇي سگهي تہ سچو تي سچي ڪجي

ڪسجي ويو قدح ۽ صراحي تي سجده ريز
ساقي بغير ڪهڙي طرح ميڪشي ڪجي

جيڪي بہ ڪالهہ هو سو اسان آڏو اڄ بہ آهہ
جمهوريت جي ڳالهہ ڪجي ڪئن وري ڪجي

چئني طرف ڏسون تا تہ ظلمت جو راڄ آهہ
"داغِ جگر جلائي نئي روشني ڪجي"

پردو رکي ستم تي تو ذڪرِ ڪرم تئي
ڪيڏي تي سادگي سان ستم پروري ڪجي

اي سنڌ! تنهنجي سونهن ۽ سرهاڻ تان نثار
تنهنجي نہ ڪنهن بہ ملڪ سان ڪا همسري ڪجي

جيڪو تو سنڌ لاءِ ڪري قيد و بند قبول
اهڙي خليق دوست جي خدمت دلي ڪجي

"انور" غلام سنڌ جو سنڌي عوام جو
قربان ٿيندو سنڌ مٿان خاطري ڪجي

ڪنهنجي ڪنهنجي دل جو اڄ ڪله ڪير تو دلدار ٿئي
حسن گم سم عشق ۾ جذبن جو تو آثار ٿئي

دوست جيڪو سوئي دشمن پاڇو پاڇي کان پڇي
چڻ قيامت کان اڳي تو اهڙوئي اقرار ٿئي

منهنجي ڌرتي سون ورني جڳ ۾ سڏجي دوستو
پر ڪپي قوت جي دولت جنهن سان ٻيڙو پار ٿئي

ڪيس ڪيڏو ڪوس ڪهڙو رت ڦڙا هيرا تين
اُپي تو ڦاٽي پونء ڌڙڪي سُن سڄو سنسار ٿئي

ڪاله هو ڪوئي چڙهيو سولي مٿي مرڪي ڪلي
ڪير آهي جو اچي عزّو وقارِ دار ٿئي

مان ڪٿان آيس ڪهي اي دوست تنهن جي در مٿي
اڄ نقابِ رخ هٽائي ڇڏ ته ڪو ديدار ٿئي

جهڙا تهڙا ڪئن پڇن هن عشق جي اعزاز کي
حسن آڏو هر قدم تي مرد ڪو سرشار ٿئي

چنڊ تارا جرڪي جرڪي پل رسن خواهش اتم
آرزو ۾ اِن طرح تو جذبو جذبو تار ٿئي

ڪوششن سان ڪوئي تيندو فڪر و دانش جو امام
هي هجي يا هو هجي "انور" پلي وينجهار ٿئي

ڪنهن کي ڏيڻ ميار مناسب نٿو لڳي
تڪرار بار بار مناسب نٿو لڳي

تي اشڪبار هجر ۾ آه و فغان ڪري
جڳ ۾ تجي خوار مناسب نٿو لڳي

وعدا ڪري تو اُن کي بہ ڪجھ آزمائجي
شڪ جو تيڻ شڪار مناسب نٿو لڳي

صحرا کي گلعذار ڪري چاڙجي مگر
اُت چاهت بهار مناسب نٿو لڳي

دارو رسن جي چاهہ ۾ قدر و قضا قبول
قسمت کي داغدار مناسب نٿو لڳي

دلبر وفا ڪري نہ ڪري خود وفا ڪجي
دنيا تي آشڪار مناسب نٿو لڳي

خود دار تي گذارجي ڪيجي نہ ڪنهنجي ڪاڻ
"هر ڪنهن جو انتظار مناسب نٿو لڳي"

ڪنهن غرض مند جي بنا مطلب ڪجي مدد
تورا ڪرڻ شمار مناسب نٿو لڳي

مطلب پرست يار کان پاسو ڪرڻ ڪپي
اهڙي سان راز دار مناسب نٿو لڳي

جيڪي سڏن ٿا پنهنجو اُنهن سان نڀائجي
غيرن تي اعتبار مناسب نٿو لڳي

هر دردِ دل لڪائي ڪجي هن جو انتظار
لڙڪن تي انحصار مناسب نٿو لڳي

تو عمر ساري مون کي سڪايو تي ديد کان
پردو سرِ مزار مناسب نٿو لڳي

هجر و فراق ۾ ئي گذاريندين روز شب
الفت کان پوءِ قرار مناسب نٿو لڳي

هن جي جفا تي اَشڪ وهائي ٿيڻ خوار
"انور" وفا شعار مناسب نٿو لڳي

کنهن نامراد دل جي اگر دل قريب آهه
سمجهو تہ زندگيءَ جو تزلزل قريب آهه

اي موج! موج ۾ نہ اچي امتحان ۾ چڏ
طوفان قريب آهه ۽ ساحل قريب آهه

همّت وجائي پنهنجي نہ بدنام ڪر وفا
هل بيقرار جادهءِ منزل قريب آهه

مايوس زندگيءَ ڪان اچي مان تيس مگر
پل تون بہ ڏي دوا دمِ بسمل قريب آهه

ڪوشش ڪيان تو ڪيڏي نہ آسان ڪڏهن تيو
مشڪل اهو تہ آهه جو مشڪل قريب آهه

هيءَ زندگي خيالِ غمِ يار ۾ رهي
هن آرزو جي "انور"ِ بيدل قريب آهه

ڪئن شمع جي جلن تا پروانا آس پاس
قسمت ڪان بي خبر هي ديوانا آس پاس

صد چاڪ ڪن گريبان سوزِ فراق ۾
وحشت ۾ تا قرن هي مستانا آس پاس

دل پيش مون ڪئي پر ڪنهن شوخ ظلم ڪيو
پڪڙي ويا وفا جا نذرانا آس پاس

ايڏي نه ڪر تون سختي هيڪر ته ڪر وفا
مشهور تي ويا ڏس افسانا آس پاس

مان هت مران پياسو تنهن جي ئي آسري
ڪنهنکي تو تون پيارين پيمانا آس پاس

ڪيڏو ڪمال مون کي حاصل جنون ۾ تيو
شاهد رهن تا منهن جا ويرانا آس پاس

تنهنجو ئي گهر مون چاتو قابل نماز جي
آهن هزار بيا پيي بت خانا آس پاس

اي برق! ڪر تون همّت برباد ڪر سيئي
آهن ٻه چار باقي ڪک ڪانا آس پاس

برباد دل ڪري تو سهڻن جو سوزِ عشق
"انور" رکو نه پرتيا بيگانا آس پاس

لبِ منزل ويو منهنجو متاعِ ڪاروان لُٽجي
نگاهن ئي نگاهن جي اڳيان ويو بي گمان لُٽجي

مون بت خاني ۾ جنهن دم پير پاتو اي بتِ ڪافر
سندم ايمان اُن دم ئي ويو ايمان سان لٽجي

وجي ڪنهن پر نہ ڪنهنجي آرزوئي دل سرِ محفل
نصيبِ دشمنان لٽجي بہ لطفِ دوستان لٽجي

خزان جو خوف ڪريان مان ڀلا ڪهڙو بهارِ دل
بهارن ۾ ئي منهنجو آ جڏهن ويو آشيان لٽجي

(نامڪمل)

لڙڪ لارون تي وهن تا دورِ هجران ڏس اچي
وحشتِ جوشِ جنون ۾ چاڪ دامان ڏس اچي

منهنجي جذبن ۽ وفائن ۾ رڳو اهي خلوص
پرڪِ بيشڪ تورو ويجهو منهنجي پرسان ڏس اچي

تون ڀ تون آهين مگر منهنجي خودي خوددار آهه
تو ٻنهي مان ڪير پاري عهدو پيمان ڏس اچي

وقت هو جو ڏاڪ منهنجي عظمتن جي هئي مگر
حسرتون اڄ برمزارِ ما غريبان ڏس اچي

سنگِ در سان سر کي ٽڪرائي فروزان ٿيو لهو
منهنجو معبد منهنجو سجدو منهنجو ايمان ڏس اچي

جوش وحشت، آه وافغان، خاڪ بر سر، چشم تر
"ڪئن تي گذري تو بنا شامِ غريبان ڏس اچي"

دارُ جو سينگارجي تو اُن کي بي معنيٰ نہ چاڻ
ڪو لڳائي سر جي بازي تيندو قربان ڏس اچي

آ ذرا اوري صنم اوري اچا اوري تہ آ
ڪيڏو سيني ۾ اٿم پوشيده طوفان ڏس اچي

منهنجي لغزش سان تون رب‌العالمين سڄين تہ تو
دادلي تنهنجي ڪئي دنيا بيابان ڏس اچي

مون تہ پيتو مان پيان پيو پيبو رهبو تاحيات
زاهد و ناصح پين پيا گڏجي مون سان ڏس اچي

مونکي ڪافر تو سڏين ڪافر سهي اي محتسب
صحنِ مسجد ڪنهن بنايو بزمِ رندان ڏس اچي

فهم ۽ ادراڪ راهِ عاشقيءَ ۾ بي اثر
ڪئن تين پيا پيار ۾ دانا بہ نادان ڏس اچي

بسم لاهيون اچ هتي "انور" سوا ٻيو ناهہ ڪير
تنهنجي يادن سان ڪيو اتم گهر چراغان ڏس اچي

لڳائي توسان دل مجبور ٿياسون
هميشه لئہ سڪن ڪان دور ٿياسون

نگاهہِ حسن ۾ منظور ٿياسون
جنونِ عشق جا مشڪور ٿياسون

ڪٿي اي دل سراپا نور ٿياسون
ڪٿي ليڪن شبِ ديجور ٿياسون

رکي دل ۾ نہ سگھياسون حقيقت
تڏهن بي ساختہ منصور ٿياسون

اوهان جي مست نيڻن مان اي ساقي
"شرابِ عشق پي مخمور ٿياسون"

ٿئين نازان تون پنهن جي حسن تي پر
اسان هن عشق تي مغرور ٿياسون

نصيبِ زار باعث هم نشينو!
حزن ۽ ياس سان معمور ٿياسون

لڳائي نينهن جو نعرو ۽ لنئہ لائڻ بہ مشڪل آهہ
عمر ڀر عشق ۾ فرقت پلئہ پائڻ بہ مشڪل آهہ

نہ ڏي هرهر مون کي سهٽا فريب ديد الفت ۾
ڪرين وعدو وفائي جو مگر پارڻ بہ مشڪل آهہ

نہ ٿيندو هاڻ ديوانو متاثر ڪنهن نصيحت کان
جنون عشق ۾ صحرا چڙي موٽڻ بہ مشڪل آهہ

هي راز عشق افشا ڪين ٿي سگهندو ڪڏهين مون کان
دکايل درد جو دونهون وري ٻارڻ بہ مشڪل آهہ

ويو ٿي ميڪده سان اُنس اهڙو آهہ رندن جو
چڙي ديوار ميخانا پري ڀڄڻ بہ مشڪل آهہ

ڏکا ڏوما سوين ڪاڏم سنمر سختيون زماني جون
مگر هن راهہ الفت تي وهڻ ٽڪجڻ بہ مشڪل آهہ

اَڏيءَ تي سر رکي ايندو نہ هر گز دل ۾ ڪو ڦيرو
نگاهہ يار جي اڳيان ذرا ڦتڪڻ بہ مشڪل آهہ

لڪائي لوڪ کان لالڻ جي لوري ۾ وفائيءَ سان
ستارن سان سڄيون راتيون سلڻ اورڻ بہ مشڪل آهہ

اهو هو راز قدرت جو رلايو جنهن هو سسئيءَ کي
پنهل خاطر جبل جهاڳڻ رلڻ گولڻ بہ مشڪل آهہ

ڇڏي پنهنجو وطن ڪوئرو چنيسر جي ٻٽي داسي
ڏئي هڪ هار هيرن جو ستل ماڻٽ بہ مشڪل آهہ

ڏسي گرداب جون موجون مون طوفان سان رکي ياري
ٻڏل ڪشتيءَ جو ساحل تي وري پهچڻ بہ مشڪل آهہ

نہ سولو آهہ سودو عشق جو دنيا ۾ اي انور!
فراقِ يار ۾ هرهر هنجون هارڻ بہ مشڪل آهہ

لڳي بادِ خزان اهڙي صلح جا سڀ چمن بگڙيا
گلن جا ٻوٽا ڪومايا وڻن ۾ پن ڪان پن بگڙيا

بوقتِ تنگدستي آشنا بيگانہ مين گردد
صراحي چون شود خالي ائين پنهنجا وتن بگڙيا

ستارن روشني پنهنجي ڏيڻ ڪان نابري واري
رفيقِ زندگي بگڙيا شريڪِ انجمن بگڙيا

صلاحّيت وئي گم تي سياست ڪانہ ڪم آئي
جڏهن بگڙڻ تي آيا داغ ڏيئي دل بدن بگڙيا

تيا پنهنجا پراوا ۽ پراوا جان جا دشمن
نہ ڪنهنجو ڪير ڪو ساتي سيئي دارو رسن بگڙيا

الاهي ڪهڙو طوفان هي اچي پهتو زماني ۾
ٻچا ۽ ٻار پيءُ پٽ ماءُ يائر مردوزن بگڙيا

لڳي ڪلفت جي اهڙي باهہ الفت جي نشيمن ۾
سڙي تيا خاڪ سڀ گهرڙا گلستان ۽ چمن بگڙيا

شرافت ساڻ جن پنهنجا پرايا تي ملايا سي
وطن ڪان اڄ رُسي آخر تہ ٻُڌجن تا وجن بگڙيا

هي زن جو فلسفو جنهن کي مفڪر ڪنهن نہ سلجهايو
انهيءَ تي نيٽ هي عالي حسب عالي زمن بگڙيا

اُهي جن تي وَهائي نهر ڪنهن شيرين جي خاطر
ڇڏي ڪئن تيشئہ فرهاد اڄ سي ڪوهہ ڪن بگڙيا

اها محمود واري ناهہ جرأت جانبازن ۾
بتن کان خوف کائي سر نمائي بت شڪن بگڙيا

مون سمجهيو جنکي پنهنجي قافلي جو رهنما "انور"
مگر قسمت! اهي ئي هاءِ بنجي راهزن بگڙيا

لوڪ ساري ڪان نياريون عشق وارن جون اکيون
چاهہ ۾ چريون خماريون عشق وارن جون اکيون

حسن جي نظرن سان جيڪي ڪربلائون تيون ٽين
سي سهن تيون قرب واريون عشق وارن جون اکيون

پير جانيءَ جا چمڻ لئہ تيون رهن آتيون سدا
يعني چرپڙ جون دلاريون عشق وارن جون اکيون

لک هجن خوشيون مگر محبوب ناهي پينگ تي
درد فرقت ڪان ڏکاريون عشق وارن جون اکيون

حسن جي درٻار ۾ هر هر اچي جهڪيو جهڪن
ديد جن جي ئي جياريون عشق وارن جون اکيون

بي خبر تي پاڻ ڦاسائي ٿمن تيون ماٺ ۾
قرب ۾ قيدي قراريون عشق وارن جون اکيون

راحتن کي ٻن وجهي تينديِ مبّرا هوش ڪان
هجر ۾ آهن اُجاريون عشق وارن جون اکيون

هي اکين جو آ ڪرشمو يا مقّدر جو ڪرم
بي گمان اڄ حسن ساريون عشق وارن جون اکيون

پاڻ پنهنجا آزمايا جن هزارن جي اڳيان
تن کي لڳيون ڪين ڏاريون عشق وارن جون اکيون

عمر ساري بيڪسيءَ ۾ سور سهندي تي گذر
دم دلاسن پئي ڏتاريون عشق وارن جون اکيون

جي ڏسن ٿي ڪي پٽي ڪانگن ڏجن بيشڪ اُهي
سرخرو آهن سچاريون عشق وارن جو اکيون

بي سبب جن ڪي اُدوليو ٿي ويو شام و سحر
حسن آهن سي اُجاريون عشق وارن جون اکيون

ٿيون اکيون قربان ڪجن ٿي ڪيف ئي سڌجن سدا
مرحبا "انور" پياريون عشق وارن جون اکيون

مان اکين سان هُت وڃان ها پر مونکي فرصت نہ هئي
دلربا جو منهن ڏسان ها پر مونکي فرصت نہ هئي

دست بستہ هن اکيان ظاهر ڪيان ها ماجرا
هن جي لئہ سڀ ڪجهہ ڪيان ها پر مونکي فرصت نہ هئي

آزمايل ڪي اچا پيي آزمائڻ تي گهريم
تنهنجي دعوت تي اچان ها پر مونکي فرصت نہ هئي

ڏس قضا ڪيڏو ڪيو آ قهر مون سان اوچتو
توکي سهٽا سارِيان ها پر مونکي فرصت نہ هئي

تو ڏياري موڪليو جو زهر قاتل جو وٽو
ماڪي سمجهي سو پيان ها پر مونکي فرصت نہ هئي

هاءِ منهن جي زندگي هيءَ تنهنجي اکيان اي سڄڻ!
سر جهڪائي دم ڏيان ها پر مونکي فرصت نہ هئي

راتيون روئي وِهائي مون ڇڏيون تنهنجي ڪري
سڪ ۾ سارو ڏينهن سڙان ها پر مونکي فرصت نہ هئي

پنهنجي حالِ بيڪسي ۽ وقت ماضي تي ڪٽي
ڪجهہ رئان ها ڪجهہ کلان ها پر مونکي فرصت نہ هئي

هن جهان جي دوستن کي آزمائي باربار
دوستيءَ لئہ سر ڏيان ها پر مونکي فرصت نہ هئي

بي وفا دنيا جي حالت کي ڇڏي هڪوار مان
نفس پنهن جو ماريان ها پر مونکي فرصت نہ هئي

موڪلائي ڪجھ قدم اڳتي هلي بي اختيار
خاڪ پيرن جي هجان ها پر مونکي فرصت نہ هئي

عشق کي هي حسن کان "انور" مليو آخر جواب
فاتحا لئہ هُت هلان ها پر مونکي فرصت نہ هئي

مان تيس عشق ۽ بتان ۾ دربدر چاهي يلا
آخري منزل ڪئي تم سنگ ِ در چاهي يلا

هرڪو تنهنجي لاءِ آهي منتظر چاهي يلا
اُت پياڪن ڪاڻ ساقي جام پر چاهي يلا

عشق جي اعزاز خاطر ڪيس ڪيئي تي ويا
ڪربلائن جان، ڪيم قربان سر چاهي يلا

شاه خاور! رحم توکي ڪونه آيو هاءِ هاءِ
وصل جي هي رات تي وئي مختصر چاهي يلا

عشق جي راهن ۾ راحت ڪجهه ميّسر ڪانه تي
درد دک مونکي مليا زادِ سفر چاهي يلا

عشق جي معراج جي اج رات آ ويجهو ته اچ
هاءِ! ايڏي بي رخي اي نازور چاهي يلا

عشق تنهنجي ۾ ويا تي جام سودائي مگر
تيو رڳو بدنام هي آشفقه سر چاهي يلا

سجده ريزي سان سڏائين پاڻ کي عابد وڏو
منهنجو ڪعبو بنجي ويو آهُن جو گهر چاهي يلا

ايرا غيرا لک وٺن پيا فائدا توکان مٺا
تو ڪئي منهنجي گذارش درگذر چاهي يلا

چشم ساقي جي پيالن مان پيان مخمور تيان
پل سڏن مونکي نتا جي ديده ور چاهي پلا

مست موسم کي ڏسي دل تي وئي آ مست مست
پر پيالو يَرَ وسي پيا هن ڪکر چاهي پلا

دل جي زخمن جا ڦٽا تيا خودبخود دل جو علاج
چاره گر "انور" ائين تيو جانبر چاهي پلا

متل دل ۾ رهيو مانداڻ آهي
اِهو اظهار توسان هاڻ آهي

پري توکان پلا ڪئن تي سگهان مان
لڳو زلفن جو مون کي ڏاڻ آهي

فراقِ يار باعث روز افزون
اکن ۾ موجزن مهراڻ آهي

ڪتي تو ڪير بازي آهه ڏسٽو
تي عقل و عشق ۾ ڇڪتاڻ آهي

سرِ دارو رسن پهچڻ ۽ مرڪڻ
وفائيءَ جو صحيح اُهڃاڻ آهي

گذاريان ياد جا ٻاري ڏيا مان
سندم سامهون رهيو پرياڻ آهي

پلا پاڻان پري ڪئن توکي ڪريان
ڏنو تو ۾ مون پنهنجو پاڻ آهي

خوديءَ ۾ وقت گهاريم زندگي ڀر
نہ ڪنهنجي ڪا ڪڏي مون ڪاڻ آهي

ڇمي تو چاهه مان خوشبو وني تو
نصيبن وارو سو ڀهراڻ آهي

عروج آهي اگر وحشت ۾ تنهنجي
پرين پڪ چاڙجان تو ساڻ آهي

نہ ڪو ٻيو هم سري هن سان ڪري ٿو
"سچڻ سهڻن سندو سرواڻ آهي"

زماني نيٺ مڃيو آهہ دل سان
تہ "انور" عشق جو اڳواڻ آهي

محبّت جي مني ٻولي هِتي ڪانهي هُتي هوندي
سڄڻ جو ناز ۽ شوخي هِتي ڪانهي هُتي هوندي

ٻڌي ڪو سوزشِ غم جو فسانو وقت سيڙائي
مگر اهڙي خدا ترسي هِتي ڪانهي هُتي هوندي

شعاعِ شمع تي هر هر تي پروانو فدا اي دل!
جوانيءَ جي اِها مستي هِتي ڪانهي هُتي هوندي

تمنّا خاڪ تي وئي آ نہ ڪوئي رهنما ساٿي
دلِ برباد جي مرضي هِتي ڪانهي هُتي هوندي

نظامِ آسمان ٿيو منتشر حالت ڏسي منهنجي
ستارن جي حسين ٽولي هِتي ڪانهي هُتي هوندي

دلِ مضطر گذاري رات روئي تنهنجي فرقت ۾
تسلّي جي مگر لولي هِتي ڪانهي هُتي هوندي

نہ ڪو ساقي نہ محفل ۽ نہ ڪو مئڪش نظر آيو
شرابِ عشق جي تلخي هِتي ڪانهي هُتي هوندي

دغا بازن جي باعث وئي وفا بدنام تي آخر
وفاداري گهٽي ٿوري هِتي ڪانهي هُتي هوندي

بهار آئي مگر "انور" چمن تنهنجو خزان آهي
گلن جو رنگ ۽ سرخي هِتي ڪانهي هُتي هوندي

محبّت ۾ ٻڌوسون ڪونہ تيو ڪو ڪامران ڪڏهين
بتن جي عشق ۾ هر گز نہ ڪوئي شادمان ڪڏهين

سلامت ڪين رهندي تنهنجي هستي آسمان ڪڏهين
سندم آهن جي صدمن ڪان تون ٿيندين بي نشان ڪڏهين

مري ويندو هتي ئي يا ڪندو آخر شفا حاصل
ڇڏيندو ڪين در تنهنجو مريضِ ناتوان ڪڏهين

مون پانيو منهنجي تنهائيءَ جا ساٿي پر ويا گم ٿي
ستارن ۾ نہ مونکي هو اهو وهم و گمان ڪڏهين

اکين جا لڙڪ ۽ تارا تا تنهائي ۾ ڪن ڳالهيون
ٻلن جي آسمان تي خود ٿهي تي ڪهڪشان ڪڏهين

حيات و موت ۽ شام و سحر تي غور ڪر نادان!
اِهوئي فلسفو آهي جو ٿيندو داستان ڪڏهين

سڄاڻپ هر بشر جي رک نہ هِن هُن سان حقيقت ڪر
مثل شيطان جي انسان ڪونہ ٿيندو رازدان ڪڏهين

جبينِ شوق کي دربان تنهنجا ڪهڙو روڪيندا
پريل تون خون سان ڏسندين هي سنگ آستان ڪڏهين

لڳو طوفان ڪِري بجلي جلي ويو خاڪ تي پکڙي
ڪري گڏ ڪانو ڪانو جو بنايم آشيان ڪڏهين

نيائڻ لئہ ڏنئہ وعدو مگر مون کي يقين آهي
سنڀاليو ڪين ٿيندو توکان هيءَ بارِ گران ڪڏهين

ٽٽي ڪشتي پڌڻ جو وقت ويجهو آهہ آيو پر
ڏٺم طوفان جي شورش ۾ نہ ساحل جو نشان ڪڏهين

لڳائي جان جي بازي نہ هٽندو پوئتي "انور"
وٺي ڏس زندگيءَ ۾ ئي وفا جو امتحان ڪڏهين

محبت ۾ جو خود کي ماري چڪو
اُهو پنهنجا چڙ قول پاري چڪو

رقيبن سان گڏجي جو گهاري چڪو
يقيناً مون کي سو وساري چڪو

انهي کي مليا دين ۽ دنيا ٻئي
جو هڪ رات توسان گذاري چڪو

انهيءَ کي چوان چو نہ مان بي وفا
جو هر ياد دل تان مساري چڪو

ڪڏهين نيٺ محسوس سوئي ڪندو
جو عاشق کي در تان ڌڪاري چڪو

اوهان جي جدائيءَ ۾ روئي تہ ڪو
ڏيا نيٺ ڳوڙهن جا ٻاري چڪو

اوهان جي محبّت ۾ "انور" صنم
شَمَعَ جان جواني بہ ڳاري چڪو

محبوب جي اچڻ جو اُت انتظام ڪر
محفل سينگار پنهنجي اکڙين کي گام ڪر

مطلوب گر جواني هڪدم نثار ڪر
تون شانِ دلربا ۾ هي اهتمام ڪر

ڳوڙها اُگهي ڳلن تان مرڪي وڏاءِ وک
پنهنجي سڄي ڪمائي هن تي تمام ڪر

رخ تان هٽائي پردو ظاهر اگر ٿئي
سجدي ۾ تون ڪري پئہ نوڙي سلام ڪر

جيڪي چوي تہ ها ڪر ناراض جئن نہ ٿئي
تارا تڪڻ رئڻ ۽ ڦتڪڻ حرام ڪر

اڄ رات هن جو مونسان انجامِ وصل آه
موليٰ! صبح مٽائي جلدي تون شام ڪر

ڪجھ شان دلربا جو اي دل خيال ڪر
جوشِ جنون ۾ الفت هرگز نہ عام ڪر

ياڻين جي توتي دلبر ٿئي مهربان تہ تون
جهولي جهلي تي سائل هُن سان ڪلام ڪر

تقدير پل ڪلي ۽ تدبير ٿئي مخالف
سر رک اَڏيءَ تي پنهنجو ۽ احترام ڪر

تو وٹ اچي هلي ۽ توکان سوا مري
پيدا صنم جي دل ۾ ايڏو مقام ڪر

گردش ۾ آ صراحي مايوس ڪين تي
گوڏا جهڪاءِ هڪدم ٻڪ کي تون جام ڪر

بس التجا اِها آ محبوب تو اڳيان
"انور" غلام ڪي تون پنهنجو غلام ڪر

محبوبَ منهنجو آ رکيو مهمل ۾ فيصلو
تيو قيد اُن جي زلفِ مسلسل ۾ فيصلو

جئن عشق کي مون سمجهيو آسان پنهنجي لئه
قسمت وجهي تي تئن وڏي مشڪل ۾ فيصلو

حاصل چڪور کي بہ نہ تي وصل عشق ۾
هي تيو عدالتِ مه ڪامل ۾ فيصلو

سوري تنين جي سيج مرڻ جن مشاهدو
ڪهڙو بہ پل تئي خنجرِ قاتل ۾ فيصلو

اهڙي نگاه ڏار جهان ۾ جتي ڪجي
هڪ ئي نظر سان جاهل و عاقل ۾ فيصلو

هاڻي ڏکن سکن جو ڪجي ڪئن مباحثو
اهڙو ڪجي ها جادهٔ منزل ۾ فيصلو

مرندي مري وڃان تہ سدا تون ئي تون چوان
ڪيڏو بلند تيو دلِ بسمل ۾ فيصلو

مشڪي تي ڪائنات خوشي روح ۾ بہ آهہ
"اڄ عقل و عشق جو تيو محفل ۾ فيصلو"

ڪشتي اجايو چو تو رلائين فريب ۾
هرگز نہ تيندو موج ۽ ساحل ۾ فيصلو

صحرا نشينَ عشق ڏنو جڏن ئي قافلو
تيو زندگيءَ جو پردهءِ محمل ۾ فيصلو

دنيا جي دوستن تي نہ آهي ڪو ڀروسو
"انور" هي آزمائي ڪيو دل ۾ فيصلو

مرّوت ناهہ پنهنجن ۾ شناخت ناهہ يارن ۾
اڃي ڪينو پيو ڪاهي قسم سان قربدارن ۾

ٽني پيو پروسو سارو لُٽي آ ساک الفت جي
وفا جا وڻ ويا وڍجي جفائن جي سهارن ۾

سچو اڄ ڪلهہ چڙهيو ڦاهي ۽ ڪوڙو تيو ڪلي ڪيرو
اُگهاڙو آهہ تيو اخلاص ڪوڙن اعتبارن ۾

ڪنن سان لڙ تون مانجهي ٿي نہ ڪر ڪو پروسو ڪنهنتي
نہ تيندو فيصلو هرگز تہ موجن ۽ ڪنارن ۾

تيو رت چاڻ اڄ گلشن سندم دل جي تمنّا جئن
"الائي ڇو خزائن جي ڪيم ڳولا بهارن ۾"

سندم سر آهہ هڪڙو ۽ سچائيءَ تان ڪبو صدقي
لکج منصف خدا لڳ منهنجو نالو جان نثارن ۾

ڏياج آهي نہ ٻيجل ڪو نہ ڪو گرنار ۾ وانگهي
نہ ڪو ماتم نہ ڪو ٻتڪو نہ سورت سوگوارن ۾

جبل جو جور ساڳيو آ لڪن جي لانڊ ساڳي آ
پڙاڏو اڄ بہ سسئيءَ جو تو سڏجي ڪوهسارن ۾

اڄوڪي مارئي زنجير ۾ جڪڙيل تي ٻاڏائي
اُهائي لوچ ساڳي آ مليراڻن ڏرارن ۾

اسانجا فعل مَتجي ويا وڏا سڏجون تا نالن ۾
اجا پي ڪجھ نہ ڪجھ چئجي رهي ساچاھ ٻارن ۾

هزارين غيرتون مفلوج تي وييون خدا جو سنهن
لڳن عزت تي ڏاڙا تا اشارن ئي اشارن ۾

تميز آهي نہ ڪا اڄ ڪلھ گناهن ۽ ثوابن ۾
عجب آ پاڪبازي آھ ڦاٽي ٻن ترارن ۾

چئون ڪنهنکي ٻڌون ڪنهنسان اسين پٿر مِثال آهيون
نہ تيا شمس و قمر ساٿي نہ دلداري ستارن ۾

تياسين ڪوڙ ڪان باغي سچائيءَ جا تہ سودائي
سدائين ڏوڪو ڪاڏوسين اجاين اعتبارن ۾

تيس مانوس اڄ "انور" رڳو سورن ۽ سختين سان
"الائي چو خزائن جي ڪيمر ڳولا بهارن ۾"

مستي جنابِ عشق جي وارفتگي غضب
ديوانگيءَ جي روح سان وابستگي غضب

محروميءَ وصال جي ذوقِ طلب عجب
بربادي‌ءِ حيات ۾ ديوانگي غضب

مئڪش جو روح شوقِ تقاضا جوان ڏسي
ساقيءَ جي هر نگاهه ۾ آزردگي غضب

اُف! ڪوهِ طور تي ويو پرزا ڏسي چمڪ
موسيٰ جي لاءِ جلوهٔ تابندگي غضب

سرهاڻ ساڻ واسجي گهر منهنجو اڄ ويو
منهنجي اڱڻ جي آه تي فرخندگي غضب

دل پارا پارا تي وئي چڻ برق پئي ڪري
اُف! بي نقاب يار جي رخشندگي غضب

پيڙا جا روز روز تا پڙلاءَ پون هتي
محرومين جي دؤر ۾ افسردگي غضب

اڳتي وڌون ته ڪيئن رهِ منزل نتي ملي
خوشين جي هر تلاش ۾ درماندگي غضب

هر نقش پا چُمي تو ڪري سجدا روز روز
جوشِ جنون ۾ عشق جي هيءَ بندگي غضب

جلوهٔ نمائي يار سراپا قيامتون
انداز ناز مرڪ ۽ دُزديدگي غضب

دانا ٻہ منهنجو درد سڃاڻي نٿا سگهن
شوريده سر جي آھ تي آشفتگي غضب

چاهت جو ڪنهن طرح سان بلو ڪين ٿي سگهيو
"انور" هي آرزو جي سڃي زندگي غضب

مسجد ۾ امامن جي ئي جڳھہ موجود ٿيا ميخوار نوان
ڏيکاري قضا ٿي اهڙي طرح ئي رنگ نوان اسرار نوان

اڄ ماه ِلقا جا مان ٿو ڏسان سينگار نوان جنسار نوان
ڪئن دل کي سنياليان جنهنتي وري صدمن جا ڪري پيا بار نوان

هن دل جي تمنّا ڪير ٻڌي آ ڪير وري جو غور ڪري
تا لڙڪ وهن برسات مثل ڪئن هن سان ڪيان اظهار نوان

هو ڪوڙا سچا تنهنجا ته پراڻا قول به مون منظور ڪيا
سي يار نيائج ڪونہ گهران ٿو توکان وري اقرار نوان

چو توتي حڪومت آهہ فلڪ هڪڙيئي قمر جي سج ته ٻڌاءِ
سمجهان ٿو ائين تارن به بڻايا پنهن جا وجي دلدار نوان

هن دور سندو بنياد ٻدّل آ ظلم و ستم تي جاڳ ستا
اُت توڙي اِنهيءَ کي پيدا ڪيون ماحول نئون معمار نوان

وارن کي ونگي تو دل کي ڏنگي چشمن جا هٽي تو تير تکا
تو درد الم جا تحفا ڏئي جلون جا ڪري تو وار نوان

پروانا ٻري ٿيا خاڪ مگر توکان ته مليو هڪ شعلو فقط
اي شمعِ حسين تنهن جي ئي اڳيان بي موت مرن تا يار نوان

ورهن کان ملي هئي رات هڪي پر سا به ڦٽي اي جانِ وفا!
تيو لطف و ڪرم تنهن جو ته پري پر آٽي وڏءِ تڪرار نوان

رهبر به ويو ڏئي سخت دغا هر ڪنهنکان ڪيم موهوم پڇا
منزل تي رسڻ مشڪل ته لڳو اڄ اهڙا مليا ڏس پار نوان

ڪمزور تين ٻانهون نه ڪڏهن گر تنهنجي وفا جو ساٿ رهي
پرواهه ڪجي ڇو ڪنهنجي سڄڻ پل پيدا ٿين اغيار نوان

هِن پار پرائي ريت رسم هُن پار نوان دستور ڏسي
هي ماڪ ڇڏي ويراڳ وٺي منظور ڪيا مون پيار نوان

تارن جون اکيون لڙڪن سان ڀنيون اونداهه ڦِٽي ۽ ٻاڪ ڦُٽي
ٿيا وقت جدائيءَ جا ته اچي چو پاسي وري آثار نوان

اکين ۾ ڪجل، رخسار رنگين، لب لال ٿيل، هٿ ميندي رتل
اڄ ڪير مري يا ڪير جئي دلبر جو ڪيا سينگار نوان

ڪي پي تا اُتن اُٿندي تا ٿڙن ڪي مست ٿيو هرهر تا گهرن
اڄ بزم ۾ ساقي تنهنجي ٿيا موجود اچي ميخوار نوان

هن زهر وٺو قاتل ۽ ڪڙو "انور" ڪي ڏنو سقراط سڏي
هر سرڪ تي تو لک پيرا جهڪي احسان مڃي صد بار نوان

مطلب پرست دوست ۽ يارن کي چا ڪبو
بي فيض رهنما جي سهارن کي چا ڪبو

طوفان تند و تيز ۽ گرداب ڪر قبول
خاموش بي زبان ڪنارن کي چا ڪبو

تنهن جي اکين ۾ آهه ڪا مستي شراب جي
مئه پي اجايو ڪيف و خمارن کي چا ڪبو

تاريڪ دل جي گوشه ۾ آ نور جو ظهور
داغِ جگر جلاءِ ستارن کي چا ڪبو

خاموش زندگي ۾ تلاطم جو آ ضرور
موجن کي چا ڪبو ۽ ڪنارن کي چا ڪبو

خود اعتماد تي تون قدم راهه ڏي وڌاءِ
هن پر فريب گرد و غبارن کي چا ڪبو

افسانهء حيات ڪرين مختصر متان
اي دل رکو ڪنايه اشارن کي چا ڪبو

سچ کي سدائين دل ۾ تون "انور" هنڊائي ڏس
هن بي بقا جهان جي نظارن کي چا ڪبو

مقامِ آه و فغان ڪان پري مڪان نہ هجي
هجومِ ياس هجي ڪوبہ همزبان نہ هجي

صنم جي راز جو ڪوئي بہ رازان نہ هجي
حضورِ حسن جو افشا هي داستان نہ هجي

خدا ڪري تہ صنم مونکان بدگمان نہ هجي
رقيب سان ڪڏهن محبوب هم زبان نہ هجي

جنابِ حسن جي منزل نصيب ڪين تي پر
قدم قدم تي جنونِ عشق مهربان نہ هجي

سڪون نصيب هجي عيش و طرب ڪين ڪپي
فراق، ياس، الم، رنج و غم، فغان نہ هجي

تمام رات صنم جو جمال ڪافي آهہ
نہ ماهتاب هجي ۽ هي ڪهڪشان نہ هجي

نہ تون نہ مان نہ رهي ڪائنات جو ڪو وجود
نہ عيش و طرب سهي ڪوئي نوح خوان نہ هجي

رهي تو رنگ ۽ بوءِ سان چمن معطر تي
بهار اهڙي ڪپي جنهن ۾ ڪا خزان نہ هجي

ملڻ جي رات هجي ۽ هجان مان توسان فقط
حجاب جو مونکي تو ۾ ذرو گمان نہ هجي

قرار طرب خوشي هم ڪنار تيندي جڏهن
"زمين اهڙي هجي جنهنجو آسمان نہ هجي"

نظر فريب تي "انور" فنا ٿئي ها مگر
قتيلِ عشق تي جيڪر ڪو امتحان نہ هجي

مڪانِ دل تو ڳوليان چار سُو مان لامڪان بنجي
ڪڏهن شايد پوي سر منهنجو سنگِ آستان بنجي

لُٽي ويو قافلو ظالم اميرِ ڪاروان بنجي
ستم ههڙو ڪري ڪو ڪونہ ڪنهن جو پاسبان بنجي

نہ ايذا ڪر ستم مونتي صنم تون سخت جان بنجي
لُٽين چوٽو سندم دل کي يلا روحِ روان بنجي

وڃايم راهہ ۾ اڪيون سراپا ميزبان بنجي
جڏهن نا مهربان آيو سندم گهر مهربان بنجي

تي روئي سوز مان بلبل بهار آئي خزان بنجي
ڪيو تو پائمال آهي گلن کي باغبان بنجي

اکين جا لڙڪ ۽ تارا تا تنهائي ۾ ڪن ڳالهيون
ڳلن جي آسمان تي تي پوي اڄ ڪهڪشان بنجي

هي تنهائي فراق و غم نہ ساٿي رات ڪاريءَ ۾
ستارا تا رئن مون سان شريڪِ داستان بنجي

مگّان تو بيک در تنهنجي سخي ڏاتار تون آهين
مدايون ميٺ تون منهنجون سچو ستّار تون آهين

بکيو نادار مان آهيان سکيو زردار تون آهين
سهارو سربسر منهنجو اڙين آڌار تون آهين

گلي ڪوچي ۾ تون آهين سرِ بازار تون آهين
عشاقن جي صفن جو يَرَ سپهه سالار تون آهين

نگارِ حسن آهين سونهن ۽ سينگار تون آهين
سڄي دنيا جو جلوو جوڙ ۽ جنسار تون آهين

سراپا نيڪ سيرت يار خوش اطوار تون آهين
نهايت خوبصورت صاحبِ ڪِردار تون آهين

مٺو محبوب موچارو اکين جو ٺار تون آهين
غريبِ بي نوا آئون ۽ شاهوڪار تون آهين

بهارن ۾ سمن سوسن جي آ بي سود ڇڻ ڳولا
گلِ لالا ڪان بهتر غيرتِ گلزار تون آهين

سندءِ ڪرم و نوازش جو رهان تو روز شب طالب
خدا جو آ قسم منهن جو اڪيلو پيار تون آهين

ڏيکيندين تون تہ تنهنجو وڙ منا هر بار ڳائيندس
”سندم عشق و محبت جو سڄڻ سردار تون آهين“

هٿائي منهن تان پردو ناز سان مرڪڻ وري وارڻ
اِهو انداز محبوبي ۾ جلويدار تون آهين

طلبگارن هزارن ۾ قبوليو مونکي تو آهي
مڃان تو جان من بيشڪ وڏو وينجهار تون آهين

اُڃايل کي چڪو ساقي پيارينديں تہ جي پوندو
پلا ڏي ڪجهہ تہ ڏي اڄ مائل مئخوار تون آهين

رکج ساقي گريءَ جي آبرو ميڪش مرن اڄ ۾
پري ڏي جام ميخاني سندو معيار تون آهين

مڃي مون آهہ تو ۾ يار اعجاز مسيحائي
جيارين يا ڪٺي مارين مٺا مختار تون آهين

سندءِ در تي ٽئي تي آرزو عاشق سندي پوري
ڪرم گستر مٺو محبوب مٺيا دار تون آهين

جنين توکي نہ سمجهيو سي ويا "انور" تہ گهاٽي ۾
سندم آسن اُميدن جو ڏٺي دلدار تون آهين

مليون نظرون لهي ويو اجتناب آهستہ آهستہ
محبت ۾ ويو تي ڪامياب آهستہ آهستہ

اچي جذهين تو رشڪِ ماهتاب آهستہ آهستہ
ڪري سر شرم کان خم آفتاب آهستہ آهستہ

نہ دل کو غم سهي ياس والم جي آرزو ڪانهي
جنونِ بيخودي تي هم رڪاب آهستہ آهستہ

پچايو پاڻ پرواني مصيبت ۾ تہ چا تي پيو
جنون ۾ شمع پيي ڳاريو شباب آهستہ آهستہ

ويو ئي هوش گم وحشت وئي طاري تي دنيا تي
هٽايو يار جئن منهن تان نقاب آهستہ آهستہ

سوالِ وصل سان گڏ مون ڪئي جا التجا مخفي
هتي دشمن بہ آهن ڏي جواب آهستہ آهستہ

گلن سان بزم تي سينگارجي تُنهنجي ڪري همدم
اچو محفل ۾ اي عالي جناب آهستہ آهستہ

ڏنا ڏادا ڏئي مونکي نہ ڪر محروم مستيءَ کان
پري ڏي ساقيا جامِ شراب آهستہ آهستہ

عروسِ نو جي خلوت ۾ نہ ڪر دپ ڪو دلِ نادان
شبستان ۾ لهي ويندو حجاب آهستہ آهستہ

ستمگر لوڏيو مونکي اوهان محفل مان چو هڪدم
تيس جڏهين اوهان وٽ بارياب آهستہ آهستہ

جفا منجي وفا تيندي دغا "انور" فنا تيندي
اچي ويندو جهان ۾ انقلاب آهستہ آهستہ

مليون نظرون نگاهن جو تيو واپار هڪ پل ۾
هٽايو هُن نقاب رخ ڪيم ديدار هڪ پل ۾

زمانو ڪجهه بہ سمجهي پر سچائيءَ ڪي رُڪاوٽ ناهه
محبّت جو سچڻ مون سان ڪيو اقرار هڪ پل ۾

جدائيءَ ۾ گهڻو عرصو گذاريوسون مصيبت سان
ڏسي هڪ ٻي کي اڄ وئي روڪجي رفتار هڪ پل ۾

اهو معصوم چهرو ۽ اُها ساڳي نماڻائي
ڏسي مونکي ويا تي سرخ رو رخسار هڪ پل ۾

گهڻي شڪوه شڪايت هئي مگر بند هئي زبان بلڪل
لبن تي روڪجي وئي آ سندم گفتار هڪ پل ۾

لڪايو مون گهڻوئي پر نہ ڳوڙهن ڪان لڪايو تيو
تيو مشهور افسانو سرِ بازار هڪ پل ۾

خزان ويئي بهار آئي خوشيءَ ۾ آهه "انور" اڄ
سندم دل جو سڄو رڻ پٽ تيو گلزار هڪ پل ۾

منهنجا هي سڀ وسيلا توتان نثار آهن
وعدا حقيقتاً تي ويا دل فگار آهن

هن غم نصيب کان يَر چا تا پڇو کهاڻي
بس لڙڪ منهنجا باقي تيا رازدار آهن

هرڪو تو هن جهان ۾ خوشيون مزا ملهائي
منهنجي نصيب ۾ ئي دکڙا هزار آهن

هر ڪنهنکي آهہ سر جي ويجهو نہ ڪوئي ڪنهنکي
"مطلب جي آهہ دنيا مطلب جا يار آهن"

دل ۾ دغائون ڏاري ڪوڙا ڏين دلاسا
اهڙا نوان ستمگر هت بيشمار آهن

آسان علاج ڪونهي ديدار کان سوا
مونتي ٿني پيا اڄ مشڪل جا بار آهن

زخمن تي لوڻ پرڪڻ ۾ احتياط ڪريو
هي دل جگر اڳي ئي تيا داغدار آهن

تون ئي مونکي وڻين تو تنهنجو ئي آهہ سودا
حالانڪ هن جهان ۾ ڪئين شاهڪار آهن

هن درد جو مداوا ڪنهنکان نہ تي سگهي تو
هي زخم ڪنهن ستمگر جو يادگار آهن

اِن کان وڌيڪ "انور" ڪهڙا ڪپن دلاسا
تارا بہ تنهن جي غم ۾ تيا بيقرار آهن

منھنجي سجدن کي آجھي بخشيو
ذوقِ عـرفـانِ بـنـدگـي بخشيو

ڏيئي خوشيون نتا سگھو نہ سھي
لذّتِ غم وري وري بخشيو

ظلم و فرقت جي انتھا ڪريو
منھنجي شعرن کي نغمگي بخشيو

مرڪ اوتي پيان اڃو اوري
تشنہ لب کي ڪا تازگي بخشيو

نوڪِ خنجر سان اڄ وڏي چيري
زخمِ دل کي شگفتگي بخشيو

مست نيڻن ۾ گم تيڻ تو گھران
سر خوشيءَ سان بيخودي بخشيو

پنھنجي رخ تان پري ڪري گيسو
"سالِ نو کي ڪا زندگي بخشيو"

مان پيان ڪئن پيان نئون جو تيس
مونکي آدابِ ميڪشي بخشيو

منھنجي دل جي ھيءَ آرزو بہ پڏو
جام مونکي اوھان بہ پي بخشيو

مان پيڻ تو گهران ڏيو تہ سهي
پل ڪٽي زهر جي وٽي بخشيو

اڄ لبن ساڻ مهر ثبت ڪيو
آه و افغان کي خامشي بخشيو

دل تي چاهي تہ روز شب پوڇيان
مونکي صَّناعِ بت گري بخشيو

مي ڏسي محتسب اچي بقليو
مونکي موليٰ جي لڳ چُڪي بخشيو

مان اوهان سان ڪيان ڪا گستاخي
مونکي ايڏي نہ خودسري بخشيو

مان حقيقت کي واشگاف ڪيان
اهڙا اوصافِ سرمدي بخشيو

ذڪرِ سرور زبان تي ورد اتم
حرمتِ شانِ سروري بخشيو

لاالا جون هدايتون ڏيئي
مير مرسل جي پيروي بخشيو

پنهنجو "انور" اوهان کي پرتو آ
هي ملاقات دائمي بخشيو

مون جنکي يار سمجهيو تي اُهي اغيار بنجي پيا
مون جن سان پيار ڪيو تي سي ڦري غدار بنجي پيا

پريشان تنهن جي رخ تي جي پريشان وار بنجي پيا
تياتو لءِ نوان سينگار مون لئه وار بنجي پيا

ڪريا جي لڙڪ اکين مان ڳچيءَ ڳل هار بنجي پيا
نصيبِ زار لئه جڻ جوڙ ۾ جنسار بنجي پيا

جهان ۾ عشق وارن لئه عجب اسرار بنجي پيا
فراق و غم جي صدمن جا ڪئين معمار بنجي پيا

بهارِ عشق ۾ تڪميل جا آثار بنجي پيا
دلِ ويران ۾ هي آخر گل و گلزار بنجي پيا

جنون ۾ ڪئين سرِ بازار ڪاروبار بنجي پيا
ڪي تنهنجا يار بنجي پيا ڪي منهنجا يار بنجي پيا

شفا مائل جڏهن هي عشق جا بيمار بنجي پيا
ستمگر سي اچي آخر ڦري دلدار بنجي پيا

غمِ فرقت ۾ خاموشي جفائن ۾ سهڻ جي دل
اِهيءَ دستور سان منهنجا اوهان سان پيار بنجي پيا

مونکي تيرِ نظر تنهن جي ڪيو گهائل تہ ڇاتي پيو
ڇگو تيو زخم دل جا هي سيئي غمخوار بنجي پيا

خدا پيدا ڪيو احسن هو انسان کي جهان ۾ پر
کي خوش ڪردار بنجي پيا ڪي بدڪردار بنجي پيا

بوقتِ قتل اي قاتل اوهان جي نوڪِ خنجر سان
ڪريا جي خون جا قطرا اُهي اشعار بنجي پيا

نہ ڏيٺو آ نہ ڏي پل پر سڪائين چو تو سُرڪيءَ لئہ
اُجايا ساقيا مئخاني ۾ مئخوار بنجي پيا

هي ياري دوستي دنيا ۾ ڏوڪو آ خدا جو سنهن
هئا محسن جي ”انور“ جا اُهي ئي مار بنجي پيا

مونکي بدلائڻي پنهنجي پئي طرزِ بيان آهي
متايو مون رئڻ پنهن جو الم آه و فغان آهي

وجودِ خاڪ منهنجو هي زماني تي گران آهي
نہ منهنجو ڪو چمن آهي نہ منهنجو آشيان آهي

سدائين مون سٺو آهي ستم جو بار برسر پر
ڪسر تنهنجي رهيل مون ڏي اجا اي آسمان آهي

نہ حاصل دوست جو ديدار ڏکڙن جو ڪنيم سودو
بهارِ وصل ۾ فرقت جي آئي اڄ خزان آهي

هيءُ آهي زندگي خوابِ جواني اي نگاه بد!
ڪٿي اي طالبِ منزل اوهان جو ڪاروان آهي

هي صحرا مون وسائي چو؟! پڇين ٿو سنگدل مونکان
هي اُجڙيل آشيان تنهنجي ڪرم جوئي نشان آهي

هي ڪهڙي بزم ۾ مان اڄ اچي ڦٿس جتي منهنجو
نہ ڪوئي هم خيال آهي نہ ڪوئي هم زبان آهي

هزارين سرد راتيون مون گذاريون آه و زاريءُ ۾
نگاهِ شوق جو مهمان اجا يي لامڪان آهي

تباهي، بدنصيبي، بيڪسي، آه و فغان، فرقت
نہ تون دل هار اي انور اجا هي امتحان آهي

مونکي ملن تا روز دلاسا نوان نوان
تقدير جا ڏسان تو تماشا نوان نوان

هر وعدو وعدو سمجهي ڪيون اعتبار تا
اغيار جوڙي ڪيئي تو طعنا نوان نوان

تاريخ جي سبق مان سبق تو وٺ گهران
نڪري اچن ڪي نڪتا مبادا نوان نوان

تنهنجي نگاهِ ناز سان مخمور تا تيون
گهايل تين سوين گلِ رعنا نوان نوان

ساحل جي آرزو بہ نہ هاراٽو ڪيل آهہ
ٻيڙا ٽٽي پيا لبِ دريا نوان نوان

جوشِ جنون ڪي سپ ڪان مقدم ڪيو اٿئون
سر ۾ سدا سمايون تا سودا نوان نوان

تعبيرِ خواب جو اچي ويو وقت آ قريب
جاڳن تا دل ۾ روز هي جذبا نوان نوان

"انور" بناءِ پاڻ تماشائي روز شب
دنيا ۾ تيندا رهندا تماشا نوان نوان

میخوار کي میخانہ ۾ خمخانا کپن تا
محفل ۾ رهو مست ۽ مستانا کپن تا

جو عشق ڪبو هوش و خرد خام تي ويندا
هن راهہ ۾ ديوانائي ديوانا کپن تا

تاريخ جي هر ورق ۾ عبرت جو سبق آهہ
تحقيق ڪرڻ لاءِ وڏا دانا کپن تا

مون دارِ محبّت تي لڳائي آهہ بازي
بس فتوا ڏيڻ لاءِ اڄ مولانا کپن تا

اخفائي محبت بہ وڏو شرطِ وفا آ
اِن لاءِ بہ دل ۾ رهو تهہ خانا کپن تا

ساقيءَ جي نظر فيض رهو ڪافي نہ شافي
"خوشحال رهڻ واسطي پيمانا کپن تا"

پٿر سان ڪرڻ عشق جو انداز ئي نرالو
هر واٽ ۽ هر موڙ تي بتخانا کپن تا

هڪ لفظ ئي احساسِ تقاضا تو اجاري
اظهارِ تمنّا ۾ افسانا کپن تا

تون ظلم و ستم ساڻ خدا ڪونہ تي سگهندين
يزدان ۾ تہ اوصافِ ڪريمانہ کپن تا

ڪا شاخِ نشيمن نہ بچي توڪان سگهي اُف!
اي برقِ طپان توکي بہ خسخانہ کپن تا

مقتل کي هلي پنهن جي لهو ساڻ اُجاريو
اڄ خنجرِ قاتل کي ڪي نذرانا کپن تا

هن دورِ ڪشاڪش ۾ گرفتار تياسين
"انور" هتي اذهان بہ فرزانا کپن تا

نہ توسان دل اڙايان ها نہ هيڏو غم پرايان ها
نہ بنجن خواب ها خوشيون نہ ڳوڙها ڳل وهايان ها

سڪون مونکي ملي ها جي نہ بتخاني جي پوڄا ۾
خدا سمجهي بت۔بي پير کي ڪيئن سر جهڪايان ها

مٽائي زندگي پنهنجي ڪيان ها سرخرو توکي
مان پنهنجي خون جي ميندي هٿن تنهنجن کي لايان ها

گريبان جون ڏسي ليڙون چو آيو رحم اڄ توکي
اڃا ديوانگي پنهنجي چڏين ها آزمايان ها
(نامڪمل)

نہ تي غمگين اي همدم محبّت ۾ ائين ٿيندو
غلط ناهي هي غم در غم محبّت ۾ ائين ٿيندو

هميشھ زخم کائي زندگي گھارڻ جو عادي ٿي
دوا دارون نہ ڪو مرهم محبّت ۾ ائين ٿيندو

جفا جي ڪسوٽيءَ تي جو وفا جو امتحان ڏيندو
اُهو سڏبو وڏو مجرم محبّت ۾ ائين ٿيندو

ڪڏهن ڪلندين عنايت تي ڪڏهن رئندين تون ظلمن تي
ڪڏهن خوشيون ڪڏهن ماتم محبّت ۾ ائين ٿيندو

تون پنهن جي خود غريبيءَ ۾ ائين قاسي گذاريندين
زبان تي مُرڪ اک پرنم محبّت ۾ ائين ٿيندو

نہ تاب ـ غم بہ آهي پر سهڻ جو ڏارِ مادو تون
صنم ڪان غم ملي هردم محبّت ۾ ائين ٿيندو

رسي ويندين غمِ جانان ۾ اُن منزل تي جت بلڪل
نہ هوندو تنهنجو ڪو محرم محبّت ۾ ائين ٿيندو

بتن جي پيار مان ٿيندو نہ توکي هڙ نڪي حاصل
پلي تن وٽ تون ڪر سرخم محبّت ۾ ائين ٿيندو

ڪري اپ مان گلِ عارض چمي تي چاھ مان ليڪن
اُسون مارين ٿيون شبنم محبّت ۾ ائين ٿيندو

هو پنهنجا ناز توتي آزمائيندو مگر تون ڪر
نيازيءَ سان يقين محڪم محبّت ۾ ائين ٿيندو

ڪري قربت وفا جي طلب ۽ آخر جفا ڪاري
ڪٽي راضي هجين برهم محبّت ۾ ائين ٿيندو

نہ هلندو زور اي ”انور“ نہ زاري با اثر ٿيندي
هجين مخدوم يا خادم محبت ۾ ائين ٿيندو

نہ دمر تي ڀروسو آهي نہ دل تي اعتبار آهي
خدا معلوم انسان کي تہ ڇاتي افتخار آهي

جهان ۾ غم الم کان ناهہ ڪو اهڙو جو ڏار آهي
اُها مخلوق ڳولي ڏي جنهين کي ڪجهہ قرار آهي

اِهو سمجهين بہ تو دنيا سڄي ناپائدار آهي
تڏهن ڀي تو وساريو پنهنجو ڇو پروردگار آهي

نہ آ درڪار رهبر جي نہ ڪنهنتي انحصار آهي
جنون منهنجي محبت جو اڪيلو پاسدار آهي

نہ توکي اختيار آهي نہ مونکي اختيار آهي
اگر آهي تہ سڀ ماحول پنهنجي تي مدار آهي

نہ ساغر تي نہ مئي جي ڪيف تي ڪجهہ اعتبار آهي
ڪٿي تو نيڻ جيئن نازڪ تہ بس ڪيف و خمار آهي

نہ پٽ ڏي تون ستمگر ڏس تہ هيءَ ڪنهنجي مزار آهي
شهيدِ ناز جو باقي اهوئي يادگار آهي

نہ مکڙي ڪا ٽڙيل آهي نہ خوش رنگ مر غزار آهي
الاهي! ڪهڙو گلشن آهہ ڪهڙي هيءَ بهار آهي

مٽائي پاڻ ڪيو تو . هن کي درِّ آبدار آهي
هي تنهنجي عشق جو "انور" نرالو شاهڪار آهي

نہ راتيون خوش نمائي ڪن نہ تارا غم گساري ڪن
جدائيءَ ۾ دلِ مضطر جڏهن کان سوگوار آهي

جڏهن محبوب پيهي هن اڱڻ آيو تڏهن يارو
”اڄوڪي رات محفل جي فضا تي خوشگوار آهي“

الاهي! تنهنجي دنيا ۾ خبر ناهي ڇو ”انور“ جو
نہ ڪِني غم گسار آهي نہ ڪوئي رازدار آهي

نہ عاشق تي چڏيل آهي نہ عامل تي چڏيل آهي
نگاهن جي اثر جو فيصلو دل تي چڏيل آهي

نہ عاقل تي چڏيل آهي نہ جاهل تي چڏيل آهي
اثر تيرِ نظر جو قلبِ بسمل تي چڏيل آهي

نہ قسمت تي نڪي تارن جي منزل تي چڏيل آهي
وصالِ يار جانان شوقِ ڪامل تي چڏيل آهي

نڪي مي تي چڏيل آهي نہ محفل تي چڏيل آهي
مگر ساقيءَ سندي لطف مڪمل تي چڏيل آهي

اثر تنهنجو نہ مونتي ڪجهہ بہ تيٽو آهي اي قسمت!
هي مارڻ يا جيارڻ منهنجي قاتل تي چڏيل آهي

جنون وحشت ۾ هي مجنون اچي تيو موت جي ويجهو
بقائي زندگي ليلائي محمل تي چڏيل آهي

حڪم تيو ليس الانسان اِلاَّ ما سعيٰ آهي
نہ لافن تي مگر سعيءِ مسلسل تي چڏيل آهي

رسي تي روشني جئن شمس کان هردم قمر کي تئن
شعاعِ بخت منهنجو ماهِ ڪامل تي چڏيل آهي

سوالي اڄ سخيءَ جي در سخاوت تو گهري ليڪن
صدا ۾ سوز ۽ تاثيرِ سائل تي چڏيل آ ـي

زماني ۾ نہ آهي زيورِ اخلاق جهڙو ٻيو
وڏڻ انسان جو اُن جي خصائل تي چڙيل آهي

اُهي زردار ڇا ڄاڻن حسينن تي مرڻ جيڪي
صنم جو قدر ڄاڻڻ صاحبِ دل تي چڙيل آهي

هزارين مون ڪيا حيلا تہ منهنجو معاملو طئي ٿئي
ٿيڻ آسان مشڪل جو تہ مشڪل تي چڙيل آهي

هزارين طلبگارن جئن اچي حاضر ٿيو "انور"
قبولي نياز منهنجو ميرِ محفل تي، چڙيل آهي

نہ غمر ڏار آهي نہ غمخوار آهي
حياتي بہ هاڻي رڳو بار آهي

گلن ساڻ لازمر رهيو خار آهي
نہ گل تنهنجو بلبل سدا يار آهي

ڪو جرمِ وفا جو گنهگار آهي
تہ ڪو بزمِ جانان جو سينگار آهي

مان آهيان ۽ مونسان غمِ يار آهي
نہ ڪو درميان اُن جي اغيار آهي

پلي رات ساري تون مهڻن سان مارج
مونکي تنهنجي تڪرار سان پيار آهي

نہ تو ۾ رکان ڪابہ اُميّد ڪائي
فقط ديد لئہ دل طلبگار آهي

هي تنهنجي اچڻ جي سعادت جي باعث
بيابان تيو دل جو گلزار آهي

غلامي قبوليسون "انور" اوهان جي
حقيقت جو سارو هي اظهار آهي

نگاھون ڪنھن حسين سان تيون ملن ۾ آشنائي ڪن
نہ سودي ۾ هو ظالم تا مونسان بي اعتنائي ڪن

بچايان ڪئن ڀلا ڪشتي ڏسي ھي شورشِ طوفان
ڪنارو تيو پري مونکان ھي موجون تيون ڀلائي ڪن

نظامِ آسمان جي بي رخي ايڏي ڏسي آخر
جگر جا داغ تارا بنجي دل ۾ روشنائي ڪن

جڏھن مايوس دل غم کان گذارڻ دور تي چاھي
نہ اکين مان ڪِري ڳوڙھا تا اُن جي رھنمائي ڪن

ستارا ڪن تا سرگوشيون ڏسي حالِ زبون منھن جو
دلِ نادان تي سمجھي مونسان ھو شايد وفائي ڪن

نظامِ دھر اي انسان نہ تنھنجي حال تي ھلندو
ھتي سي ڪامران ٿيندا خدا سان جي سچائي ڪن

نگاھِ ناز تي "انور" نہ ڪر ڪو ڀروسو ڪڏھين
ڪڏھين تا ھو وفائي ڪن ڪڏھن تا ھو جفائي ڪن

نور تنهنجي روشني هرجاءِ درخشان تو ڏسان
آسمان جي هر سطح تي توکي ذيشان تو ڏسان

ورهه ويهي دشمنن جن گهاٽ گهڙيا بي سبب
تن جي گهر ۾ تُنهنجي باعث موت ارزان تو ڏسان

رهنما رهزن بنيو ۽ ويو پڇي مشڪل ڏسي
اُن کي منزل جي اڳيان بي ساز و سامان تو ڏسان

منزلن تي منزلون هي قافلو هلندو رهي
رهه گذر ۾ توسان گڏ مان راهه آسان تو ڏسان

مان رهان تو دشت جي آب و هوا تي ڪيڏو خوش
رهنمائي تُنهنجي ۾ صحرا گلستان تو ڏسان

دل گهري تي منهنجي ڪشتي ٿِل ڪناري تي رسي
تي وجي ڪافور هي جو شورِ طوفان تو ڏسان

امتحان جي ناهي طاقت اي فلڪ! مون ۾ رهي
پنهنجي آتش ساڻ پنهنجو گهر چراغان تو ڏسان

بارها تنهنجي ڪرم سان شرم کان گردن جهڪي
بي وڙن جي عقل تي اڄ طوقِ زندان تو ڏسان

روڪبا هرگز نه هاٽي هي قدم تنهنجي ڪري
پنهنجي دل ۾ ايڏو اڄ مضبوط ايمان تو ڏسان

واتَ وحدت جي وٺي "انور" تو ڇاٽي برملا
ڪفر جي دنيا ڇڏي خود کي مسلمان تو ڏسان

وِرد وحدت ۾ هميشه لا الا پيدا ڪجي
سجدي سجدي ساڻ اثبات ِخدا پيدا ڪجي

عقل ۽ فرزانگي ۾ ارتقا پيدا ڪجي
وحشت ِجوش جنون ۾ انتها پيدا ڪجي

جذبهء اخلاص ۾ ذوق ِدعا پيدا ڪجي
مائل ِجودو سخا قدرو قضا پيدا ڪجي

حوصلن ۾ رفعت ِراه ِهدا پيدا ڪجي
حقَّ جو ڪلمو پڙهي نئين ڪربلا پيدا ڪجي

باعمل انسان رکي چو تو طلب آب ِحيات
دور فاني ۾ سهي فڪر ِبقا پيدا ڪجي

بارگاه ِحسن آڏو ڪين سرتابي ڪبي
سر جهڪائي عشق ِتسليم و رضا پيدا ڪجي

پنهنجي بربادين تي ماتم مان نہ ٿيندو فائدو
"وقت چاهي ٿوتہ وعدن ۾ وفا پيدا ڪجي"

ساقيا عجلت بہ ڪن برخيز دور ِجام را
ڪيف و مستي ميڪده ۾ جابجا پيدا ڪجي

ڇا جو ڪعبو ڇا جي مسجد ڇا جو سجدو ۽ نماز
سرڪ سرڪي معرفت ڪي ساقيا پيدا ڪجي

منهنجي مستي ڪين ڄاڻج بي سبب اي محتسب!
مان پيان ٿو اِن ڪري جئن هم نوا پيدا ڪجي

بزمِ شعرا ۾ جي "انور" ٿو رکين ذوقِ سليم
دادِ تحسين ڪلمۂ صد مرحبا پيدا ڪجي

وفا جا وعدا ڪري سڄڻ تون جفا ڪرين تو خدا خدا ڪر
عذاب مونتي رقيب سان تون وفا ڪرين تو خدا خدا ڪر

پري ڪرين تو نظر نظر کان هٽائي رخ تي وجهين ٿو پردو
الا! تون پنهنجي غلام کان ڪيئن حيا ڪرين تو خدا خدا ڪر

ڏني امانت جڏهن ٻه مون دل نه قدر ڪيو تو ڪڏهن ٻه جاني
وٺي هٿن ۾ مٺا تون دل کي ڳپا ڪرين تو خدا خدا ڪر

ڏئين ٻه تون ٿو پڇين ٻه تون تو وفا جا وعدا وري وري يَر
ٻڌاءِ مونکي اِهو ڀلا تون نه ڇا ڪرين تو خدا خدا ڪر

جو توتان قربان فدا ٿئي تو مري وڃي تو نه اُف ڪري تو
اُنهيءَ فدائيءَ سان دلربا تون دغا ڪرين تو خدا خدا ڪر

ڏکن ۾ ڏولي تڪر ۾ تولي چريو بنائي ڪلين خوشيءَ ۾
ستم زده تي نوان ستم تون روا ڪرين تو خدا خدا ڪر

زخم لڳائي ڪرين تو بسمل ڏسين تو جيئري تماشو منهن جو
کُهين تو هر هر مگر نه خوفِ خدا ڪرين تو خدا خدا ڪر

شروع ۾ تنهنجون هيون ڇا ڳالهيون وساري يڪدم ڇڏيون اُهي سڀ
ستم سان پنهنجي وفا جا وعدا ادا ڪرين تو خدا خدا ڪر

نگاهِ نازڪ سان منهنجي دل آ ڪُسڻ قبوليو مگر اي دلبر
هٿن کي خونِ شهيد جي تون حنا ڪرين تو خدا خدا ڪر

سنڌءِ هي "انور" ستم جو ماريل رهُو سڌن ۾ سڪي مري تو
ٻين تي احسان نوازشون ۽ عطا ڪرين تو خدا خدا ڪر

وفا جي وات تي ويھي جفا ۽ جور سھڻو آھ
نگاھ ِحسن جي منزل اڳيان ھر بار مرڻو آھ

گلن جي شوق ۾ بيوس لڳايم خار سيني سان
ارادو ھو تہ دل کي درد سان مانوس ڪرڻو آھ

مون پرواني مثل سڀ ڪجھ لٽايو تو اڳيان ليڪن
اڃا شايد زماني ۾ مثال ِشمع ٻرڻو آھ

نہ منزل جو نشان آھي نہ ڪنھنجو داستان باقي
وڃاني وات ڇو وھجي اڃا ڪجھ دوُر ڏسڻو آھ

ويا جيڪي اُنھن کيو موت آ منظور الفت ۾
وڃي دلبر جي محفل ۾ وري موٽڻ بہ مھڻو آھ

ھيءَ دل جي آھ مجبوري نہ مونکي ھئي خبر ھھڙي
مليون نظرون تباھيءَ سان ويو تي منھنجو مڱڻو آھ

شراب ِعشق مون پيتو خمار آيو تي گمراھي
اڃا آھيان پياسو مان پري ڏي جام پيڻو آھ

سر ِخم تنھن جو مقتل ۾ سدا "انور" رھي ھُن جي
سدائين دلربا جي ظلم جو ھر وار سھڻو آ

وفادارن اوهان جي هر جفا کي آ وفا سمجهي
اُنهن جي پر اوهان هر ڪنهن وفا کي آ خطا سمجهي

ڪنياسون ڪجهہ قدم اڳتي صنم جو نقش پا سمجهي
مگر ڏوکو هو نظرن جو نہ مون ڪجهہ ماجرا سمجهي

اسان دارو رسن جي ڦاهي آ زلفِ دوتا سمجهي
۽ سالڪ جي نگاهن سا گهڙي آ ڪيف زا سمجهي

اوهان جي هر جفا آ مون سڄڻ مهر ووفا سمجهي
نگاهِ خشمگين جود وسخا ڪرم و عطا سمجهي

فهم منهنجو بہ ڏسجو دوستو محبوب طرفان مون
جفائن کي وفا سمجهي خفائن کي ادا سمجهي

سهي صدما تو سڏڪن جي سهاري زندگي گهاريان
غمن کان مون ڪڏهن آهي نہ پنهنجي دل جدا سمجهي

تون بخشڻ هار آهين گنجِ رحمت تنهنجي دولت آ
خطائون مان ڪيان تو پاڻ کي عفوِ خطا سمجهي

فقط تابِ نظر هڪ ۾ ويو لٽجي متاعِ دل
جنون ۾ چاڪ مون سينو ڪيو پنهنجي قبا سمجهي

گلِ لالا وڃيو سينو دلِ عاشق لهو ڳاڙيو
مگر لاتو هٿن کي تو اڙي قاتل حنا سمجهي

طبيبن هر طرح مونکي کيو جيئن لا علاج اهي
اوهان جي در تي آيس نيث مان دارالشفا سمجهي

هي منهنجي خود فريبي آهه يا وارفتگي چئجي
کيو بي ساختہ سجدو مون پٿر کي خدا سمجهي

کبي نا مهربانيءَ جي شڪايت ڪهڙي اي داتا!
ستم جورو جفا سڀ ڪجهہ ستم سر تي سخا سمجهي

تصدّق هن جي قامت تان فدا رخسار و عارض تان
جهڪيل قاتل نظر کي مون عروسانہ حيا سمجهي

تڪّلف بر طرف جاني هلي آ توکي پرچايان
سوا منهنجي نہ ٻي ڪنهن آهہ تنهنجي مدّعا سمجهي

مداوا دردِ دل "انور" بہ توتي آهہ لازم تيو
کيو مون حالِ دل تو ساڻ آ غم آشنا سمجهي

وفا منهنجي تي تنهن جي آه تي جورو جفا شاهد
سدم آه و فغان تي تيو ستم صبر آزما شاهد

سر فرقت جي وحشت جا ثيا دشت و بلا شاهد
جي عادي رڻ جا رهواسي اُهي آهن ثيا شاهد

هي بيشاني عبادت لاءِ تيندي چا يلا شاهد
نماز عشق جي سجدن ۾ تنهنجا نقش پا شاهد

شب خلوت ۾ تنهنجو اي عروس نوحيا شاهد
جناب حسن ۾ تيو جذبهء دل بارها شاهد

وفا جي ابتدا تي آ جفا جي انتها شاهد
اوهانجي بي رخي شاهد اسان جي التجا شاهد

هي گيسو خاڪ آلوده ۽ هي چاڪ قبا شاهد
جنون عشق جو تيو آ الائي چا جو چا شاهد

مريض ناتوان پنهنجي صحت لئه ڪم نه ڪوشش ڪئي
مسيح الملڪ ۽ دارالشفا شاهد دوا شاهد

فراق يار جي صدمن ۾ اکيون اشڪ آلوده
جگر شاهد الگ آهي ۽ داغ دل جدا شاهد

به حال ڪسمپرسيءَ تي زمانو چا ڪندو آخر
دل مجروح جي زخمن جو آ زلف دوتا شاهد

نه فڪر دوستي آهي نه ڪنهن تي پروسو "انور"
خدا تي پروسو آهي اِنهيءَ جو آ خدا شاهد

وقت اهڙو اهه ايو دوستو!
هڪ نئين دنيا بنايو دوستو!

چو تيو تا غير جا احسانمند
پنهنجي گهر پنهنجي مچايو دوستو!

ڏک ڏسي هرگز نہ گهبرايو ڪڏهن
پاڻ اوڏانهن وک وڌايو دوستو!

ڏک سکن جي سونهن آهن سچ آهہ
درد و غم سيني سان لايو دوستو!

پاڻ ۾ نئين لاٽ پاري عزم سان
چنڊ تارن کي جهڪايو دوستو!

هن زمين جو شل رهي قائم سهاڳ
ڳيچ اهڙا روز ڳايو دوستو!

حقّ جا حامي تيو ۽ ظلم کي
مڙس ٿي ماري مچايو دوستو!

سونهن روحاني ملي ٿي سچّ سان
ڪوڙ تي ڪيٽون وهايو دوستو!

هيتري آ پاڻ سان ٿي پوءِ بہ چو
آزمايل آزمايو دوستو!

هاءِ حياتي! درد جي بجلي غم جا بادل ڏک جا پاڇا
تن من جي مون بازي لڳائي آشا وچڙي آئي نراشا

گلشن گلشن صحرا صحرا ڀٽڪي ڀٽڪي چين نہ پاتم
وچڙيل پنُ جيئن واءِ ۾ ونجي نيٺ ٿئي تو خاڪ جا ذرڙا

پيار اُجايو ساھ سڪائي لوساتي تو جسم جواني
ٿڪي ٿڪي سور سھايم اُف نہ چيم جيئن دکڙا آيا

ونئڻ جي گل جيان پاڻ وڃائي پيار جو نالو روشن ڪريان
ڪين پلئہ پئي ڪا آس اندر جي نيٺ ٿني پيا دل جا ڏاڳا

دشمن بنجي پنھنجا آيا جوت جي اگني آھ اُجھائي
مون لئہ آھي رات انڌاري ڪٿ تا چمڪن چنڊ ستارا

نينھنجي خاطر انور آخر پوڇاري آ تنھنجو ٻٽيو
ماڻ ڪرين چو ڪين ڪڇين تو ڪا تہ سخا ڪر دل جا داتا!

هجر مدت کان اچي مهمان ٿيو
عشق جو گويا مٿم احسان ٿيو

مشربِ زاهد ۾ آيو انقلاب
صحنِ مسجد محفلِ رندان ٿيو

يا خدا تنهنجي خدائي ۾ ڏٺم
مشڪلن سان ڪو ڪٿي احسان ٿيو

ياد آٽي داغِ دل داغِ جگر
"چنڊ حسنِ يار کان حيران ٿيو"

هو نزع جي وقت آيو مرحبا
موت منهنجو ڪنهن طرح آسان ٿيو

روئي روئي منهنجون اکيون خشڪ ٿيون
دل ۾ پيدا نوح جو طوفان ٿيو

زندگيءَ کان زندگي ڪسجي وئي
حادثو هي گردشِ دوران ٿيو

رهنما ڪوئي نہ آهي راهہ ۾
هم سفر مون سان غمِ هجران ٿيو

هن ڪيو موٽي وڃڻ جو پول جئن
گلشنِ اُميد چڻ ويران ٿيو

دل جي ڪشتي ڪئن بچائي تو سگهي
جنهنجي آڏو بحر بي پايان تيو

اُن جو درجو آ شهيدن کان وڏيڪ
جيڪو تنهنجي نام تان قربان تيو

هڪ نگاهہِ نيم واسان حشر برپا تي ويو
حادثو هي زندگيءَ جو روح فرسا تي ويو

ضبطِ غم هوندي بہ ڳوڙها پيا ڳڙي بي اختيار
لوڪ سارو چار سو محوِ تماشا تي ويو

هو اچي تو مون کي هرڪو تو مبارڪ ڏي هلي
مرحبا! محبوب جو اڄ وعدو ايفا تي ويو

ڏيري ڏيري ڪوئي آيو ناز ۽ انداز سان
رنگِ محفل هن جي باعث اڄ دوبالا تي ويو

ڪين تيو ڪنهن پر غُرورِ حسن آهي ڪامياب
رفتہ رفتہ پٿرن ۾ پيار پيدا تي ويو

مون ڪئي ڪوشش مگر بيتابيءِ دل جي ڪري
عشق منهنجو شهرِ جانان پهتو رسوا تي ويو

عظمتِ گلزار هردم آهہ محتاجِ بهار
باعثِ فيضِ جنون هي صحرا صحرا تي ويو

هي وجودِ ڪائنات آهي ظهورِ عشق سان
تا ازل انسان تي الله شيدا تي ويو

فهم ۽ ادارڪ هوندي ڪين دانائي ملي
"جو گهٽو مخفي رکيم سو راز افشا تي ويو"

حسن آڏو بي زبان خاموش سڏڪا تو پريان
نار نيڻن جا وهي پيا جاري دريا تي ويو

طالب المولىٰ جي محفل ۾ نئين سر دوستو
هر خوشيءَ جو ساز و سامان اڄ مهيّا تي ويو

تون پئين تو پيجان "انور" محتسب سڪندو رهي
هن جو مسلڪ تنهنجي آڏو پرزا پرزا تي ويو

هم نشينو دلربا آهي ڪٿي
هم زبان ۽ هم نوا آهي ڪٿي

جام تون مونکان پري ڇوٿو ڪرين
ساقيا! تنهنجي سخا آهي ڪٿي

چو طرف جورو جفا جو دؤر آهي
"هن زماني ۾ وفا آهي ڪٿي"

مون ستايو ۽ ڪيون آزيون گھڻيون
پر رضا منهنجا خدا آهي ڪٿي

دردِدل جي مون دوا ڪيڏي ڪئي
حسرتا! دستِشفا آهي ڪٿي

ڀٽڪي ڀٽڪي راهه کان ڀلجي ويس
منهنجو رهبر رهنما آهي ڪٿي

تا چون "انور" جو دلبر پيو اچي
ڏس ڏيو ڪو مرحبا آهي ڪٿي

هَن جي ائي موت آسان تي ويو
نيٺ منهنجو پورو ارمان تي ويو

غنچئہ اُميّد خَندان تي ويو
ذره ذره اڄ گلستان تي ويو

رقص ۾ مئخانہ آهي واهہ واهہ!
بزم ۾ پئمانہ ارزان تي ويو

هُن جي رنگ بيخوديءَ ۾ ڪيف هو
ساقيءِ ميخانہ حيران تي ويو

چشم ساقيءَ جو ڏٺم هي معجزو
صحن مسجد بزم رندان تي ويو

مون لڪايو پر جنون عشق ۾
منهنجي دل جو راز افشان تي ويو

جو بنايم ڪانو ڪانو گڏ ڪري
آشيانو نذر طوفان تي ويو

موج ۽ مستيءَ ۾ آيا مي پرست
ڪيف ۾ ”انور“ بہ قربان تي ويو

هن دور ۾ بچايون تا عزّت ڏيجي ڏيجي
بيوس جئي تي چار سو غربت ڏيجي ڏيجي

مذهب جو ويو تنازعو اهڙي طرح وڌي
هرجا ڪئي وڃي تي عبادت ڏيجي ڏيجي

مئخانہ مئڪشن جو تيو ميدانِ جنگ آهہ
ساقي پري تو جام عنايت ڏيجي ڏيجي

پردو هٽائي تنهنجي نگاهن مان پي ويس
اهڙي ڪئي اتم تہ جسارت ڏيجي ڏيجي

گل رخ گلاب تنهنجو هلي آ چمي وٺان
توکان وٺان تو مان تہ اجازت ڏيجي ڏيجي

تنهنجي لبن جي مرڪ جڏهن پي ڏٺم تڏهن
با احتياط مون ڪئي حجّت ڏيجي ڏيجي

پردہ نشين مون تنهنجي رکي آبرو پرم
نوسان ڪئي مون آهہ محبّت ڏيجي ڏيجي

تنهنجو ئي آسرو ۽ تعاون جڏهن تيو
دشمن تڏهن رکي تو رقابت ڏيجي ڏيجي

چئني طرف کان غير وڪوڙيو تڏهن ڪيم
تنهنجي حضور نيٺ شڪايت ڏيجي ڏيجي

مون بارگاهِ يار ۾ هٿڙا ٻڌي ڪئي
پنهنجي قصور ڪاڻ وضاحت ڏڄي ڏڄي

اڄجي تہ شير ٿي سرِ ميدان ڪلمر ڪلا
"انور" سان ڇو ڪرين ٿو عيادت ڏڄي ڏڄي

هن ستمر گر کي اگر جورو جفا تي ناز اھ
هن دلِ مظلوم کي پنهنجي وفا تي ناز آھ

زاهدِ شب خيز کي پنهنجي دعا تي ناز آھ
مونکي ليڪن روز شب صبر و رضا تي ناز آھ

حسن وارن کي اگر ناز و ادا تي ناز آھ
عاشقن کي عشق ۾ آه و بڪا تي ناز آھ

جيڪڏهن مونکي مسيحِ مه لقا تي ناز آھ
هنکي پنهنجي ئي مريضِ لادوا تي ناز آھ

جنهنکي هردم پيار واري ابتدا تي ناز آھ
اُن کي منهنجي بيخوديءَ جي انتها تي ناز آھ

عشق جو سودو چمن ۾ آ مهانگو عندليب
پل ڪٽي توکي زبانِ خوشنوا تي ناز آھ

جذبئہ الفت ۾ گهرجي شوق سان گڏ ذوق پڻ
شوقِ بيتابانہ کي غارِ حرا تي ناز آھ

هو تو سمجهي پنهن جي هستي تا ابد ۾ سربلند
زندگي مُنهن جي کي ليڪن تيو فنا تي ناز آھ

هو نگاهِ ناز سان تو دل ڦري شرطون رکي
هن دلِ بيتاب کي قدر و قضا تي ناز آھ

بي نيازيءِ ساڻ بينو بزم ۾ اڄ ناز ور
هن جي اڳيان مونکي پنهنجي التجا تي ناز آهه

مئڪده ۾ اڄ ٿئي ٿو مئه پرستن تي ستم
خود شرابِ سرخ کي دستِ حنا تي ناز آهه

غور جي قابل نه آهن تنهنجا ڏڙڪا مون اڳيان
ڇو ته مونکي هر طرح فضلِ خدا تي ناز آهه

پل هزارن جي تمنّا وصل سان پوري ٿئي
پر دلِ "انور" کي پنهنجي بيوفا تي ناز آهه

هو ٿو ستم ڪري ۽ سزائون روا ڪري
دل منهنجي روز شب تي دعا تي دعا ڪري

ڪو ڪو ٿو هن جهان ۾ وفا سان وفا ڪري
نہ تہ هرڪو يار، يار سان اڪثر جفا ڪري

منهنجي حصول جو بہ طريقو عجيب آهه
پتر ڪيو مون آب مگر التجا ڪري

ڳوڙها ڳڙي ڳلن تي ندامت جا نقش ٿيا
معراج ماڻيو مون خطا در خطا ڪري

وينس وساري هُنکي مان هُن جي مفاد ۾
شايد ڪ منهنجي هُو سرِ محفل پڇا ڪري

هن بدنصيب جي تہ نصيبن جا ڏس نصيب
آسان مشڪلات ٿو مشڪل ڪشا ڪري

چئني طرف هجومِ بتان اڄ الا الا
"هت ڪير ٿو نمازِ محبّت ادا ڪري"

مغرور تي هَوَس ۾ ٿو آمر سڏائي پاڻ
ڪم ظرف کي نہ صاحبِ ثروت خدا ڪري

آهيان فدائي نازشِ جورو قصور مان
شايد لڪي لڪي ٿو عطائون عطا ڪري

هردم سهان فراق جا صدما خوشي خوشي
ايذا تو عشق منهنجا وڏا حوصلا ڪري

کهڙي هي مون تي تهمت ِ تقديس وئي اچي
جرم ِ وفا ۾ ڪوئي تو منهن جي پچا ڪري

"انور" تو چاٽي مون تي ڪري لک نوازشون
حالانڪ تو ستم جا وڏا تجربا ڪري

هي زندگي گذاريم باهم ڪلي ڪلي
انسان ٿئي ٿو شادان پيھم ڪلي ڪلي

تقدير تي ڪيون پيا ماتم ڪلي ڪلي
سھبو فراق ۾ اي دلِ غم ڪلي ڪلي

وعدو وفا ڪرڻ لئہ ھن ڪي جڏھن چوان
تاري ڇڏي ٿو مونکي يڪدم ڪلي ڪلي

اندازِ حسن ڇئجي يا ناز دلنواز
مون تي ٿئي ٿو دلبر برھم ڪلي ڪلي

مقتل ۾ ٿو گذاريان ھي زندگي سڄي
خنجر جي آسري تي تادم ڪلي ڪلي

گلشن جو گوشو گوشو شاداب آھ اڄ
مکڙين جا لب چمي ٿي شبنم ڪلي ڪلي

سا رشڪ جي ئي قابل ڇئبي حيات جو
مخدوم سان گذاري خادم ڪلي ڪلي

پيمانو ڏي ٿو ساقي دل سان اگر يري
پيبو زھر بہ سمجھي زم زم ڪلي ڪلي

بيتاب دل ۾ پيدا محشر جو حال ٿيو
ماہِ لقا نھاريو جنھن دم ڪلي ڪلي

ڪَرڻو پيو چراغان هن جي اچڻ تي گهر
"زخمن تان پنهنجي لاٿم مرهم ڪلي ڪلي"

مدّت ڪان بعد پرچي راضي جڏهن ٿئين
ياڪر مِ مونکي ورتئه پرنم، ڪلي ڪلي

ڪيف و خمار ڏسندي ميڪش اڳيان جهڪي
زاهد بہ اُن جو تي پيو همدم ڪلي ڪلي

تنهنجي رضا جي خاطر سڀ ڪجھ قبول آهه
"انور" ڪري ٿو تو در سرخم ڪلي ڪلي

هي جبينِ شوق رهندي نقش پا جي آسري
رهه گذر تي منتظر تي رهنما جي آسري

تن جو تيندو دين ۽ دنيا بلاشڪ ڪامياب
جي رهن هردم خدا ۽ مصطفيٰ جي آسري

وحشتن ۾ ڪيڏي ناداني ڪري ويئو جنون
ابتدا تاري ڇڏيسون انتها جي آسري

ظلم جو هاڻي ڏبو منهن توڙ ظالم کي جواب
ترسبو هرگز نه تاثيرِ دعا جي آسري

اُن مريضِ لادوا جي حوصلن تي رشڪ آهه
نزع ۾ پڻ جو اجا آهي شفا جي آسري

هيڏو هي هنگامۂ مقتل اجايو ڪين آهه
سر اڏيءَ تي مون رکيو آ صرف ها جي آسري

حوصلن سان توڙبي زنجير استبداد جي
ڪيترو رهبو اجا قدر و قضا جي آسري

حسرتن ۽ ياس و ناڪامين جو اُيريو صبح نيٺ
"رات ساري مون گذاري بي وفا جي آسري"

تنهنجي چهري کي چمڻ لئه منهنجا لب بيتاب ٿيا
دل تي ڏڙڪي مظهرِ شرم و حيا جي آسري

پنهنجي ٻاري پنهنجي ڪائو ۽ گذاريو زندگي
ڪين رهجو آشنا نا آشنا جي آسري

منهنجي خواهش ۽ تمّنا ڪيڏي لا محدود آهه
زنده آهيان مان الائي ڇا جو ڇا جي آسري

با ادب دامن جهلي گوڏا جهڪائي اشڪبار
تنهنجو "انور" تو جهڪي ڪرم و عطا جي آسري

ياد ماضيءَ جا اچن ٿا زندگانيءَ جا مزا
ڪيف زا پر لطف دلڪش نوجوانيءَ جا مزا

تنهنجي رخ کي مان چمڻ لئہ هوس ڏاڍو بيقرار
پر وٺا ٿي تنهنجي زلفن پاسبانيءَ جا مزا

چو ڪنارن جي ڪيان ڳولا جڏهن مونکي مليا
لذّتن جي بحر ۾ سڀ ڪامرانيءَ جا مزا

ساغر و مينا کڻي ساقي نهاريو ناز مان
ٿي ويا حاصل شرابِ ارغواني جا مزا

اڄ اوهانجي بي رخي مونکي نهوڙيو ٿي نئي
مون ٿي ورتا ڪالھ تائين مهربانيءَ جا مزا

تنهنجي هر ظلم و ستم کي مون ڪيو آهي قبول
درد ۾ اڪثر ملن ٿا رازدانيءَ جا مزا

سي نتا ڏاڍن سندءِ ساراھ مان ماہ لقا
جي وٺن ٿا روز تنهنجي قدر دانيءَ جا مزا

تنهنجي آمد گلستان ۾ چڙ تہ آئي نئي بهار
گفتي گفتي مان ملن ٿا گل فشانيءَ جا مزا

سودي بازي چو ڪجي "انور" اصولن کي ڇڏي
پختو ٿي وٺجن حياتِ جاودانيءَ جا مزا

يار مونکان دور تي ويو دل دکن ۾ چور آھ
تو سوا دلدار منهنجي زندگي ناسور آھ

ڪا گھڙي مون سان گذاريو ان جي بدلي دلربا!
هر مصيبت رنج و غم سارو مونکي منظور آھ

سرڪ خاطر تو سڪان سردار ِ مئخاني اڳيان
غير ليڪن بزم ِ ساقيءَ ۾ تيو معمور آھ

ناز ڪر تون عشق منهنجي تي هميشه مه لقا!
حسن تنهنجو منهنجي باعث تي ويو مشهور آ


ڪر اچي روشن مٺا تون منهنجو ڪاشانو وري
اي صنم! هيءُ دل جي دنيا تو بنا بي نور آھ

مون ڏسي دربار ِ دلبر جي ڪيو سجدو اُتي
عشق تيو هر حال ۾ اڄ حسن وٽ مجبور آھ

ڪي ويا ۽ ڪي وڃن تا ڪي وري ويندا هتان
دوستو! دنيا سڄي ٻيڙي سندو هڪ پور آھ

مان رڻان تو تون کلين تو عام چرچا تو ڪري
عشق جو "انور" بنايو ڪھڙو تو دستور آھ

# شاعر



محمد شفيع ولد احمد خان ابڙو المعروف "انور" هالائي، مورخہ ١١- ڊسمبر ١٩٢٥ع تي هالا، ضلعي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. خاندان جي علمي ۽ ادبي ماحول ڪيس ننڍپڻ کان ئي سخن ۽ ادب ڏانهن مائل رکيو: هن ١۴ ورهين جي عمر ۾ شعر چوڻ جي ابتدا ڪئي. هالا جي علمي و ادبي ماحول ۽ ادبي سرگرمين "انور" جي ذوق ۾ اضافو آندو.

لاڙڪاڻي مان شايع ٿيندڙ ماهوار رسالي "اديب سنڌ" جي طرحي مشاعرن ۾ مڪمل طور حصو وٺندو رهيو. سندس پهريون نظم "شاعر" جي عنوان سان ١٩۴١ع ۾ پڻ انهي رسالي ۾ شايع ٿيو.

١٩۴٥ع کان "انجمن علم و ادب" هالا جو سيڪريٽري مقرر ٿيو. ان انجمن جي زير اهتمام "آل سنڌ ادبي ڪانفرنس" ١٩۴٦ع، هالا ۾ منعقد ڪرائڻ ۾ هن وڏو حصو ورتو. "انور" هالائي، هالا جي پختہ قلم ۽ استاد الشعراء مرحوم "اختر" هالائي جو شاگرد آهي.

انور هالائي جو ١٩٥٣ع ۾ هڪ سماجي ناول "آواره" فيروز پبليڪيشن هالا طرفان شايع ٿيو. انور هالائي شاعر کانسواءِ ليکڪ پڻ آهي سندس چڱا خاصا افسانہ ۽ مضمون پڻ لکيل آهن.

"انور" هالائي طالب المولیٰ اورينٽل ڪاليج هالا ۾ ٦٥- ١٩٦٦ع ۾ ليڪچرار پڻ رهي چڪو آهي. "انور" هالائيءَ جو روزانہ "نواءِ سنڌ" ۽ هلال پاڪستان ڪراچيءَ سان پڻ تعلق رهيو آهي ۽ ڪجھ وقت سنڌي ادبي بورڊ جي جڳ مشهور سہ ماهي رسالي مهراڻ جو اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ ماهوار رسالي گل ڦل جو ايڊيٽر پڻ رهي چڪو آهي.

هن وقت اوهان جي هٿن ۾ سندس شاعريءَ جو مجموعو "چنڊ جون ڪلائون" آهي جيڪو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايو ويو آهي.

"انور" هالائي صاحبُ هن وقت ٦٧ سالن جي عمر ۾ پنهنجي ڀرپور زندگي گذاري رهيو آهي ۽ سندس جذبا اڄ بہ اهڙا ئي جوان آهن جهڙا ١٩٥٠ع ۾ هئا.

"انور" هالائيءَ جو گهڻو وقت دؤر حاضر جي روحاني پيشوا ۽ علم وادب جي سرپرست ۽ خادم جناب مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ صاحب جن جي صحبت ۾ گذري ٿو.

ميان الله بچايو يوسف زئي

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.